# CERTIFICATE

This is to certify that Mr. SaeeD Ahmed S/o Jaro khan has carried out research on the topic:

## "ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ جماليات"

## (Aestheticism in Poetry of Miyoon Shah Inaat Rizvi)

He has completed research work under my supervision. His work is original, distinct and dissertation is worthy of presentation to the University of Sindh, Jamshoro. I forward his dissertation to be awarded of the Degree of Master of Philosophy (M.Phil) in Sindhi.

**SUPERVISOR**

**DR. Bashir Ahmed Chandio**
Assistant Professor
Department of Sindhi

University of Sindh, JamshoroPakistan

# ارپنا:

-.-.-.-.-.-.-.-.-.-.-

## والد جي نانءُ:

جنهن اسان جي تعليم کان وڌيڪ بهترين تربيت ڪئي.

## والده جي نانءُ:

جنهن اسان جي لاءِ جفاڪشي ڪري اسان کي نپايو، ۽ اسان جي هر خطا کي معاف ڪري شفقت ڏيکاريندي رهي.

## ڀائرن ۽ ڀيڻن جي نانءُ:

جن ڪڏهن به اهو محسوس ئي نه ڪرايو ته ڪا انهن کي منهنجي پرواهه يا فڪر نه آهي، جن هميشه والد جيئن پيار ڏنو ۽ عزت ڪئي.

***

# پيش لفظ

ڪا به تحقيق حتمي ناهي هوندي، ان ۾ ضرور رد و بدل ٿيندو رهندو آهي. تحقيق جي دنيا ۾ روز نوان انڪشافات ۽ نوان لاڙا ڳولهڻ سان ملي ويندا آهن ۽ تحقيق جا نوان دڳ ۽ رُخ ظاهر ٿي پوندا آهن. تحقيق هڪڙو ڳوڙهو ۽ مڪمل ڌيانَ جو نالو آهي. جنهن ۾ احتياط سان ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ دليلن ۽ ثبوتن جي ضرورت پوندي آهي.

جيتوڻڪ ميون شاهه عنات رضوي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو اهم شاعر آهي. ۽ ان تي اڳ ڪا ٿيسز يا ڪو جامع مقالو نه لکيو ويو آهي. انهيءَ ڪري منهنجي هن تحقيق ۾ به ڪي اوڻايون، ڪي پاسا ضرور رهجي ويا هوندا. انهن رهيل پاسن کي ڪو نه ڪو نه محقق اچي ضرور پورو ڪندو.

منهنجي هن موضوع ”ميين شاهه عنات رضويءَ جي شاعريءَ ۾ جماليات“ تحقيق دوران ميين شاهه عنات جي شاعريءَ جا ڪيئي رُخ سامهون آيا. پر مون ڪوشش ڪري پنهنجي موضوع جي دائري ۾ رهي پنهنجي تحقيق مڪمل ڪئي آهي. چاڪاڻ ته هي پهرين ٿيسز آهي ان ڪري مواد حاصل ڪرڻ ۾ به ڪيئي ڏکيايون پيش آيون. گڏوگڏ لغت جو ڳوڙهو مطالعو ۽ مشاهدو پڻ ڪرڻو به پيو، ته جيئن موضوع جو مڪمل تجزيو ڪري سگهجي. هن تحقيقي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪيئي ڏکايون به پيش آيون، پر ان ۾ منهنجي سپروائيزر ڊاڪٽر فياض لطيف ۽ منهنجي شفيق پاءُ ڊاڪٽر اسحاق سميجو منهنجي هر موڙ تي رهنمائي ڪئي.

اميد ته منهنجو ئي تحقيقي پورهيو سنڌي ادب ۾ جاءِ والاريندو ۽ ڪيترن ئي عالمن، محققن، اديبن، شاعرن ۽ شاگردن جي اُڃ اُجهائيندو.

ٿورا م ٿورا، مون تي ماروئڙن جا.
ٿر ۾ واري ٿورڙي، تنهن کان گهڻيرا
پلايون ۽ پيرا، ڳڻي ڳڻيندس ڪيترا.

(شاهه لطيف)

**باب پهريون**

## تحقيق جوطريقيڪار

## موضوع جو تعارف

قاضي قادن، شاهه ڪريم ۽ شاهه لطف الله قادريءَ کان پوءِ سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾، جن وڏن شاعرن جو ادبي تاريخن ۾ ذڪر ملي ٿو، ميون شاهه عنات رضوي انهن مان هڪ آهي. ميون شاهه عنات رضوي ڪلهوڙن جي دور جو بلند پايي جو شاعر هو. سندس والد جو نالو شاهه نصيرالدين هو، جيڪو نصرپور جي "رضوي" ساداتن مان هو. ميين شاهه عنات رضويءَ کي شاهه عبداللطيف جي همعصرن ۾ ليکيو ويندو آهي ۽ اهو به ڏنو ويو آهي، ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي فڪر توڙي شاعريءَ تي ميين شاهه عنات رضويءَ جو وڏو اثر آهي. هي اهو پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن جو مڪمل رسالو ملي ٿو، جنهن تي سڀ کان اڳ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تحقيق ڪري "ميين شاهه عنات جو ڪلام" جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ پاران سن 1963ع ۾ شايع ڪرايو.

ميون شاهه عنات رضوي سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ "سرود/سُر" لکڻ جي روايت جي باني هئڻ سان گڏ سنڌي وائيءَ ۽ مدح لکڻ جو مؤجد به سڏيو وڃي ٿو. جڏهن ته "مولود" جي شروعات پڻ وٿائنس ٿيندي ڀڄجي ٿي. ميون شاهه عنات رضوي اهو پهريون سنڌي ڪلاسيڪل شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌي لوڪ داستانن کي سرودن/سُرن جي صورت ۾ ڳايو. سندس رسالي ۾ ڪُل 22 سُر آهن، جن ۾ انيڪ موضوع سمايل آهن. ان باري ۾ ڊاڪٽر اسحاق سميجو لکي ٿو: "ميين عنات هڪ ئي موضوع تي بيشمار بيت ۽ وايون لکي، سُر لکڻ جي روايت قائم ڪئي. مٿان ان کي سُر يا سرود سڏي، شاعريءَ کي موسيقيءَ جي قريب آندو." (1)

شاعريءَ نه فقط انسان جي فطري جذبن جي اظهار جو نالو آهي، پر اها جذبن ۽ احساسن جي خوبصورت عڪاس پڻ هوندي آهي. شاعريءَ ۾ جماليات

جو لطف تڏهن ئي پيدا ٿئي ٿو، جڏهن ان ۾ شاعر جو اثرائتو احساس، تجربو ۽ فنائتو اظهار شامل هجي. منهنجي مقالي جو موضوع "ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ جماليات" جو جائزو وٺڻ سان گڏ ان جي ٻولي، فڪر، فهم ۽ ان جي شاعريءَ ۾ موجود مختلف موضوعن اندر جمالياتي عنصرن جي ڳولا ۽ انهن جو تحقيقي اڀياس ڪرڻ آهي.

جماليات:

جماليات سونهن، خوبصورتي، حسن ۽ فنونِ لطيفه جي وڻندڙ صورتن ۽ قسمن جو نالو آهي. جنهن ۾ فطرت جون رنگينيون ۽ زندگيءَ سان جڙيل سموريون حسناڪيون سمايل هجن. ٻين لفظن ۾ جماليات فن، فطرت ۽ ان سان وابسته انساني عملن، مشاهدن ۽ تجربن جو سائنسي اڀياس آهي. سونهن يا حسن جي علم کي "علمِ جماليات" چئجي ٿو.

ميين شاهه عنات جي شاعري، هڪ اهڙي ڦلواڙي محسوس ٿئي ٿي، جنهن ۾ نه فقط پانت پانت جا گل ۽ گلزاريون نظر اچن ٿيون، پر ان ۾ انساني احساسن ۽ ڪيفيتن جي عڪاسي ۽ اُپٽار به انتهائي اثرائتي ۽ موهيندڙ جمالياتي انداز ۾ موجود ملي ٿي. ان باري ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو: "ميين عنات جي شاعريءَ ۾ سونهن جا انيڪ احساساتي، تخليقي ۽ تاثراتي رنگ ملن ٿا. هن جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي حُسن سان گڏوگڏ نه فقط جن جون نُدرتون، نفاستون، تصور ۽ تخيل جي اُڏام ۽ فطرت جي من کي لُڀائيندڙ عڪاسي ملي ٿي، پر هو انسان جي داخلي ڪيفيتن ۽ رحان حُسناڪين کي پڻ ڪمال شاعراڻي ڏات ۽ ڏانوَ سان بيان ڪرڻ جي انوکي سگهه ۽ صلاحيت رکي ٿو." (2)

ميين شاهه عنات وٽ سونهن جا انيڪ موضوع موجود آهن. جنهن ۾ هو تصور ۽ خيال جي اُڏام ڪري ٿو. ان ڪري ميين عنات جي ڪلام ۾ جماليات جو اڀياس سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات جي ارتقا کي پڻ سمجهڻ ۾ مددگار ٿيندو.

ميين عنات جي شاعريءَ ۾ انيڪ جمالياتي خوبيون ۽ خوبصورتيون آهن. ان حوالي سان ڊاڪٽر فياض لطيف پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکن ٿا، "ميين شاهه عنات جي شاعريءَ تي جمالياتي نُدرتن جي حوالي سان جڏهن مطالعاتي نگاهه وجهجي ٿي، تڏهن اها فن توڙي فڪر جي لحاظ کان گُهڻ رخين حُسناڪين سان مالا مال محسوس ٿئي ٿي. ان ۾ جتي فطرت جي منظرن جي عڪاسي، قدرت جي مظهرن جي جاهه و جلال جو نقش ۽ صوفياڻن خيالن جي موهيندڙ ۽ حسين منظر ڪشي ملي ٿي، اتي مجازي حسن ۽ انساني سونهن ۽ سُندرتا جو عڪس ۽ احساس پڻ پنهنجي پوري جوت ۽ جمال سان جهلڪندي نظر اچي ٿو.

تارا او تارا، وَنِيُون وِڇاٽو پريَنِ
جو،
سيئي اڱڻ آئيا، جي چِيَءَ جا
چِيارا،
پَسي پيارا، آکيِن آسُون پُنِيوُن. (3)

ميين شاهه عنات وٽ ٻوليءَ جي حسناڪي ۽ لغت جو اعليٰ استعمال جماليات جي صورت ۾ ملي ٿو. سندس شاعري قدرت جي نظارن، فطرت جي منظرن ۽ انساني ڪيفيتن جي جمالياتي خاصيتن سان ڀرپور آهي. ميين شاهه عنات کان اڳ جماليات جي موضوع تي شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات جي حوالي سان چڱو تحقيقي ڪم ٿيو آهي. جڏهن ته ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ جمالياتي پهلوئن تي چند تحقيقي مقالا موجود آهن،

جڏهن ته ڪو جامع تحقيقي ۽ تنقيدي مواد موجود نه آهي. ان جو هڪ سبب شايد ميين شاهه عنات جي رسالي جو دير سان شايع ٿيڻ ٿي سگهي ٿو. شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ فڪري توڙي فني جماليات جو هڪ حسين جهان ملي ٿو. سندس ڪلام تي ججهي ۽ گهڻ طرفي تحقيقي ڪم جي تمام گهڻي گنجائش موجود آهي.

## موضوع جي اهميت:

مييون شاهه عنات رضوي سنڌ جي اساسي شاعريءَ ۾ هڪ نواڻ پسند شاعر ٿي اڀريو. سندس رسالي ۾ حسن، سونهن ۽ جمال بابت انيڪ بيت ۽ وائيون موجود آهن، جن جي تحقيقي ڇنڊڇاڻ ۽ تشريح جي تمام گهڻي ضرورت آهي. نه رڳو ايترو پر ميين شاهه عنات رضويءَ جي شاعريءَ ۾ جماليات واري پهلوَ کي سمجهڻ کان اڳ ۽ پوءِ وارن شاعرن جي شاعريءَ ۾ جماليات جي موضوع جي افاديت به سامهون ايندي. ميين شاهه عنات رضويءَ کان بعد شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ جماليات جي حوالي سان اڳ گهڻو تحقيقي ڪم ٿي چڪو آهي. جڏهن ته ميين شاهه عنات رضويءَ جي شاعريءَ ۾ جمالياتي تُدرتون ۽ جمالياتي موضوعن تي ڪو به جامع ڪم نظر نه آيو آهي. منهنجي مقالي "ميين شاهه عنات رضويءَ جي شاعريءَ ۾ جماليات" جي حوالي سان اڳ ۾ ڪجهه مضمون ۽ مقالا ته موجود آهن، پر ڪو به جامع تحقيقي ڪم موجود نه آهي. جڏهن ته ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ جماليات هڪ ڳوڙهو موضوع آهي، جنهن تي ڪو جامع ڪم نه هئڻ ڪري هڪ خال محسوس ٿئي ٿو، جنهن جي پورائي لاءِ منهنجو هي تحقيقي ڪم

بنيادي حوالو هوندو. گڏوگڏ ميين شاهه عنات جي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي تخليقي ۽ فني روايتن ۾ حصيداريءَ کي سمجهڻ ۾ پڻ مدد ملندي.

## تحقيق جو دائرو:

تحقيق جي حد بنديءَ مان مراد آهي، اهو دائرو جنهن اندر تحقيق ڪئي وڃي. ڪنهن موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ تحقيق جو دائرو موضوع يا عنوان جي مدد سان مقرر ڪيو ويندو آهي.

ميين شاهه عنات رضويءَ جي شاعريءَ ۾ به شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ وانگر انيڪ موضوع ملن ٿا، جنهن ۾ علامت نگاري، فطرت نگاري، رومانويت، جماليات، تصوف، اخلاقيات، مجازي عشق، درد، هجر ۽ وصال جهڙا موضوع شامل آهن.

منهنجي تحقيق جو دائرو ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ جمالياتي پهلوئن تي روشني وجهڻ ۽ نتيجا ڪڍڻ آهي. گڏوگڏ ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ جماليات جي مختلف پهلوئن جي ڳولا ڪري، سنڌي شاعريءَ ۾ جمالياتي ارتقا جو جائزو وٺي، ان جي تحقيقي انداز ۾ ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ آهي.

تحقيق جو طريقيڪار:

هن تحقيق جي لاءِ اسان ڪلاسيڪل شاعريءَ جي تاريخ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ سان گڏ جديد تحريڪي، فڪري لاڙن ۽ رجحانن کي سامهون رکي انهن جي دنيا ۾ موجود ادب ۾ ٿيندڙ تحقيق جا پيرا کڻندي ذريعن مان حاصل ٿيندڙ مواد جو مشاهدو ۽ مطالعو ڪري نتيجا ڪڍيا آهن. هن تحقيقي مقالي ۾ تحقيق کي تاريخي ۽ تجزياتي تحقيقي اصولن موجب پرکيو ويو آهي. هن تحقيق ۾ موضوع سان لاڳاپيل هر قسم جي مواد جي پوري ڇنڊ ڇاڻ ڪري هر هڪ پهلوءَ تي سنئو بحث ڪيو ويو آهي. بنيادي ۽ ثانوي ذريعن مان ٿيندڙ حاصل مواد گڏ ڪرڻ لاءِ مختلف ڪتبخانن مان مدد ورتي ويئي آهي. مضمون سان وابسته ڪجهه اهم ڪتابن تائين رسائي حاصل نه ٿي سگهڻ جي صورت ۾، انهن تائين پهچڻ لاءِ "انٽرنيٽ" جو پڻ استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪو پڻ ڪارگر ثابت ٿيو. اهڙيءَ ريت مضمون بابت حاصل ٿيل مواد ڪيترن ئي ڪتابن، تحقيقي رسالن، مضمونن ۽ مقالمن تي مشتمل هيو، جنهن جو بغور

جائزو ورتو ويو ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ اهم نڪتن کي تحقيق ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

حوالن لکڻ لاءِ آمريڪن سائيڪالاجيڪل ايسوسيئيشن APA وارو جديد طريقو استعمال ڪيو ويو آهي. حوالن کي هر باب جي آخر ۾ آندو ويو آهي ۽ تحقيق جي سموري عمل ۾ جيڪي به نتيجا حاصل ٿيندا ويا، انهن کي آخري باب ۾ پڻ پيش ڪيو ويو آهي ته جيئن پڙهندڙ تحقيق مان حاصل ٿيندڙ سڀني نتيجن جو هڪ جاءِ تي ئي مطالعو ڪري سگهي.

## تحقيق جو مقصد:

سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم ۽ شاهه لطف الله قادريءَ کان پوءِ ڪلهوڙن جي دؤر جو وڏو شاعر ميون شاهه عنات رضوي آهي. هي اهو پهريون شاعر آهي، جنهن جي رسالي ۾ 22 سُرملن ٿا. جنهن ۾ 469 بيت ۽ 42 وايون ملن ٿيون. هن تحقيق جو مقصد ڪلاسيڪل دور جي هڪ وڏي شاعر شاهه عنات جي ڪلام جو فني ۽ تحقيقي اڀياس ڪري، سندس جمالياتي شاعريءَ جي خوبين ۽ خصوصيتن کي واضح ڪرڻ آهي. ميين شاهه عنات رضوي جي بيتن ۽ وائين ۾ بيشمار جمالياتي پهلو ملن ٿا، جن تي تحقيقي انداز ۾ اڀياس ڪري، نتيجا اخذ ڪيا ويندا.

مواد جا ذريعا (Resources of Data)

تحقيق ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريون ۽ مکيه ڪم مواد (Data) حاصل ڪرڻ هوندو آهي. تحقيق ۾ مواد کي مرڪزي حيثيت حاصل هوندي آهي. هن تحقيق لاءِ مختلف ماخذن مان حاصل ڪيل مود کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. پهريون بنيادي مواد ۽ ٻيو ثانوي مواد.

بنيادي مواد (Primary Sources)

بنيادي مواد، اهو مواد آهي جيڪو اصل دستاويز تان يا اصل ڪتاب تان ورتو وڃي، جنهن ۾ مصنف جي اصل خيال، راءِ يا حقيقت ڏني وئي هجي. انهيءَ ڪري تحقيق جي شروعات بنيادي مواد سان ڪئي ويندي آهي. هن تحقيق جي بنيادي مواد ۾، سنڌي ادب جي تاريخي ڪتابن، تحقيقي رسالن ۽ ڪلاسيڪل شاعريءَ بابت ڇپيل ڪتابَ شامل ڪيا ويا آهن.

ثانوي مواد (Secondary Sources)

ثانوي مواد ان کي چئبو آهي، جيڪو اصل صورت ۾ اصل ڪتاب تان نه ورتو وڃي، پر انهي مواد کي اصل ڪتاب تان ڪنهن ٻئي ورتو هجي ۽ انهيءَ کي ڪنهن ٻي تان اُڌار ورتو ويو هجي. مون هن تحقيقي مقالي لاءِ ڊاڪٽر شير مهراڻوي جي پي ايڇ ڊي "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات"، ڊاڪٽر فياض لطيف جي پي ايڇ ڊي "شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات" ۽ سنڌي ادب جي تاريخي ڪتابن مان مدد وٺي مقالي کي ڪارگر بڻايو آهي. گڏوگڏ مبين شاهه عنات رضويءَ تي ڇپيل تحقيقي جرنل، رسالن ۽ لغتن وغيره کي ثانوي مواد طور شامل ڪري ڏنو آهي.

اڳ ۾ ٿيل تحقيق جو جائزو:

ڪنهن به موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ ان موضوع متعلق موجود مواد جو تجزيو ڪيو ويندو آهي، جيڪو تحقيق کي پايه تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ نهايت ڪارگر ۽ بنيادي اهميت رکندو آهي. هن عمل سان محقق نه رڳو ماضيءَ ۾ ٿيل تحقيقي ڪم کان واقف ٿئي ٿو پر ان جي روشنيءَ ۾ هو پنهنجي تحقيق کي وڌيڪ ڪارآمد پڻ بنائي سگهي ٿو.

هن موضوع متعلق ماضي ۾ ٿيل تحقيقي ڪم جو جڏهن جائزو ورتو ويو ته، معلوم ٿيو ته موضوع بابت سڀ کان اڳ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي جو مقالو بعنوان "شاهه عنات رضويءَ جي شاعريءَ ۾ جماليات"، تحقيقي رسالي ڪينجهر جي آڪٽو بر 1994ع واري شماري ۾ ميين شاهه عنات رضويءَ شاعريءَ ۾ جمالياتي خصوصيتن جي حوالي سان موجود آهي. ان کان پوءِ ميين شاهه عنات رضوي تي ٿيندڙ پهرين ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف جو مقالو بعنوان "ميين شاهه عنات رضويءَ جي شاعريءَ ۾ جمالياتي ٽُدرتون" موضوع سان لاڳاپيل، مختصر پر مُدلل مقالو ملي ٿو. جڏهن ته ميين شاهه عنات رضويءَ تي ٿيندڙ ٻئين ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر تهمينه مفتي جو مقالو بعنوان "شاهه عنات رضويءَ جي ڪلام ۾ جمالياتي خاصيتن جو اڀياس" موضوع سان لاڳاپيل آهي. ۽ ان کان علاوه چند عالمن جا ڪجهه ٻيا مقالا پڻ نظر اچن ٿا. مذڪوره چند مقالن کان علاوه هن موضوع تي ڪو به جامع ۽ تحقيقي ڪم ملي نه سگهيو آهي. هن وقت تائين ميين شاهه عنات رضويءَ جي ڪلام جي اڀياس تي مشتمل ٽي ڪتاب شايع ٿيا آهن، جن جو تفصيل هيٺين ريت آهي.

1: ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن: ميون شاهه عنات رضوي – هڪ اڀياس (مرتب: ڊاڪٽر اسحاق سميجو)

2: پلي ڪئي پؤنرن (ميين صاحب تي ٿيل پهرين ادبي ڪانفرنس جا مقالا) – مرتب: ڊاڪٽر اسحاق سميجو

3: ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ رومانويت – ليڪڪ: عرفان ڏاهري

انهن ٽنهي ڪتابن ۾ ميين شاهه عنات رضويءَ جي شعري جماليات تي ڪٿي ڪٿي سرسري نظر وڌل ملي ٿي، انهيءَ ڪري هن موضوع تي مفصل ۽ جامع تحقيقي ڪم جي گهڻي گهرج ۽ ضرورت آهي.

حوالا:

1: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب) ”ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن: ميون شاهه عنات رضوي (هڪ اڀياس)“، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع، ص: 7

2: سميجو. اسحاق. ڊاڪٽر، (مرتب) ”پلي ڪئي پؤنرن (ميين شاهه عنات رضويءَ تي ٿيل پهرين ڪانفرنس جا مقالا)“، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2021ع ص: 99

3: سميجو. اسحاق. ڊاڪٽر، (مرتب) ”پلي ڪئي پؤنرن (ميين شاهه عنات رضويءَ تي ٿيل پهرين ڪانفرنس جا مقالا)“، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2021ع ص: 99

باب ٻيو

# ميين شاهه عنات رضويءَ جي مختصر سوانِح ۽ علمي ادبي اوسر

## سوانح حيات:

ميون شاهه عنات رضوي سنڌ جي اساسي شاعريءَ جو هڪ اهم ڪَڙي آهي. هي شاعر سنڌ جو برگزيده علمي ۽ تخليقي شخص رهيو آهي. بلڪه

ڪلاسيڪل شاعريءَ جي مٽي ڳوهڻ ۾ به سندس وڏو هٿ آهي. پنهنجي انهيءَ عمل سان نه رڳو ڪلاسيڪي شاعريءَ پنهنجو رخ بدلايو پر ان کي نوان موضوع، آڪار ۽ دلڪش صورتون بخشيون. ميون عنات، قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم ۽ شاهه لطف الله قادريءَ کان پوءِ ڪلهوڙن جي دور جو اهم شاعر رهيوآهي.

ميين شاهه عنات جي وڏن جو تعلق بنيادي طور 'امام موسيٰ رضا' جي خاندان سان آهي. سندن وڏا ڇهين صدي هجريءَ ۾ بکر شهر ۾ اچي رهائش پذير ٿيا. ميين شاهه عنات جو خاندان سنڌ جي رضوي ساداتن مان آهي. لڳ ڀڳ ٽن صدين گذرڻ کان پوءِ هڪ پاڙو نالي 'مبارڪ پوٽا' بکر مان لڏي اچي نصرپور ۾ آباد ٿيو. ۽ ان ئي 'مبارڪ پاڙي' منجهان ميون شاهه عنات پيدا ٿيو. ان باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو: "ميين عنات جو خاندان سنڌ جي رضوي ساداتن سان تعلق رکي ٿو، جن ڇهين صدي هجريءَ ۾ اچي بکر ۾ سڪونت اختيار ڪئي. ٻن ٽن صدين بعد اتان هڪ شاخ لڏي اچي نصرپور کي وسايو، جنهن جي 'مبارڪ پوٽا' پاڙي مان شاهه عنات پيدا ٿيو." (1)

ميين شاهه عنات جي وڏي ڏاڏي جو نالو 'سيد مبارڪ (ثاني)' بن سيد بايزيد (ثاني) عرف سيد ستار هو، جنهن ڪري ان پاڙي جو نالو 'مبارڪ پوٽا' سڏجڻ لڳو. سيد مبارڪ (ثاني) کي ٽي فرزند نالي سيد عثمان، سيد ابابڪر ۽ سيد ابراهيم هئا. ۽ انهن ٽنهي کي به اولاد ٿيو. جنهن منجهان اسان جو هي بزرگ شاعر ميون عنات، سيد عثمان جو پوٽو ۽ سيد نصيرالدين جو پٽ هو.

سيد مبارڪ (ثاني) جي فرزند سيد عثمان، شادي سهتي صالح پوري جي نياڻي بيبي فاطمه سان شادي ڪئي، جنهن مان سيد ابوالقاسم، سيد نصيرالدين ۽ سيد ميران محمد ڇاوا ۽ انهن منجهان سيد نصيرالدين کي به پٽ ۽ پنج نياڻين جو اولاد ٿيو. سيد نصيرالدين جي وڏي پٽ جو نالو سيد احمد ۽ ننڍي

پٽ جو نالو شاهه عنايت الله هو، جيڪي سيد عثمان جا پوٽا آهن. سيد احمد ۽ شاهه عنات ڪي جڏهن اولاد ٿيو، ته اهي ’شاهه پوٽا‘ سڏجڻ لڳا. ان باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو: ”سيد عثمان کي ٽي پٽ ٿيا: سيد ابولقاسم، سيد نصيرالدين ۽ سيد ميران محمد، جن مان ٽنهي کي اولاد ٿيو. شاهه نصيرالدين کي به پٽ ۽ پنج نياٽيون ٿيون. سندس وڏو پٽ سيد احمد ۽ ننڍو پٽ شاهه عنايت الله هو، جي ’شاهه پوٽا‘ سڏجڻ لڳا.“ (2)

## ميين شاهه عنات جي ولادت:

ميين شاه عنات رضويءَ جي ولادت جو سال ۽ ان جي تاريخ جو صحيح سان پتو پئجي نه سگهيو آهي. جڏهن ته اندازي موجود ميين شاهه عنات جي ولادت 1030 کان 1035 هجري واري سال ۾ پڌائي ويئي آهي. جڏهن ته اهو

سن 1620ع کان 1625 وارو عيسوي سال ڪوٺجي ٿو. ان باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ’ميين شاهه عنات جي ڪلام‘ جي مقدمي ۾ لکي ٿو: “حاجي بخش علي شاهه جي روايت موجب شاهه خيرالدين جي وفات (27 رمضان 1027 هه) کان پوءِ شاهه عنات ڄائو. اندازً شاهه خيرالدين جي وفات کان ٿورو اڳ سندس امر موجب شاهه نصيرالدين واپس نصرپور آيو ۽ شادي ڪيائين. ٿي سگهي ٿو ته شاهه خيرالدين جي وفات سبب شادي (1028 هه) ۾ ٿي هجي. شاهه عنات جي آخري زندگيءَ جي اهڃاڻن ڪي مد نظر رکندي سندس ولادت اندازً سن (26_1621) ۽ (1030-1035) هه واري عرصي ۾ قرار ڏيئي سگهجي ٿي.” (3)

ان ڏس ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي اها ڳالهه بيحد وزنائتي معلوم ٿئي ٿي، ته ميين عنات جي پيدائش ان ڪري به 1030 کان 1035 هجري جي وچ واري عرصي جي آهي. جو شاهه خيرالدين جي وفات سببان، شاهه نصيرالدين جي شادي 1028 هه ۾ ٿي هئي. هڪ ٻيو دليل اهو به آهي ته ميون شاهه عنات رضوي، شاهه عبدالڪري جي وفات بعد ئي ڄائو. ۽ شاهه عبدالڪريم جي وفات جو سال 1030 هجري آهي.

ان ڪي نظر ۾ رکندي اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ميون شاهه عنات رضوي 1030 هجري سال بعد ئي ڄائو هوندو. تنهن ڪري ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق موجب ان ڳالهه سان سهمت ٿيڻو پوندو ته ميين عنات جي پيدائش 1030 هه کان 1035 هجري ئي آهي.

## ميين شاهه عنات جي وفات:

سنڌي ڪلاسيڪي شاعري جي هن اهم شاعر جي ڄمار وڏي هئي. ٻوي سالن جي ڄمار ۾ ميين شاهه عنات رضويءَ جي وفات 1120 کان 1125 هجري واري عرصي ۾ ٿي آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو: "خانداني روايتن موجب ميين شاهه عنات وڏي عمر ۾ وفات ڪئي. سندس ولادت 1030 هه کان 1035 هجري واري عرصي ۾ ٿي ۽ جيڪڏهن وڏي عمر مان مُراد نوي سال وٺجي ته سندس وفات 1120 هه کان 1125 هه واري عرصي ۾ قرار ڏيئي سگهجي ٿي." (4)

ميين شاهه عنات رضويءَ جي مرقد وٽ جيڪا نصب ٿيل تختي آهي، ان ۾ ميين شاهه عنات جي وصال جي تاريخ ٻارهين ربيع اول ۽ سال 1125 هه بمطابق 1725ع لکيل آهي. اگر ان نصب ٿيل تختيءَ جي تاريخ صحيح ۽ مستند هئڻ جو ڪو دليل موجود آهي. ته پوءِ ميين شاهه عنات جي ڄمار پورا 100 ورهيه بيهي ٿي. جيڪا يقينن تحقيق جوڳي آهي. پر ان سڄي صورتحال کان پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ٻاران هڪ اهم انڪشاف بعد ۾ سامهون آيو، جنهن باري ۾ هو لکي ٿو: "ميين شاهه عنايت جي ڪلام کي مرتب ڪرڻ وقت سندس وفات جي تاريخ اندازي موجب ڄاڻائي ويئي هئي. بعد ۾ هڪ آڳاٽي قلمي عبارت ذريعي تصديق سان معلوم ٿيو ته سن 1721ع ۽ هجري سال 1133 ۾ وفات ڪيائين." (5)

ميين شاهه عنات جي وفات جو سال حقيقي معنيٰ ۾ هڪ آڳاٽي قلمي عبارت ذريعي 1133 هجري ۽ سن 1721ع ڄاڻائجي ته ان جي تصديق ميين شاهه عنات جي ان بيت سان ٿئي ٿي، جيڪو هن "غازي محمد غوث" لاءِ چيو. غازي محمد غوث غالباً شيخ مخدوم محمد زمان جو فرزند هو، ۽ شيخ مخدوم محمد زمان سان ميين شاهه عنات جي دلي وابستگي جا اهڃاڻ به سندس بيت ۾ ملن ٿا. ميين عنات جو غازي محمد غوث لاءِ لکيل بيت سندس آخري دور

جو معلوم ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته غازي محمد غوث بابت ملندڙ حوالا 1115 هه کان وٺي 1128 هه واري عرصي جا معلوم ٿين ٿا. ان بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو: "ميين شاهه عنات جي هڪ بيت ۾ 'غازي محمد غوث' ڏانهن پڻ اشارو آهي ته:

'غازي محمد غوث کي اکين لال مٺان!'

محمد غوث غالباَ شيخ مخدوم محمد زمان جو فرزند هو ۽ ان وقت هو جوان هو. اهي حوالا پڻ اندازاَ 1115 هه کان وٺي 1128 هه واري عرصي جا معلوم ٿين ٿا." (6)

يقينن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق قابلِ اعتماد رهي آهي ۽ ميين عنات جي وفات جي حوالي سان سندس آڳاٽي قلمي عبارت جي بنياد تي جيڪا وفات جي تاريخ ڀڌائي ويئي آهي. اها ئي وڌيڪ معتبر معلوم ٿئي ٿي.

## نين روايتن ۽ صنفن جو سرجيندڙ شاعر: ميون شاهه عنات رضوي

قاضي قادن، شاهه ڪريم ۽ شاهه لطف الله قادريءَ کان پوءِ سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾، جن وڏن شاعرن جو تاريخ ۾ ذڪر ملي ٿو، ميون شاهه عنات رضوي انهن مان هڪ آهي. هو ڪلهوڙن جي دور جو اهم جو شاعر هو. هن کي نه فقط شاهه عبداللطيف جي همعصرن ۾ ليکيو ويندو آهي، پر شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي فڪر توڙي شاعريءَ تي ميين شاهه عنات رضويءَ جو وڏو اثر آهي. هي اهو پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن جو مڪمل رسالو ملي ٿو. جيڪو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تحقيق ڪري 'ميين شاهه عنات جو ڪلام' جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ پاران سن 1963ع ۾ شايع ڪرايو.

شاهه عنايت الله عرف ميين شاهه عنات جو ڪلام سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي ڪَڙي آهي، جنهن بابت پهرين تحقيق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب ڪئي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ميين عنات جي ڪلام جو پهريون پيرو قلمي نسخو ميان مريد حسين شاهه وٽ ڏٺو هو. ان بابت ڊاڪٽر بلوچ ڪتاب 'ميين شاهه عنات جو ڪلام' جي مهاڳ ۾ لکي ٿو: "سن 1944ع ۾ سنڌ جي تاريخ بابت تحقيق ڪندي نصرپور وڃڻ ٿيو، جتي مرحوم ميان مريد حسين شاهه (وفات 1954ع) وٽ ميين عنات جي ڪلام جو هڪ قلمي نسخو نظر مان گذريو، جنهن جي ڏسڻ سان هن قيمتي ڪلام جي اهميت معلوم ٿي ۽ خيال

آيو ته جيڪر هوند اهو ڪلام ڇپجي پوي ته سنڌي علم ادب ۾ اهم اضافو ٿئي.” (7)

يقينن ميين شاهه عنات جي ڪلام جي ڇپجڻ سان نه صرف سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي پيڙهه جي خبر پئي، بلڪه هڪ خوبصورت ادبي واڌارو پڻ ٿيو. ميون شاهه عنات سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ جي پيڙهه وارو ڪم ڪيو آهي. گڏوگڏ ميون شاهه عنات سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو اهو شاعر آهي، جنهن وٽان نين روايتن جي ايجاد جو اِشارو ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. ان باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو: ”ميين شاهه عنات جي ڪلام ۾ سنڌي شعر جا مکيه قالب – بيت، مولود ۽ وائي – پهريون پيرو پنهنجي گوناگون خوبين سان چمڪندا نظر اچن ٿا.” (8)

ميون شاهه عنات رضوي اهو آساسي شاعر آهي، جيڪو نه صرف رسالي جي بنيادي ترتيب جو موجد هئڻ سان گڏ، بلڪه هو سُر وار بيت لکڻ جي روايت جو به باني آهي. هُن پهريون پيرو رسالي جي موضوعن ۾ نواڻ آڻي ان ۾ هڪڙو نئون روح ڦوڪيو، جنهن سان رسالي جي ئي نه بلڪه بيتن اندر موضوعن جي به انفراديت ظاهر ٿي پوي ٿي.

## سُرن/سرودن جو مؤجد: ميون شاهه عنات رضوي:

سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ سُرن جي الڳ ئي حيثيت آهي. جنهن جي ڪري ڪنهن به هڪڙي ڏکهي موضوع کي ان سُر جي ماتحت ڪيو ويو آهي. ميون شاهه عنات رضوي به ڪلاسيڪل شاعرن جي ان صف ۾ شمار آهي، جن سُر لکيا آهن. ميين شاهه عنات به سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ موسيقيءَ کي آڻڻ ۽ عام لاءِ ڪلاسيڪل شاستري موسقيءَ جي سُرن کي پنهنجي شاعريءَ وسيلي عام ڪيو. ان باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان لکي ٿو: ”ميون شاهه عنات پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن جا 469 بيت ۽ 42 وايون سرودن وار ۽ ٻيا وڌيڪ موقعي وار بيت اسان تائين پهتا آهن.“ (9)

ميون عنات پنهنجي موضوع کي سُرن جي شڪل ڏيئي، نه صرف جاندار بڻايو، پر هڪ نئين روايت قائم ڪئي. ان ڪان اڳ موضوعن جو ائين سُرن جي ترتيب ۾ هجڻ ڪنهن به ڪلاسيڪل شاعر وٽان ثابت نه ٿي سگهيو آهي. ان ڳالهه مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته ميين شاهه عنات کان اڳ جيڪي بيت اسان کي مليا، اهي سرود وار نه هئا ۽ نه ئي انهن بابت ڪا اهڙي روايت ملي ٿي. ان ڪري ان ڳالهه کي مدِ نظر رکندي ڊاڪٽر اسحاق سميجو لکي ٿو: ”هُن هڪ ئي موضوع تي بيشمار بيت ۽ وايون لکي، سُر لکڻ جي روايت قائم ڪئي. مٿان ان کي سُر يا سرود سڏي، شاعريءَ کي موسيقيءَ جي قريب آندو.“ (10)

يعني سُر ڪنهن به هڪ موضوع تي بيمشار بيت ۽ وايون لکڻ سان جُڙي ٿو، ۽ ان جي روايت ميين شاهه عنات پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي ڪري ڇڏي. ائين ئي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جيڪي ست سورميون ڳايون، سي به ان کان اڳ ميين شاهه عنات وٽ موجود هيون. شاهه عبداللطيف جا ڪيترائي ئي بيت ميين شاهه عنات جي اثر هيٺ محسوس ٿين ٿا. ان باري ۾ ڊاڪٽر اسحاق سميجو لکي ٿو: "شاهه لطيف جي ڪلام ۾ ڪيترا ئي بيت، سٽون، ڪردار ۽ تمثيلون اهي ئي آهن، جيڪي ميون صاحب اڳ پنهنجي ڪلام وسيلي پيش ڪري چڪو هيو. خود شاهه جون ست ئي سورميون مارئي، سسئي (ديسي)، ليلا، سورٺ، سهڻي (توڏي)، مومل ۽ نوري (ڪاموڏ) وغيره ميون عنات ڳائي چڪو آهي. جڏهن ته لطيف جي رسالي ۾ ٿلهي ليکي 30 سُر چئجن ٿا، ته ميين عنات جي ڪلام ۾ 22 سُر اڳ ئي موجود آهن. ان حساب سان سُر لکڻ جي روايت جو باني ميون عنات رضوي ئي آهي." (11)

ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ موسيقي ۽ ان جو سُرن سان تعلق بيحد اهم آهي، جنهن مان اهو به اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ان جو موسيقيءَ سان ڪيتري قدر چاهه آهي. اهو ئي سبب آهي جو هُن سُر لکيا. ۽ اها سندس وڏي خدمت چئبي ته هُن سُرن يا سرودن جي ايجاد ڪئي. سندس رسالي اندر اهي سڀ سنڌ جا عام قصا ۽ داستان سُرن جي صورت ۾ موجود آهن. ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيق موجب اگر ڏسجي ته ميون شاهه عنات ئي سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ سُرن جو مؤجد نظر اچي ٿو. پر ان جي برعڪس تنوير عباسي پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو: "شاهه لطيف جي شاعريءَ جي مقامي پس منظر جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي ته سُرن جي ورڇ شاهه لطيف کان به اڳ، شاهه لطف الله قادري، ميين شاهه عنات، وٽ موجود هئي." (12)

مٿين حوالي موجب ميون عنات اهو پهريون شاعر نه آهي جنهن وٽان سُرن جي روايت ملي ٿي. بلڪه اها شاهه لطف الله قادريءَ وٽ به موجود آهي. اها ڳالهه نه صرف تنوير عباسي بلڪه ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو وٽان به ملي ٿي. هو پنهنجي مقالي بعنوان "ميون عنات رضوي" ۾ لکي ٿو: "ميين عنات جي ڪلام جي سُر وار ۽ موضوع وار تقسيم ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هي سرشتو ان کان وڏيڪ پختي بنياد تي بيٺل هو، جنهن جا اهڃاڻ مخدوم نوح، شاهه ڪريم، قاضي قادن ۽ ٻين آڳاٽن شاعرن جي ڪلام ۾ ملن ٿا. اڳ به سنڌ جي نيم تاريخي داستانن جي عنوانن تي بيت ملن ٿا. جن ۾ خاص طور شاهه ڪريم جو ڪلام ڌيان ڇڪائي ٿو. انهيءَ پس منظر ۾ ڏسبو ته ميين شاهه عنات جي ڪلام جو سُر وار تقسيم نسبتن پختي پايي تي آهي." (13)

ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته شاهه ڪريم وٽ اهي عام سنڌي داستان نه هئا، پر ان ڳالهه جو ڪو به پختو ثبوت نه ملي سگهيو آهي ته، ڪو ميين عنات کان اڳ ڪو به سُرن جي سلسوار ترتيب جو نمونو موجود هئو. انهيءَ ڪري ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٻين جي راءِ سان سهمت ٿيندي، اهو مڃڻو پوندو ته، ميون عنات ئي اهو پهريون سنڌي ڪلاسيڪل شاعر آهي، جيڪو سُرن جو مؤجد آهي.

واڻي جو مؤجد: ميون شاهه عنات:

درحقيقت وائي سنڌ جي قديم شاعريءَ ۽ گائڪي جي صنف آهي، جنهن کي صوفي شاعرن پنهنجي ڪلام جو زيور بڻايو. ٿي سگهي ٿو ته وائي سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن وٽ موجود هجي ۽ ان جا اسان کي ڪي به نمونا نه ملي سگهيا هجن، پر جتان ڪان اسان کي وائي جي صنف ملي آهي، اهو ڪلهوڙا دور آهي، جنهن ۾ سڀ ڪان پهرين وائي جي صنف جي موجودگي ۽ ان جو نمونو اسان کي ڪلاسيڪل شاعر ميين شاهه عنات رضوي وٽان ملي ٿو. ان راءِ سان ڪا به ٻي راءِ ٽهڪندڙ نه آهي ته ڪو وائي اڳ وارن صوفي شاعرن وٽ موجود نه هئي، پر يقينن انهن جو تاريخ ۾ ڪٿي به ذڪر نه ٿو ملي. ٻيو وائي جي ماهيت به ميين شاهه عنات وٽان معلوم ٿي آهي، ڇاڪاڻ

ته ميين عنات مخلتف مضمونن تي وائي لکي آهي. جنهن جي بنياد تي اهو چئي سگهجي ٿو ته ميين شاهه عنات کان اڳ ورلي ئي ڪا وائي موجود هجي.

ان باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو: ”ميون شاهه عنات پهريون شاعر آهي، جنهن جي ڪلام ۾ سنڌي وائي هيئت توڙي مضمون ۽ معنيٰ جي لحاظ سان اوج تي نظر اچي ٿي. ’وائي‘ جا موجد سنڌي صوفي شاعر هئا ۽ وائي سنڌ ۾ آڳاٽي دور کان وٺي رائج هئي، پر ميين شاهه عنات کان اڳ جي شاعرن جون چيل وايون غالباًً محفوظ نه رهيون آهن ۽ بهرحال هن وقت تائين معلوم نه ٿي سگهيون آهن.“ (14)

وائي ۽ ڪافي جي ٿوري ئي فرق جي ڪري اسان جي صوفي شاعرن وٽ ضرور وائي جا ڪي نمونا به هوندا. جن جي انداز تي ڪافي به لکي ويئي آهي. يا وري ڪافي جي انداز تي وائي ڳائي ويئي آهي. پر سنڌ جي مستند تاريخي روايت ۾ وائيءَ جا حقيقي ۽ چٽا نمونا ميين شاهه عنات جي رسالي ۾ مليا. جنهن ۾ وائيءَ جهڙو سٽاءُ ۽ رسُ موجود آهي. پر رڳو ايترو ئي نه ميون شاهه عنات رڳو وائيءَ جو ئي نه بلڪه ٻين به ڪيترين ئي روايتن جو موجود سڏجي ٿو. ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي راءِ موجب، ”سنڌي شاعريءَ جي ارتقا کان واقف عالمن ۽ نقادن کي خبر آهي، ته ڪلاسيڪل شعري روايت مان جيڪڏهن ميين عنات جي ڪم ۽ فنڪارانه دين کي ڪڍي ڇڏجي، ته اها روايت نه رڳو اڌوري پر ڦٽل ڦٽل ۽ ٻُسي ٻُسي نظر ايندي. چاڪاڻ ته سنڌي شاعريءَ جون ٽي اهم فني روايتون جهڙوڪ: وائي جي ايجاد، سُر لکڻ جي روايت ۽ مدح لکڻ جي روايت جو باني ميون شاهه عنات رضوي ئي آهي. جڏهن ته ڪيترن ئي عالمن جي لکتن ۽ خانداني روايتن مان به ان ڳالهه جي گواهي ملي ٿي ته خود سنڌيءَ ۾ مولود جي ابتدا پڻ ميين عنات ئي ڪئي آهي.“ (15)

توڙي جو ميين شاهه عنات ٻين ڪيترين ئي نين روايتن کي اڳتي وڌائيندي نين صنفن جو بنياد وڌو آهي، پر ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ ان جو وڏو شاهڪار ته "وائي" ئي آهي. جنهن ۾ هُن پنهنجو پاڻ متعارف ڪرائڻ سان گڏ پنهنجي اڳ ۽ بعد وارن شاعرن کي حيران ڪيو آهي. پر ڪجهه عالمن جو خيال مختلف آهي. جيڪي اهو سمجهي رهيا آهن ته ميون شاهه عنات ئي نه بلڪه هڪ ٻيو ان دور جو وڏو شاعر "سنت دادو ديال" ميين شاهه عنات کان پهرين وائي لکي اها روايت قائم ڪئي آهي. ان باري ۾ ڀارت جو عالم ۽ اديب ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي لکي ٿو: "سنڌي شعر ۾ وائيءَ جو استعمال به سڀ کان اول عنات جي ڪلام ۾ ئي نظر اچي ٿو." پر هو اڳتي لکي ٿو: "سنڌي وائي به شاهه عنات جي ڪلام ۾ هيئت، مضمون ۽ معنيٰ جي لحاظ کان اوُج تي رسيل نظر اچي ٿي. عنات کان اڳ وائيءَ جي روايت جي سنت شاعر دادو ديال جي شعر ۾ ملي ٿي." (16)

دراصل اها ڳالهه نومبر 2019 ۾ ميين شاهه عنات رضويءَ تي پهرين ملڪ گير ادبي ڪانفرنس ۾ تاج جويي به پنهنجي هڪ مقالي ۾ ڪئي هئي. جنهن ۾ هُن اها دعويٰ ڪئي هئي ته ميين شاهه عنات کي وائيءَ جو موجد قرار نه ٿو ڏيئي سگهجي بلڪه دادو ديال جي شاعريءَ ۾ ٿي وايون مليون آهن. هو لکي ٿو: "هڪڙي وقت ۾ پير حسام الدين وائيءَ جو موجد ڀِٽائيءَ کي قرار ڏنو. اڳتي جڏهن شاهه عنات جو رسالو آيو. بلوچ صاحب جي تحقيق کان پوءِ هن پنهنجي راءِ تبديل ڪئي. ۽ شاهه عنات وائيءَ جو موجد قرار ڏنو ويو، پر تحقيق اتي بند ٿيڻي ناهي. دادو ديال جي جيڪا شاعري ملي آهي، ان ۾ ٿي وايون مليون آهن." (17)

ڪا به تحقيق ڪٿي به رُڪجي نه ٿي نه وري ڪا به ڳالهه حتمي آهي. ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي ۽ تاج جويي جيڪا دادو ديال جي شعر ۾ وائي جي ملڻ

جي ڳالهه چئي آهي. اها به تحقيق جوڳي آهي. پر جيئن ته دادو ديال هڪڙو مشهور شاعر هو ۽ سندس ڪلام به چڱو خاص عام هو. تنهن ڪري ان جي ڪلام ۾ به به ملاوٽ ضرور ٿي هوندي. ان بابت اسان کي پهرين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي هن راءِ کي به ڏسڻ کپي، هو لکي ٿو: ”جيئن ته دادو ديال گهڻي ڪلام وارو ۽ گهڻي پڙ وارو مشهور شاعر ۽ درويش ٿي گذريو، انهيءَ ڪري ٻين مشهور شاعرن وانگر سندس ڪلام ۾ پڻ پوءِ ٻيو ٻاهريون ڪلام گڏجي ويو. يعني ته ڪائنس پوءِ ٻين سندس نالو وجهي، دوها، بيت، بلڪه سنڌي وايون سندس نالي سان ھُلائي ڇڏيون.“ (18)

ڊاڪٽر بلوچ جي ان راءِ کان پوءِ اهو معلوم ٿي ويو ته دادو ديال جون ملندڙ وايون يقينن ٻاهرين ڪلام جي اثر هيٺ رهيون. ۽ سندس نالي سان ھُلايون ويون. جيئن اڄ ڪلهه هر ڪلاسيڪل شاعر جي بيت کي شاهه عبداللطيف جو بيت سمجهي ڪري پيش ڪيو وڃي ٿو. جنهن سان نه صرف اها شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ ملاوٽ آهي بلڪه ٻئي ڪنهن به ڪلاسيڪل شاعر جي ڪلام جو به نقصان آهي. ان بعد ڊاڪٽر بلوچ جهڙو محقق ۽ تحقيق نويس جنهن لوڪ ۽ ڪلاسيڪل شاعريءَ تي گهڻو ڪم ڪيو آهي ان جو موقف واضح آهي. ته اُهي وايون دادو ديال جو نالو استعمال ڪري، ان جي نالي سان منسوب ڪري ھُلايون ويون آهن. تنهن هوندي به دادو ديال جون جيڪي وايون مليون آهن، انهن جي ٻولي بلڪل عام آهي، بيحد سادي ۽ عام فهم واري، جو اها ڪلاسيڪل دور واري محسوس نه ٿي ٿئي. پر اهو رڳو ڊاڪٽر بلوچ جو نظريو ئي نه آهي، ان باري ۾ ڊاڪٽر اسحاق سميجو (جيڪو پاڻ هڪڙو شاعر آهي) دادو ديال جي وائيءَ بابت هيري ٽڪر کي لکي ٿو ته: ”وائيءَ جي ٻولي سادي ۽ عام فهم ۽ انداز بيان ايترو ته ابلاغ جوڳو آهي،

جو همعصر زماني جي ٿي لڳي. منجهس قديم ۽ ڪلاسيڪل شاعريءَ واري خوشبو نه آهي." (19)

نه صرف ايترو پر فني حوالي سان به دادوءَ ديال جون وايون ڪافيءَ جهڙيون محسوس ٿين ٿيون. جو سندن پيشڪش گائڪيءَ واري آهي. جنهن مان اهو معلوم ٿي چڪو آهي ته، ميون عنات ئي در حقيقت سُرن ۾ وائي جي صنف جو موجد ۽ باني آهي. نه صرف ايترو، پر ميون عنات ٻين صنفن جهڙوڪ: مولود ۽ مدح جي صنفن جو به موجد ۽ باني آهي.

## مولود جو مؤجد: ميون شاهه عنات:

ميين شاهه عنات سنڌي اساسي شاعريءَ کي جيڪي به نوان رُخ ڏنا ۽ سنڌي شاعريءَ جا نوان قالب متعارف ڪرايا، انهن ۾ سِرفهرست رسالي جي ترتيب، سُرن لکڻ جي روايت، وائي، مدح ۽ مولود جهڙين صنفن کي شامل ڪري، شاعريءَ کي نوان گهاڙيتا عطا ڪيا. ميين شاهه عنات مولود جي صنف جو موجد به سمجهيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته هن پنهنجي هڪ بيت ۾ ان لفظ ’مولود‘ جو استعمال ڪيو آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو: ”مولود جو لفظ پهريون پيرو ميين شاهه عنات جي وائي ۾ ملي ٿو: ”ڇئو صلوات صدق سين، اي مولود مدام.“ (20)

پر اهو ممڪن نه آهي ته ”مولود“ لفظ جي استعمال جي ڪري صرف ان کي مولود جو باني سڏجي. ان جي لاءِ ضروري آهي ته ڪو پختو ثبوت موجود هجي. جنهن مان اهو ثابت ٿي سگهي ته واقعي ئي مولود جو پهريون موجود به ميون شاهه عنات ئي آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر اسحاق سميجو لکي ٿو: ”ڪيترن ئي عالمن جي لکتن ۽ خانداني روايتن مان به ان ڳالهه جي گواهي ملي ٿي ته خود سنڌيءَ ۾ ’مولود‘ جي ابتدا پڻ ميين عنات ئي ڪئي آهي.“ (21)

ڊاڪٽر اسحاق سمجي جي مٿين راءِ موجب مختلف عالمن جي لکتن ۽ خانداني روايتن مان اها ڳالهه ثابت آهي ته ميون شاهه عنات ئي اهو پهريون شاعر آهي، جنهن ”مولود“ صنف متعارف ڪرائي. جڏهن ته لفظ ’مُولود‘ جو ذڪر ميين شاهه عنات سُر پرڀات جي هڪڙي وائيءَ ۾ ڪري ٿو:

ڇئو صلوات صدق سِين، اِيُ مولودُ مدامَ!

(ميين شاهه عناتُ رضويءَ جو رسالو: 2019ع: 71)

## ميين شاهه عنات رضويءَ جا همعصر شاعر

### ميين عنات جا همعصر:

سنڌي اساسي شاعريءَ جو بنياد اعليٰ انساني قدرن وارو فهم ۽ فڪر آهي، جنهن ۾ فقط ڪنهن قصي ۽ واقعي جي بيان يا شاعرانه خوبين جي اظهار بدران ڪا اعليٰ مقصد سان ڀرپور ڳالهه سمايل هجي. ائين ڪلاسيڪل شاعريءَ جا اسين جڏهن ڀيرا ڪڻون ٿا، ته سڀ کان اول اسان کي قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم ۽ شاهه لطف الله قادريءَ جهڙا عظيم اساسي شاعر نظر اچن ٿا. جن اعليٰ انساني قدرن وارو فهم ۽ فڪر پنهنجي شاعريءَ ذريعي ماڻهن تائين پهچايو.

ميون شاهه عنات انهن اساسي شاعرن مان چند شاعرن جو همعصر به رهيو، جن ۾ شاهه لطف الله قادري، شاهه شريف (ميين عنات جو فرزند)، مخدوم سليمان بن حاجي حبيب الله، پيرو ڪٽي، ميون عيسو هالائي ۽ سندس وڏو همعصر شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهن.

ميين شاهه عنات جي همعصرن بابت ڊاڪٽر عبدالجبار ’عابد‘ لغاري لکي ٿو: ”ساڳئي ئي دؤر ۾ مخدوم سليمان بن حاجي حبيب الله ۽ پيرو ڏوہي جا ڪلام ملن ٿا. نه صرف ايترو پر انهن پنهي سان شاهه عنات جي بيتن ۾ ڏي وٺ پڻ ٿيندي هئي. هو پنهنجن مسئلن کي بيتن ۾ بيان ڪندا هئا.“ (22)

### شاهه لطف الله قادري:

ميين شاهه عنات جي همعصرن منجهان پهريون همعصر شاهه لطف الله قادري آهي. شاهه لطف الله قادريءَ جي پيدائش 1611ع عيسوي مطابق 1020 هجري آهي. شاهه لطف الله اگهم ڪوٽ يا اگهاماڻو ۾ ڄائو. (جيڪو

تعلقي ماتلي، ضلعي بدين ۾ آهي) ۾ سندس وفات جو سن 1679ع آهي. يعني ميين شاهه عنات جي پيدائش 1621ع عيسوي سال کان 1625ع جي وچ ڏارا ٻڌائي ويئي آهي. ته ميين عنات جي پيدائش کان چند سال اڳ ئي شاهه لطف الله قادريءَ جي پيدائش ٿي آهي. تنهن ڪري شاهه لطف قادري ميين عنات جو همعصر ٿي سگهي ٿو. ساڳي ريت ميين شاهه عنات جي همعصرن منجهان ٻيون همعصر ميون عيسو هالائي آهي.

ميون عيسو هالائي:

سنڌي آساسي شاعريءَ ۾ چند اهڙا به شاعر موجود آهن جن بابت نه انهن جي ڪا سوانح ملي ٿي نه ئي انهن جو ڪو گهڻو ڪلام ملي سگهيو آهي. ان هوندي به ميون عيسو هالائي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ٿيهه اکري سنڌي تيار ڪري وڏي خدمت ڪئي. جيڪا "ميين عيسيٰ جي سنڌي" جي نالي سان مشهور آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو: "ميين عيسيٰ هالائي جي هڪ ٿيهه اکري مشهور آهي، جيڪا ميين عيسيٰ جي سنڌيءَ جي نالي سان مشهور آهي." (23)

هي شاعر 12 صدي جي شروعات ۾ گذاري ويو. جيڪو ميين شاهه عنات رضويءَ ۽ شاهه عبداللطيف جو همعصر سڏيو وڃي ٿو.

مخدوم سليمان بن حاجي حبيب الله:

هي بزرگ هنگورجا جو رهواسي هو جيڪو شاهه عنات رضويءَ جو نه صرف همعصر هو بلڪه ان جو معتقد سڏيو ويندو آهي. جنهن شاهه عنات سان گفگتو ۾ هي بيت چيو، ان باري ۾ ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ لکي ٿو:

”ڪـڏهن هـن ڪرهـل جـا، پـٽر پـب نـه لـــــڳ،
اٿـــس هيـــر حضـــور جـــي، وهـــي منجهيئـــي وڳ،
ســڪ جــا ســليمان چــوي، اٿــس ســنڌ ســـنڌ ۾ ســـڳ،
جــڳ ســان جهــڙو جــڳ، هينئــڙي ســان هـــت چـــري.

مخدوم سليمان هنگورجن جو ويٺل هو ۽ شاهه عنات رضويءَ جو همعصر ۽ معتقد هو. سندس هڪ بيت محفوظ رهيو آهي، جيڪو شاهه عنات رضوي سان گفتگو دوران چيائين.“ (24)

پيرو ڪٽي:

پيرو ڏوڀي بنيادي طور تي لوڪ شاعر ۽ سگهڙ هيو. جيڪو شاهه عنات رضويءَ جو نه صرف همعصر هو بلڪه ان سان بيتن ذريعي گفتگو به ڪئي اٿائين، ان باري ۾ ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ لکي ٿو:

”ڏنگهـا ڏاڏي پـوٽيين، ڪـن ڏنـا ڪـي ٽيـــون ڏيـــن،
’پيــرو‘ چئــي پنهــوار ڪــي، نيئــر نهوڙيــو نـــين،
جـي مـان لوهـه لهـين، تـه هونـد ڪـوٽن ۾ ڪـــين هئـــا.

هي سگهڙ شاعر به شاهه عنات رضوي جوهمعصر هو ۽ ٻي ٽي پيرا شاهه عنات سان بيتن ۾ سندس گفتگو ٿي هئي.” (25)

ميين شاهه عنات جو چوٿون وڏو همعصر سندس فرزند ’سيد محمد شريف عرف شاهه شريف‘ هو، جيڪو ميين شاهه عنات کي ٻيبي صحت منجهان ڄائو. سيد محمد شريف کي شاعري ۽ درويشي سندس والد ميين شاهه عنات کان ورثي ۾ ملي هئي. سندس ڪلام ۾ 82 بيت ۽ 1 وائي شامل آهي. سندس بيت جو سٽاءُ ميين شاهه عنات جي بيت واري رنگ ۾ رچيل نظر اچي ٿو. هو ميين شاهه عنات سان بيتن جي ڏي وٺ ڪندو هيو. ۽ شاهه شريف حقيقي معنيٰ ۾ ميين عنات جو همعصر شاعر هو. ان باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو: ”شاهه شريف حقيقي معنيٰ ۾ ميين شاهه عنات جو همعصر ۽ هم صحبت شاعر هو.” (26)

ميين شاهه عنات رضوي جو ٻين سپني شاعرن ۾ وڏو همعصر شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي، پر ميون شاهه عنات ڪائنس عمر ۾ وڏو هيو. ميون عنات نه صرف شاهه لطيف جو اڳواڻ ٿي سامهون آيو، بلڪه ان شاهه لطيف جي لاءِ هڪ ميدان هموار ڪيو، جنهن تي ڀٽائي صاحب بعد ۾ ڪمال نموني سان ڪم ڪيو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڦوهه جواني ۾ هُيو، ته ميون شاهه عنات پيريءَ واري دور ۾ ان باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو: ”ميين شاهه عنات جي سوانح جي ٿاڻن ۽ اهڃاڻن واري تفصيل مان ظاهر آهي ته ميين شاهه عنات جي عمر 65 کان 70 سال کن هئي، جو ڀٽائي صاحب سن 1102 هه ۾ ڄائو. ۽ ڀٽائي صاحب جي عمر 18 کان 23 سال کن هئي جو ميين شاهه عنات وفات (1120-1125 هه) ڪئي.” (27)

اهڙيءَ ريت جڏهن ميين شاهه عنات ۽ شاهه لطيف جي بيتن کي سُروار پڙهجي ٿو ته معلوم ٿئي ٿو ته ڀٽائي صاحب، ميين عنات کان ڪيترو نه ڀرايو آهي.

يقينن ميين شاهه عنات جي دؤر ۾ به ڪجهه ٻيا وڏا اساسي شاعر لکي رهيا هئا، پر ميون عنات انهن سڀنيءَ ڪلاسيڪل شاعرن ۾ منفرد ۽ مختلف هئو. يقينن ميون شاهه ڪافي وڏن ڪلاسيڪل شاعرن جي لاءِ مختلف قالب گهڙيا ۽ انهن لاءِ راهه هموار ڪرڻ سان گڏ، روايتي شاعريءَ جا رخ تبديل ڪري، ان ۾ نيون روايتون قائم ڪري ٻين بعد جي شاعرن لاءِ نئون ميدان سجايو.

## ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ انفراديت ۽ شاهه لطيف تي اثر

### ميين شاهه عنات جي انفراديت:

سنڌي ڪلاسيڪل شاعري شاهه لطيف تائين ايندي ايندي جيڪي به فڪري ۽ فني منزلون طئي ڪيون، تنهن ۾ قاضي قادن، شاهه ڪريم، شاهه لطف الله قادري ۽ ميين شاهه عنات رضويءَ کي هڪ خاص حيثيت حاصل آهي. انهن سڀني شاعرن جي تخليقي ڪوششن رنگ لاتو ۽ ڪلاسيڪل شاعريءَ جو هڪ الڳ معيار سامهون آيو. قاضي قادن تصوف جو جيڪو ٻج ڇٽيو، تنهن جي سنڀال شاهه ڪريم ۽ پوءِ شاهه لطف الله قادريءَ کان ٿيندي ميين عنات جي مٿان آئي. قاضي قادن فڪر، تصوف ۽ زندگيءَ سان لاڳاپيل سوالن کي دوهي ۽ سورٺي جي ميل ۾ تجربا ڪري بيت جي شڪل تائين وٺي آيو، جنهن کي پوءِ شاهه ڪريم، شاهه لطف الله قادريءَ ۽ ميين شاهه عنات اوج بخشيو.

ميين شاهه عنات سنڌي شعر جو سڄو ماحول ئي تبديل ڪري ڇڏيو. هن نه صرف هڪ نئي روايت جي پيڙهه رکي، بلڪه ان لاءِ جيڪو انداز، اسلوب ۽ ٻولي استعمال ڪئي، اها به نهايت ئي اصلوڪي ۽ منفرد هئي. ان باري ۾ ڊاڪٽر اسحاق سميجو لکي ٿو: ”هُن سنڌي شعر کي هڪ نئون اسلوب ۽ معياري لب لهجو عطا ڪيو. ٻولي ايتري ته اصلوڪي، زندگيءَ سان ڀرپور، رسيلي ۽ پُر اثر استعمال ڪيائين، جو بعد ۾ ان کي ئي شاهه لطيف جي شعر جي ٻولي بڻجڻ جو به شرف حاصل ٿيو.“ (28)

ميين شاهه عنات جهڙي باڪمال شاعر، نه فقط نين روايتن کي جنم ڏنو، پران پنهنجي شاعريءَ ۾ عوامي موضوع آڻي، ان کي اثرائتو بڻائي خاص و عام ۾ ڦهلائي ڇڏيو. ميين شاهه عنات ان دور ۾ پنهنجي شاعريءَ جي انفراديت ائين به ظاهر ڪئي ته هن پنهنجي شاعريءَ ۾ نوان موضوع، نوان گهاڙيٽا، نيون صنفون، نيون تشبيهون ۽ نوان استعارا ڪم آندا، جيڪي لپائيندڙ ۽ دلڪش هئا، جيڪي اڳ موجود شاعريءَ ۾ نه هئا. جيئن مثال طور: ميين شاهه عنات

تصوف جي شاعريءَ ته ڪئي، پر ان ۾ نواڻ اها آندي ته هُن تصوف جي شاعريءَ سان گڏ رومانوي شاعريءَ جو به بنياد وڌو. جنهن ۾ هن عشقيه داستانن کي پنهنجي ڪمال جي وسيلي عوامي لهجي ۾ پيش ڪيو. جنهن ۾ سورمن ۽ سورمين کي ڳايو. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سنڌي عام داستانن جي مشهوريءَ جو پورو ڪريڊٽ ميين شاهه عنات ۽ شاهه لطيف کي ڏيندي لکي ٿو: "عام سنڌي داستانن ۽ مشهور عنوانن جي تاجي پيٽي ۾ اُٽيل سُر وار بيتن ۽ واين جي سٽاءَ ۾ سمايل شاعريءَ جي سنواريندڙن ۽ سينگاريندڙن ۾ ميين شاهه عنايت ۽ شاهه عبداللطيف جو شرف مڙني ۾ مٿانهون آهي. ٻئي هن نئين تحريڪ ۾ پائيوار آهن. بلڪ ٻئي هن تخليق لاءِ فطرت طرفان چٽيل جاڙا ٻار آهن." (29)

ميين عنات جي ڪلام ۾ موضوعاتي تبديلي سان گڏ فن ۽ فڪري پختگي گهڻي مضبوط ٿي سامهون آئي. ۽ اها پختگي هُن جي اڳ وارن شاعرن جي تسلسل جو حصو ٿي سگهي ٿي. جيتوڻيڪ ميين شاهه عنات کان اڳ وارن شاعرن وٽ توحيد، تصوف، نصيحتون، هدايتون ۽ سماج سڌارڪ جهڙا موضوع ملن ٿا، پر ميين شاهه عنات انهن سڀني موضوعن سان گڏ پنهنجي مکيه سجاڳپ مجازي عشق ۽ حسن جي ڪئي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو: "ميون شاهه عنات پهريون شاعر آهي، جنهن پنهنجن بيتن ۾ مجازي حسن کي ڳايو. ڪائنس اڳ توحيد ۽ تصوف، نصيحت ۽ هدايت، حال ۽ حقيقت جو بيان بيتن جو مکيه مضمون هو." (30)

ميين عنات جي شاعريءَ جي خاص انفراديت سندس مضمون ۽ موضوع جي تبديلي آهي. اڳ جيڪا به شاعريءَ رچي وئي تنهن ۾ قصا، داستانَ، واقعا، جنگيون، تصوف، توحيد، طريقت، شريعت، دين، اخلاقيات، نصيحتون ۽ هدايتون وغيره جهڙا موضوع شامل هئا، پر ميين عنات انهن سڀني کان منفرد انداز

اپنايو. اهو ئي سبب هو جو ميين عنات جي ڪلام ۾ ۽ ڪائنس اڳ موجود شاعرن جي ڪلام ۾ هڪڙو فرق نظر آيو، جنهن ۾ موضوعاتي تبديلي، ٻوليءَ جي اثر انگيزي، پختگي ۽ رواني گهٽي پُر اثر هئي. ميين عنات شاعريءَ کي هڪ فڪري حيثيت ڏياري. ان باري ۾ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي لکي ٿو: ”ميين شاهه عنات جي ڪلام ۾ اڳوڻن شاعرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ موضوعاتي وسعت، فڪري، فني ۽ ٻوليءَ جي پختگي، رنگيني ۽ رواني نظر اچي ٿي. ايتري قدر جو تصوف جا باريڪ مسئلا به نهايت سهٽي ۽ سولي انداز ۾ سمجهايا ويا آهن. انهيءَ کان سواءِ هن شاعر حسن ۽ عشق جي موضوع کي به شاعريءَ ۾ آندو .“ (31)

قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم، شاهه لطف الله قادري جهڙا عظيم شاعر به تصوف جي رنگ ۾ رڱيل هئا، ۽ انهن پنهنجي شاعريءَ ۾ وحدانيت ۽ تصوف جي پرچار وڌيڪ ڪئي. پر انهن جي مقابلي ۾ ميين شاهه عنات جهڙي مختلف شاعر نين روايتون اختراع ڪيون، ۽ پنهنجي شاعريءَ لاءِ عام موضوعن جي چونڊ ڪئي.

ميين عنات جي خاص انفراديت اها آهي ته، هو سُرن جي روايت جو مؤجد هئڻ سان گڏ وائي لکڻ جي روايت جو به مؤجد آهي. ميين عنات کان اڳ سُرن جي روايت ڪنهن به اساسي شاعر وٽ نه ملي آهي. ساڳي ريت وائيءَ جي صنف به ميين عنات جي شاعريءَ جو ئي حسن آهي. ميين عنات جي سُرن لکڻ بعد ئي ٻين اساسي شاعرن ان جي پيروي ڪئي آهي. نه صرف ايترو پر ان جي مضمونن ۽ موضوعن جو پڻ استعمال ڪيو آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو: ”عنايت جي سُرن جو مضمون ان ترتيب جو پهريون نمونو آهي، جيڪو پوءِ وارن شاعرن اختيار ڪيو. سُر يمن ڪلياڻ ۾ ويڄن ۽ طبيبن، محبوب جي سچي سڪ توڙي سرڪ جي طلب موجود آهي.“ (32)

ميين عنات جي شاعريءَ ۾ اعليٰ فڪري روايت ۽ عوامي روايت ٻنهي جو ذڪر ملي ٿو. سندس شاعريءَ جي ٻي انفراديت اها به آهي ته هو فطري طور هڪ مزاحمتي شاعر هو، جنهن کي پنهنجي وطن سان عشق هو. جنهن سبب ئي هن پنهنجي وطن جي سورهين ۽ سخي مردن جهڙوڪ: رڻمل جاڙيجو، ابڙو اڙٻنگ، ڄام مهڙ نوتيار، ڄام ڪرن، ڄام سپڙ چوٽياڻ، ڄام تماچي، ڄام جکرو، ڄام هوٿياڻي ۽ راءِ ڏياچ وغيره جو وڏي احترام و عزت سان پنهنجي سُر ”بلاول“ ۾ ذڪر ڪيو آهي. جن جي نه صرف بهادري بلڪه انهن جي سخاوت بابت به ڳايو آهي. جڏهن ته ان کان اڳ ڪنهن به ڪلاسيڪل شاعر وٽ مزاحمتي عنصر گهٽ ڏسڻ ۾ ٿو اچي.

## ميين شاهه عنات رضويءَ جو شاهه عبداللطيف تي اثر:

سنڌي ادب ۾ ڪلاسيڪل شاعريءَ جو واضح دور ته اسان کي سومرن جي دور کان ملي ٿو، پر ڪلاسيڪل شاعرن جي باقاعده شروعات سمن جي دور کان ٿئي ٿي، جنهن ۾ پهريون وڏو ڪلاسيڪل شاعر قاضي قادن آهي، جنهن کان پوءِ شاهه عبدالڪريم، شاهه لطف الله قادري ۽ ميين شاهه عنات رضوي جا نالا اچن ٿا. تنهن ڪري شاهه ڪريم کان پوءِ ۽ شاهه لطيف کان اڳ ميون شاهه عنات ئي ڪلاسيڪل دور جو وڏو شاعر آهي، جنهن ڪلاسيڪل شاعريءَ کي عروج تي پهچايو. ان بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو: "شاهه ڪريم وفات ڪئي (1030هه) ت ميون شاهه عنات ڄائو، ۽ ميين شاهه عنات وفات ڪئي (1125-1120 هه) ته پٽائي جوان ٿيو. سنڌي شاعري جي ارتقاء جي سلسلي ۾، ميون شاهه عنات ڇڻ شاهه ڪريم ۽ پٽائي صاحب جي وچ واري عرصي ۾ تقاضا پوري ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو ۽ سنڌي شاعري جي مقدار توڙي اقدار جي لحاظ سان هو انهيءَ وچ واري دور جو نامور اڳواڻ ۽ علمبردار شاعر هو." (33)

ڊاڪٽر بلوچ جي مٿين ڳالهه مطابق ته شاهه ڪريم ۽ شاهه عبداللطيف جي وچ واري خال جي لاءِ ئي ميين شاهه عنات جهڙو شاعر پيدا ٿيو. ميين شاهه عنات ئي انهن جي عدم موجودگيءَ ۾ علمبرداري ڪئي آهي. پيو ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ جيڪا عام سنڌي داستانن جي شروعات آهي، اها اسان کي شاهه عبدالڪريم کان ملي ٿي، جنهن ۾ سسئي پنهون، عمر مارئي، سهڻي

ميهار، مومل راڻو ۽ ليلا چنيسر وغيره جا داستان الاهي اسرار کي ڄاڻڻ لاءِ لکيا، پر ان کي باقاعده اوج تي ميين عنات رضويءَ ۽ پوءِ شاهه عبداللطيف پهچائي ٿي پهچايو آهي. هي اهي وڏا شاعر آهن، جن ان داستانن ۾ روح ڦوڪِيو ۽ کين عوامي مقام ڏياريو.

شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪي به موضوع آندا، انهن منجهان ڪجهه ته ميين شاهه عنات کان اڳ وارن شاعرن وٽ به موجود هئا. پر خاص جيڪو شاهه لطيف جي شاعريءَ تي ميين شاهه عنات جو اثر ڏسجي ٿو، اهو آهي ميين شاهه عنات جو رومانوي داستانن کي ڳائڻ، سُرن جي بنياد ۽ جوڙجڪ جي لحاظ سان شاهه لطيف کي متاثر ڪرڻ. وائيءَ جي صنف جو به ميين شاهه عنات کان شاهه لطيف کي هڪ تحفو مليو، اهو ئي سبب آهي، جو ميين شاهه عنات جو شاهه لطيف جي شاعريءَ تي ڀرپور اثر نظر اچي ٿو. ميين شاهه عنات جيڪي موضوع پنهنجي شاعريءَ ۾ ڳايا، سي ئي شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ اسان کي نظر اچن ٿا. ميين عنات جيڪو سُرن جو بنياد وڌو، اهو ساڳيو ئي تسلسل شاهه لطيف برقرار رکيو. ان باري ۾ تنوير عباسي لکي ٿو: ”سُرن ۽ داستانن جي ورڇ، وائيءَ جو موضوع آهر داستان جي پڇاڙيءَ ۾ اچڻ، ڪلياڻ، سامونڊي، سريراڳ، مارئي، ليلا چنيسر توڙي ٻيا ڪيترائي موضوع شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ اڳ ئي موجود هئا، جن کي شاهه لطيف اڳتي هلي، پنهنجو ڪيو ۽ اهي ئي موضوع، شاهه لطيف جا مرغوب موضوع ٿي پيا.“ (34)

ميين شاهه عنات جي ڪلام جي اهميت جو اندازو ۽ ميين شاهه عنات جو شاهه عبداللطيف تي اثر ان وقت معلوم ٿيو. جڏهن 1960ع ڌاري ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي ميين عنات جي ڪلام جو نسخو هٿ آيو ۽ هن سندس

رسالو ترتيب ڏيئي، ان تي هڪ جامع مقدمو لکيو، جنهن بعد شاهه عبداللطيف تي ميين شاهه عنات رضويءَ جو اثر واضح ٿيو.

يقينن ميين شاهه عنات، شاهه عبداللطيف جي استاد جو فرض نڀايو آهي. ميين عنات جي شاعريءَ جو ايترو ته اثر شاهه لطيف تي نظر اچي ٿو، جو شاهه لطيف جا انيڪ شعر ۽ ان جا موضوع ميين شاهه عنات جي بيتن جي رنگ ۾ رچيل نظر اچن ٿا.

## حوالا:

1: بلوچ. نبي. بخش. ڊاڪٽر، (تحقيق ۽ تصحيح) ”ميين شاهه عنات جو ڪلام“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2010ع ص: 20

2: بلوچ. نبي. بخش. ڊاڪٽر، (تحقيق ۽ تصحيح) ”ميين شاهه عنات جو ڪلام“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2010ع ص: 23

3: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، ”ميين شاهه عنات جو ڪلام“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2010ع، ص: 24

4: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، ”ميين شاهه عنات جو ڪلام“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2010ع، ص: 44

5: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 1999ع، ص: 462

6: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، ”ميين شاهه عنات جو ڪلام“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2010ع، ص: 46

7: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، ”ميين شاهه عنات جو ڪلام“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2010ع، ص: 5

8: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، "ميين شاهه عنات جو ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2010ع، ص: 58

9: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، "ميين شاهه عنات جو ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2010ع، ص: 57

10: سميجو. اسحاق. بخش. ڊاڪٽر، (مرتب) "ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن: مِيون شاهه عنات رضوي"، (هڪ اپياس)، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع ص: 7

11: سميجو. اسحاق. بخش. ڊاڪٽر، (مرتب) "ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن: مِيون شاهه عنات رضوي"، (هڪ اپياس)، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع ص: 9

12: سميجو. اسحاق. بخش. ڊاڪٽر، (مرتب) "ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن: مِيون شاهه عنات رضوي"، (هڪ اپياس)، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع ص: 124

13: سميجو. اسحاق. بخش. ڊاڪٽر، (مرتب) "ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن: مِيون شاهه عنات رضوي"، (هڪ اپياس)، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع ص: 140

14: سميجو. اسحاق. بخش. ڊاڪٽر، (مرتب) "ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن: مِيون شاهه عنات رضوي"، (هڪ اپياس)، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع ص: 62

15: سميجو. اسحاق. بخش. ڊاڪٽر، (مرتب) "ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن: مِيون شاهه عنات رضوي"، (هڪ اپياس)، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع ص: 11

16: سميجو. اسحاق. بخش. ڊاڪٽر، (مرتب) "ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن: مِيون شاهه عنات رضوي"، (هڪ اپياس)، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع ص: 127

17: سميجو. اسحاق. بخش. ڊاڪٽر، (مرتب) "ڀلي ڪئي ڀؤنرن (ميين شاهه عنات رضويءَ تي ٽيل پهرين ڪانفرنس جا مقالا)"، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2021ع ص: 37

18: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ"، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 1999ع، ص: 296

19: سميجو. اسحاق. بخش. ڊاڪٽر، (مرتب) "ڀلي ڪئي ڀؤنرن (ميين شاهه عنات رضويءَ تي ٽيل پهرين ڪانفرنس جا مقالا)"، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2021ع ص: 12

20: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، "ميين شاهه عنات جو ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2010ع، ص: 63

21: سميجو. اسحاق. بخش. ڊاڪٽر، (مرتب) "ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن: مِيون شاهه عنات رضوي"، (هڪ اڀياس)، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع ص: 11

22: لغاري، 'عابد'، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "سنڌي شاعريءَ جي مختصر تاريخ"، مهراڻ اڪيڊمي واڳنودر، شڪارپور، 1999ع، ص: 45

23: سنڌي ميمڻ عبدالمجيد "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2013ع، ص: 89

24: سنڌي ميمڻ عبدالمجيد "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2013ع، ص: 88

25: سنڌي ميمڻ عبدالمجيد "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2013ع، ص: 88

26: بلوچ. نبي. بخش. ڊاڪٽر، (تحقيق ۽ تصحيح) "ميين شاهه عنات جو ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2010ع ص: 49

27: بلوچ. نبي. بخش. ڊاڪٽر، (تحقيق ۽ تصحيح) "ميين شاهه عنات جو ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2010ع ص: 66

28: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، "ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن 'ميون شاهه عنات رضوي' (هڪ اڀياس)، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع، ص: 7

29: جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1994ع، ص: 72

30: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، ”ميين عنات جو ڪلام“، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 2010ع، ص: 61

31: مانجهي، محمد، علي، ڊاڪٽر، ”صوفي شاهه عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر“، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2010ع، ص: 273

32: جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1994ع، ص: 73

33: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، ”ميين عنات جو ڪلام“ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 2010ع، ص: 57

34: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، ”ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن ’ميون شاهه عنات رضوي‘ (هڪ اڀياس)، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع، ص: 118

باب ٽيون

# جماليات جي لفظي ۽ لغوي معنيٰ، جماليات جي وصف، جماليات جا قسم ۽ سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ جماليات جي روايت

## جماليات جي لفظي ۽ لغوي معنيٰ:

جماليات جي لفظي ۽ لغوي معنيٰ سمجهڻ کان اڳ اسين لفظ "جمال" جي لفظي معنيٰ ڪجهه لغتن مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. ان سلسلي ۾ مفصل سنڌي لغت (جلد چوٿون) ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لفظ "جَمالُ ۽ جَمالَ" جي لفظي معنيٰ هن ريت ٻڌائي آهي،:

جَمالُ ڄ جَمالَ: { ا – مذ} سونهن، حسن، سوڀيا، خوبصورتي، روپ، زينتَ، سهڻائي" (1)

يعني ڪنهن به خوبصورت يا حسين شئي لاءِ اسين لفظ "جمال" استعمال ڪنداآهيون. اهڙيءَ ريت فيروز اللغات اردو جي مصنف لفظ جمال جي هن طرح لفظي معنيٰ ٻڌائي آهي:

"جمال (ج–مال) (ع – ا – مذ) : حُسن، جوٽن، خوبصورتي، (جميل: ج – ميل) (ج – صف) حسين، خوبصورت، سُندر، شڪيل." (2)

جمال لفظ مرڪب لفظ آهي 'جماليات' جو يعني جمال جي ڳولها. ٻين لفظن ۾ حُسن جي ڳولها. جمال منجهان نڪتل لفظ جماليات بابت مفصل سنڌي لغت (جلد چوٿون) ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن ريت ان جي لفظي معنيٰ هيئن لکي آهي:

جَمالِياتِ: { ا – مث} اهڙا علمَ يا فَنَ، جن جو واسطو حسين ۽ خوبصورت شين سان هجي (جيئن: شاعري، موسيقي، مصوري وغيره). فنونِ لطيفا، لطيف فن." (3)

اهڙيءَ طرح جماليات بنيادي طور تي لفظَ "جمال" مان ورتل آهي. جيڪو عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ سونهن يا حُسن آهي.

جڏهن ته لفظ 'جمال' جي لاءِ انگريزيءَ ۾ اسين (Beauty) ۽ لفظ 'جماليات' جي انگريزيءَ لاءِ اسين لفظ (Aestheticism) استعمال ڪندا آهيون. جنهن منجهان ظاهري حسن ۽ سونهن جي معنيٰ ورتي ويندي آهي. Aesthetic بنيادي طور تي لفظ (Aestha) مان ورتو ويو آهي، جيڪو يوناني ٻولي جو لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ حواسن ذريعي ڪنهن شئي جي حسن جو اندازو لڳائڻ آهي.

## جمال (Beauty):

سونهن، حسن، سوڀيا، خوبصورتي، روپ، زينتَ، سهڻائي, صورت، رنگت يا ٻين انيڪ خوبين کي جيڪا شئي عيان ڪري ۽ ان جي شئي جي صفتن ۾ اضافي ٿيندڙ شين جي نشاندهي به ڪري ته ان کي 'جمال' چئبو آهي. جڏهن ته انگريزي زبان ۾ مُروج لفظ بيوٽي Beauty جيڪو پڻ حُسن ۽ جمال جي معنيٰ ۽ مفهوم طور استعمال ٿئي ٿو، تنهن لاءِ آڪسفورڊ ڊڪشنري ( A.S Horn `Oxford Advanced learners dictionary 7th edition, Oxford university press, p. 12) ۾ هن ريت لکيل آهي:

"Beauty (Noun) The quality of being pleasing to the senses or to the mind." (4)

حُسن جي بنيادي قدرن کي معلوم ڪرڻ ۾ جلال ۽ جمال ضرور شامل هوندا آهن. جن مان فطرت جي جلال ۽ جمال جي نشاندهي ڪري سگهبي آهي. لفظ جلال کي انگريزيءَ زبان ۾ Sublime سڏيو ويندو آهي. جڏهن ته جمال کي Beauty چيو ويندو آهي. جلال ۽ جمال درحقيقت حُسن جا هڪ جيترا اهم مظهر آهن. انهن ٻنهي عنصرن جو فطرت سان گهرو تعلق آهي. انهيءَ سبب ڪري اِهي فطرت جي حسن ۾ هر طرح سان نظر ايندا آهن. يوناني مفڪر ليونارڊ، فطرت جي جلال ۽ جمال جي سندرتائن ۽ حسيناڪين کي سمجهڻ لاءِ جماليات جو سهارو ورتو هيو. ان باري ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو: ”ليونارڊ، فطرت جي جلال ۽ جمال جي حُسناڪين کي سمجهڻ لاءِ جماليات جو سهارو ورتو.“ (5)

اسين هت فطرتي جلال (Natural Sublime) ۽ فطرتي جمال (Natural Beauty) جي ٿوري وضاحت ڪريون ٿا.

## فطرتي جلال (Natural Sublime):

فطرتي جلال ۾ اسان کي قدرت جي ان منظرن کي ڏسڻو آهي، جيڪي آسماني آهن. جن جو تعلق لڳ ڀڳ خدا جي جلال وانگيان ئي آهي. جنهن ۾ گجگوڙ، ڪَڪَر، کنوڻ، وِڄُ، آبشارن مان ڪِرندڙ پاڻيءَ جو آواز ۽ سمنڊ جون خوفناڪ لهرون شامل آهن. جيڪي قدرت جي مظهر جو عڪس آهن. ان باري ۾ ڊاڪٽر شير مهراڻي لکي ٿو: ”جلال (Natural Sublime) ۾ ڪڪرن جون ڊوڙندڙ قطارون، بادلن جي گجگوڙ، کنوڻ جا چمڪاٽ، وِڄُ جا ڪڙڪاٽ، آبشارن مان پاڻيءَ جو ڪرڻ، سمنڊ جون ڇوليون وغيره شامل آهن.“ (6)

## فطرتي جمال (Natural Beauty):

فطرتي جمال ۾ اسان کي صبح جو منظر، پرهِه جو ڦٽڻ، ٻاک، خوشبو، سج جا ڪِرڻا، ٿڌڙي هوا، سنهڙي بوند، تارن جي قطار، گلن ۽ ٻوٽن جو کِلڻ،

پکين جو ٻولڻ ۽ ڇوناٽو ماحول وغيره فطرتي جمال جو حصو آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر شير مهراڻي لکي ٿو: "فطري جمال Natural Aesthetic ۾ جتي صبح جي ٿڌڙي هير،گلن جي خوشبو، مينهن جي سنهڙي بوندار، رات جي پهر ۾ ڇوناٽي ماحول ۾ نظر ايندڙ تارن جون قطارون ۽ کير ڌارا (شهر جي ميري روشني ۾ فطرت جا ڪيترائي نظارا گم ٿي وڃن ٿا." (7)

اهڙيءَ طرح جمال ۽ جماليات جي مجموعي لغوي معنيٰ حسن، سونهن، خوبصورتي ۽ سهڻي شئي جي عڪاسي آهي. اها هڪ صفت جي طور تي شمار ڪئي ويندي آهي. جڏهن ته عربي ۽ سنڌيءَ زبانن ۾ جمال لفظ گهڻو عام آهي ۽ ان جو گهڻو تعلق به حسن سان آهي. تهن ڪري انهيءَ جو عام ترجمو 'جماليات' ٿي ويو آهي.

## جماليات جي وصف:

ادب ۽ زندگيءَ ۾ جماليات جي وڏي اهميت آهي. جيتري هيءَ دنيا قديم ۽ اوائلي ڏسجي ٿي، اوترو ئي انسان جو حُسن سان ڳانڍاپو به اوائلي آهي. انسان اک کوليندي ئي قدرت جي انيڪ مظهرن جو مشاهدو ڪيو، جنهن ۾ سج، چنڊ، چانڊوڪي، تارا، ڪَتيون، نيرو آسمان، بادل، وڻ ٽڻ، گل، ٻوٽا، پهاڙ، آبشارن، جهرڻا، نديون، درياهه، سمنڊ، ۽ اهي سڀئي سونهن سان قدرت جا لاڳاپيل عنصر اکين ٻَسيا جيڪي انسان جي سامهون آيا. ۽ اهو سڀ فطري جمال آهي. ساڳي ريت فطري سونهن ۽ حُسن جي وڏي خوبي اها ئي آهي ته اها عالمگير اهميت رکي ٿي. حسن جي ۽ سونهن جي خواهش ته هر ماڻهوءَ کي ٿيندي آهي. فطري طور تي انسان هر شئي کي پنهنجي نظر توڙي سڀني حواسن ۾ حسين ڏسڻ جو خواهشمند رهيو آهي. حُسن هِن جهان جو اهو عنصر آهي، جنهن ۾ جهان جون سڀئي حُسناڪيون سمايل آهن. اهو ئي سبب آهي جو

سونهن يا حسن جي فلسفياڻي اڀياس يا ان جي سائنسي اڀياس کي ئي ’جماليات‘ چيو وڃي ٿو. جماليات جي وصف بيان ڪندي فيروز اللغات اردو جي مصنف جماليات جي تشريح هن ريت ڪئي آهي:

”جماليات (ع – ا – مذ) : فلسفه کي وه شاخ جس مين حُسن اور اس که لوازم سي بحث کي جاتي هي“ 2: حُسن شناسي 3: فنونِ لطيفه (انگ) (Aesthetic) (8)

يعني جماليات نه صرف عام موضوع بلڪه اهو ته فلسفه جي شاخ جي ڪڙي آهي. جنهن ۾ حُسن ۽ سونهن بابت هر شئي تي بحث ڪيو وڃي. جنهن ۾ ڪائنات جي هر هڪ ذري جي خوبصورتي، سندرتا، حسن، سونهن ۽ ايتري قدر ان جي بدصورتي به خود ۾ هڪ جماليات آهي. ڪائنات جي انهن سڀني بدصورت شين جو به هڪڙو جمال آهي. جيڪو انسان کي ڪنهن حد تائين پاڻ ڏانهن متوجهه ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي. پر درحقيقت جماليات جو اصل جوهر يا مظهر ته هن جهان جي حُسن سان سلهاڙيل آهي. حُسن ۽ فطرت زندگيءَ جو اهڙو عڪس آهن، جنهن ۾ ڪائنات جون سموريون سچايون ۽ حُسناڪيون شامل آهن. سونهن يا حسن ئي هن سڄي سنسار جو جمال آهن. جنهن ۾ هن ڪائنات جا اهي سڀ رنگ اچي وڃن ٿا، جيڪي انسان کي پنهنجي حُسن ۽ سونهن جي ڪري نه صرف متاثر ڪن ٿا، بلڪه ان جي خوشيءَ جو سامان به ٿين ٿا. تنهن ڪري ئي سونهن ڪائنات جو عظيم مظهر سڏجي ٿو. ڊاڪٽر شير مهراڻي جماليات جي وصف ڪندي لکي ٿو: ”سونهن ڪائنات جو اهو عظيم مظهر آهي، جنهن ۾ جهان جون سموريون وسعتون سمايل آهن. حسن پنهنجي پيڪر ۽ نمونن ۾ ازل کان ئي ڪشش جو سبب بڻجندو رهيو آهي.“ (9)

اهو حسن ئي آهي، جيڪو زمانن کان هن ڪائنات تي حڪومت ڪري رهيو آهي، جنهن جي عظمت اها آهي ته ان ۾ زمانن جون سڀ حسناڪيون ۽ سڀ رنگ پريل آهن. روايتي طور جماليات فلسفي جي هڪ شاخ آهي. جنهن ۾ حسن، سونهن ۽ ان جي معيارن تي مفصل بحث ڪيو ويندو آهي. جنهن جو تعلق اهڙين شين جي جانچ ۽ پرک وارين شين سان آهي، جن ۾ جماليات جو عنصر موجود هجي. جماليات فطرت ۽ حسن جي پرک ۽ ان جي فلسفي جو علم آهي. جماليات جي تشريح ڪندي ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو: ”جماليات جو لفظ پنهنجي معنوي توڙي اصطلاحي وجود ۾ وڏي جامعيت ۽ وسعت جو حامل آهي. دنيا جي هر اها چيز جماليات جي دائري ۾ اچي وڃي ٿي، جنهن جو تعلق ’حُسن ۽ جمال‘ سان آهي. فطرت جون رنگينيون، ادب ۽ آرٽ جون لطافتون، فنونِ لطيفه ۽ زندگيءَ جون ٻيون اهڙيون سموريون حُسناڪيون ۽ دنيا جا ٻيا مڙئي متاثر ۽ متوجهه ڪندڙ، دل ۽ دماغ کي وڻندڙ، موهيندڙ لقاءَ ۽ مظهر جماليات ۾ شامل آهن.“ (10)

جماليات ته هڪڙي مڪمل سائنس آهي، هڪڙو مڪمل فلسفي جو شعبو آهي. جنهن ۾ انيڪ شيون بحث لاءِ بر وقت ملن ٿيون. جمال نه صرف سونهن يا حسن ۾ ملي ٿو، بلڪه اهو ته اسان کي نيڪي، خير، سچائي يا ڀوءِ کنهن ڀلائيءَ جي ڪمن مان به حاصل ٿئي ٿو. يعني جماليات فلسفي جيان محدود نه آهي. ۽ ان جي نظريي ۾ روز مره تبديليون اچن ٿيون.

جماليات هڪ مڪمل شعبو آهي، جنهن جون ڪيئي ڌارائون آهن. جنهن جا ڪيئي پاسا آهن. جنهن ۾ ڪيئي الڳ الڳ وضاحتون ۽ تشريحون ملن ٿيون. يعني جماليات هڪ ڳوڙهو، گهڻ رُخو ۽ وسيع موضوع آهي. ان جو دائرو ايترو ته وڏو آهي، جيترو خود هيءَ وسيع دنيا آهي. جماليات جيئن ته فلسفي جي شاخ آهي، تنهن ڪري مختلف عالمن ان کي مدلل ويچارن جي مدد سان

سمجهائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. ڪتاب ’شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو جمال‘ جي پبلشر پاران ۾، اڪبر لغاري جماليات جي وصف ڪندي لکي ٿو: ”جماليات، فلسفي جي هڪ شاخ آهي، جنهن جو سُہنڌ فن، حسن، ان جي قدرن، مشاهدي، تجربي، تجزيي، ان سان لاڳاپيل مسئلن ۽ انهن جي حل سان آهي.“ (11)

جماليات جي موضوع بابت ڪا به هڪ راءِ يا ڪا به هڪ تشريح ڏيڻ کان اڄ تائين سڀئي ڏاها به قاصر رهيا آهن. چاڪاڻ ته اهو هڪ هڪڙو ڳوڙهو موضوع آهي، جنهن جون حدون مقرر ڪرڻ خود هڪڙو وڏو مسئلو آهي. هي هڪڙو عجيب معمو آهي. جنهن جون ڪيئي شاخون ۽ رستا نڪرن ٿا. جماليات بابت مختلف راءِ ۽ ان بعد ان نئي نظريي کي جڏهن به پرکيو وڃي ٿو ته اهو هڪ نئي ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو. ان جا ڪيئي رُخ ۽ پاسا ٿي سگهن ٿا. ان باري ۾ ڊاڪٽر شير مهراڻي لکي ٿو: ”حسن جي علم يعني جماليات کي ڪا به هڪ يا مشترڪ ڪيل تشريح ڏيڻ کان اڄ تائين سڀ ڏاها قاصر آهن. ڇو ته جماليات هڪ اهڙو همه گير موضوع آهي، جنهن جون سرحدون مقرر ڪرڻ خود جماليات جي عالمن ۽ ڏاهن لاءِ هڪ چيلينج کان گهٽ ناهي.“ (12)

جماليات حسن ۽ فن جي مطالعي جو نالو آهي. پر ان هوندي به جماليات فن جي تجزيي ۽ ان سان لاڳاپيل مسئلن جي حل لاءِ پڻ وڏي اهميت رکي ٿي. جيڪا بنيادي طرح حسن، جمال ۽ فن جو فلسفو آهي. يعني ڪنهن به فن جي حسن کي ان جي آخري حد تائين معلوم ڪرڻ جو علم آهي. ٻين لفظن ۾ ڪنهن شئي يا فن جي خوبصورتيءَ جي احساس کي ”جماليات“ چئجي ٿو. ڪنهن به شئي جي جماليات کي محسوس ڪرڻ جي لاءِ نظر جي ضرورت هوندي آهي. نظر هر شئي جي جماليات کي سمجهندي آهي ۽ هر نظر جو

معيار الڳ هوندو آهي. ان ڪري ئي هر انسان ڪنهن به شئي جي جماليات کي پنهنجي زاويه نظر سان ڏسي سگهي ٿو.

مثال طور: ڪنهن کي مور جا ٿهوڪا (ڳائڻ) وڻن ٿا، ڪنهن کي مورَ جا کنڀ وڻن ٿا ۽ ڪنهن کي وري مور جا رنگ وڻندا آهن. جڏهن ته اهي سڀئي خوبيون مورَ جي جماليات جو حصو هونديون آهن. صرف ڏسڻ واري جي نظر جو ڪمال آهي. جو ڏسڻ وارو پنهنجي زاويي سان جماليات جي الڳ الڳ پهلوئن کي ڏسي رهيو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته انسان جي ذاتي پسند نا پسند ڪنهن به شئي جي جماليات جو معيار هوندي آهي.

جماليات رڳو حُسن جو ئي نه پر فن جو به نالو آهي. جنهن ۾ فن جي مهارت ۽ ان جي ڪاريگري وغيره بعد ئاهي سنواري ڪا سهڻي تخليق پيش ڪئي وڃي. ان باري ۾ ڪتاب ’شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو جمال‘ جي پبلشر پاران ۾، اڪبر لغاري لکي ٿو: ”جماليات فلسفي جي شاخ آهي جنهن جو تعلق، فن جي تخليق، قدر ۽ ان جي تجربي سان گڏ، فن جي تجزيي، ان سان لاڳاپيل مسئلن ۽ انهن جي حل سان آهي. جماليات بنيادي طرح حسن ۽ جمال جو فلسفو آهي ۽ ان سان گڏ هي اهي اصول واضح ٿو ڪري يا ڪسوٽي مقرر ٿو ڪري جنهن جي مدد سان ڪنهن فن کي فن چئي سگهجي يا ان فن کي حسين يا قبيع چئي سگهجي.“ (13)

جماليات کي جاچڻ جو هڪ معيار اهو به آهي ته اوهان پنهنجي پنجن حواسن کان علاوه ڇهين حواس جو استعمال ڪريو. جيڪو اوهان جو ”شعور“ هوندو آهي. هڪ عام ماڻهو ڪنهن به شئي کي ڏسندو آهي ته هو ان جي خوبصورتي کان ٿورو متاثر ٿيندو آهي. پر ان جي جماليات ان کي بلڪل متاثر نه ڪندي آهي. هڪ طرح سان جماليات هڪ تخليقي عمل آهي. اهو ئي سبب آهي ته فني جماليات ۾ اهي سڀئي تخليقي فَن شامل ڪيا ويندا آهن. جيڪي

هڪ طرح سان انسان جي پهچ ۾ ايندڙ آهن. جنهن ۾ هڪ شاعر پنهنجي فني مهارت ذريعي پنهنجي احساسن ۽ ڪيفيتن کي شاعري جي قالب ۾ گهڙيندو آهي، جنهن ۾ هڪ ڪنڀار پنهنجي فَني صلاحيتن کي استعمال ڪري مٽيءَ منجهان موتي جهڙا قالب گهڙي وٺندو آهي، جنهن ۾ هڪ مصور پنهنجي تصوراتي دنيا منجهان هڪ خوبصورت تصوير کي جنم ڏيئي ان ۾ رنگ پريندو آهي. جنهن ۾ هڪ موسيقار پنهنجي فني صلاحيت تحت شاعريءَ جي سچي توازن کي ئي تبديل ڪري حسين سُرن ۾ سجائي پيش ڪندو آهي. جنهن ۾ هڪ سنگتراش پنهنجي هٿن جي خوبصورتيءَ سان مٽيءَ منجهان هڪ خوبصورت فنپارو وجود ۾ آڻيدو آهي. اهڙيءَ ريت اهي سڀ دنياوي فني تخليقن ۾ اسان کي تخليقي جماليات جو عڪس نظر ايندو آهي.

درحقيقت فنڪار پنهنجي اندر جي اُڇ، اندر جي بيچيني، اندر جي پيچ ڊاهه ۽ داخلي تبديلين کي فن جي ذريعي اظهارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ان باري ۾ ڪتاب ’شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو جمال‘ جي پبلشر پاران ۾، اڪبر لغاري لکي ٿو: ”هڪ شاعر انهن فنائتي احساسن ۽ ڪيفيتن کي شاعري جي قالب ۾ اوتيندو آهي، هڪ مصور، ڪينواس ۽ رنگن کي ذريعو بڻائيندو آهي، جڏهن ته هڪ سگنتراش، هٿوڙي ۽ ڇيٽي سان ڪو فنپارو وجود ۾ آڻي، پنهنجي اندر جي بي چيني ۽ آنڌ مانڌ کي ماٺو ڪرڻ لاءِ ڪوشان هوندو آهي. فنڪار پنهنجي اندر جي پيچ ڊاهه ۽ داخلي تبديلين کي فن جي صورت ۾ اظهارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. فن ئي هڪ فنڪار جي اندر جو حقيقي آئينو ٿيندو آهي.“ (14)

جماليات انيڪ ڀَونَ نظرين کي جنم ڏيندڙ موضوع آهي. جنهن ۾ حسن ۽ فن جي ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين کي سمجهڻ لاءِ جماليات هڪ جامع، جديد ۽

پرکڻ جو اهڙو سائنسي ۽ فلسفياڻو علم آهي، جنهن سان حسن، فن ۽ ان سان لاڳاپيل سڀني عنصرن جي قدرن جو تعين ڪري چنڊ ڇاڻ ڪري سگهجي ٿي.

# ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ جماليات جا قسم

<u>ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ جماليات:</u>

عروضي ۽ جديد شاعريءَ جي مقابلي ۾ سنڌي شاعريءَ جو آساسي دور فڪري توڙي فني حوالي سان پنهنجي ڪشادگيءَ جي ڪري عوام ۾ هڪ مختلف حيثيت رکي ٿو. ان ۾ ڪيئي اهم موضوع يا ڪيئي اهم لاڙا موجود آهن. جيڪي نه رڳو سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي سونهن آهن بلڪه انهن رجحانن سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ هڪڙي الڳ جان پئدا ڪئي. اهڙيءَ ريت شاعريءَ ۾ ڪيئي سهڻا سهڻا موضوع به بحث هيٺ ايندا رهيا آهن، جن ۾ فطرت نگاري، تجسيم نگاري، رومانويت، جديديت پسندي ۽ جماليات وغيره جهڙا موضوع آهن.

جڏهن ڪلاسيڪل دور جي سڀني شاعرن تي نظر وجهجي ٿي ته انهن وٽ ڪيئي اهڙا موضوع موجود آهن، پر جيڪو خاص عنصر ڏسڻ لاءِ ملي ٿو اها آهي ’جماليات‘. جماليات نه رڳو شاعريءَ جي سونهن بلڪه سڀني موضوعن جي حُسن ۾ اضافو ڪري ٿي.

ميون شاهه عنات رضوي به انهن ڪلاسيڪل شاعرن جي هڪڙي اهڙي ئي ڪَڙي آهي، جنهن وٽ انهن موضوعن سان گڏ پنهنجي شاعريءَ ۾

’جماليات‘ جا ڪيئي رنگ رکي ٿو. ميون شاهه عنات رضوي سنڌي عشقيه داستانن ۾ جيڪي جماليات جا موضوع ڇُهيا، اهي ڪائنس اڳ ڪنهن به شاعر وٽ اهڙا نه ٿا ڏسجن. اندازي موجب هُن پنهنجي شاعريءَ ۾ پهريون پيرو محبوب جي حُسن ۽ ان جي عشق کي خوب ڳايو آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي لکي ٿو: ”شاهه عنايت پهريون شاعر آهي، جنهن باقاعدي پنهنجي ڏرتيءَ تي رهندڙ محبوب جي حسن ۽ پيار کي ڳايو آهي.“ (15)

ميين شاهه عنات رضوي وٽ جماليات جا ڪيئي انيڪ موضوع موجود آهن، جن ۾ فطرت جي جماليات، وجداني جماليات، فني جماليات، فڪري جماليات، سينگار جي جماليات، جسماني جماليات، سِڪ جي جماليات، مقالماتي جماليات، پوليءَ جي جماليات ۽ درد جي جماليات وغيره شامل آهن. ميون شاهه عنات رضوي پنهنجي تسلسل جو اهو اهم شاعر آهي جنهن سونهن، حُسن ۽ مجاز جي ڳالهه منفرد انداز ۾ رچي ۽ جماليات جي اهم موضوع کي هٿي ڏياري. هُن جي شاعريءَ ۾ جماليات جون ڪيئي حسين نُدرتون اسان کي ملن ٿيون. جنهن ۾ فطرت جا منظر، قدرت جا مظهر، انساني حُسن، نقش و نگار، صوفيت جي نظريي جي خوبصورت منظر ڪشي، فني تجربن جي حُسناڪي جنهن ۾ سٿاءَ سان گڏ موضوعاتي تبديلي به نظر اچي ٿي. پر سينگار ۽ جسماني جماليات ۾ ميين شاهه عنات وٽ سنڌ جي سپني سورمين جي سونهن جو تذڪرو به خوب ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. اها ليلي هجي يا سورٺ، مومل هجي يا سسئي، مارئي هجي يا پوءِ سهڻي، ميين شاهه عنات انهن جي باطني توڙي ظاهري صفتن سان گڏ انهن جي اعضاء جو جمال به چٽيو آهي. انهن سپني سورمين وٽ مختلف جماليات جا قسم ميين شاهه عنات اسان کي ٻڌايا آهن. جنهن ۾ سِڪ، سارَ ۽ ياد جي جماليات يا پوءِ درد، ڏک، پور ۽ پيڙا جي جماليات به شامل آهن. مارئي جي پنهنجي سانگين لاءِ

سِڪ، تڙپ، بيچني ۽ بيقراري جو جمال ميين شاهه عنات خوب بيان ڪري ٿو. جيڪا ملير ۾ مارن جي لاءِ پچري رهي آهي. ساڳي طرح ميين شاهه عنات رضوي سسئي جي لاءِ ٿي سُرلکيا آهن، جن ۾ هُن پنهونءَ جي وڇوڙي تي سسئيءَ جي پيڙا ۽ درد جي جماليات کي بيان ڪيو آهي.

ميون شاهه عنات آساسي شاعريءَ ۾ اهو اهم شاعر آهي جنهن ڪيئي انيڪ جماليات جي موضوع کي نه صرف ڇُهيو آهي، بلڪه ان سان بخوبي نڀايو به آهي.

## جماليات جا قسم:

جماليات جي قسمن بابت مختلف ڏاهن ۽ مفڪرن جي نظريي منجهان معلوم ٿيو آهي. ته ان جا ڪيترائي قسم ٿي سگهن ٿا. يعني جماليات جا لامحدود قسم، پاسا ۽ انيڪ شاخون آهن. جن تي تحقيق جي ضرورت به آهي. دنيا جي باقي ادب ۾ اسان کي انهن قسمن جو ڪٿي نه ڪٿي ذڪر به ملي ٿو. پر بروقت جيڪي جماليات جا قسم تحقيق ذريعي مختلف ڏاهن جي فڪر مان معلوم ٿيا آهن، يا سندن سمجهه جي دائري ۾ آيا آهن، انهن ۾ فطري جماليات، جسماني جماليات، وجداني جماليات، درد جي جماليات، فني جماليات، نفسياتي جماليات، معروضي جماليات ۽ موضوعي جماليات  وغيره شامل آهن. هِت اسين جماليات جي چند انهن قسمن جو ذڪر ڪنداسين، جيڪي اسان پنهنجي تحقيق ۾ شامل ڪرڻ وارا آهيون. درجه بندي ذريعي ئي جماليات جي

انهن قسمن کي نه صرف آساني سان سمجهي سگهجي ٿو. بلڪه ان جا گهڻا پاسا سامهون به اچي ويندا.

## فطرت جي جماليات:

اسين جڏهن هن جهانَ ۾ اک کوليون ٿا ته اسان جي اِرد گرد اسان کي قدرت جا ڪيئي حسين رنگ نظر اچن ٿا. جنهن ۾ آسمان، زمين، ٻوٽا، وڻ، سمنڊ، درياهه، ڍنڍون، پهاڙ، آبشار ۽ ريگستان وغيره شامل آهن. ۽ اسين انهن سڀني کي ملائي "فطرت" سڏيون ٿا. جڏهن ته انهن سڀني شين جي حُسن کي "فطرت جي جماليات" چئون ٿا. 'نئين جامع سنڌي لغات' ۾ ڊاڪٽر بلوچ فطرت لفظ جي لفظي معنيٰ هن طرح ٻڌائي آهي:

"فِطرَت ج فِطرَتُون: ث. (ع. فَطَرَ: هن پيدا ڪيو) پيدائش، خلقت، سرشٽي، اصل خلقت، آفرينش، نيچر، قدرت، جنهن به شئي جو اصل مادو، جوهر، سڀاءُ، طبيعت، سيرت، جبلت، مزاج." (16)

لفظ 'فطرت' جون ڪيئي معنائون آهن. ڊاڪٽر بلوچ ان لفظ جون پنهنجي لغت ۾ مٿيون سڀ معنائون پيش ڪيون آهن. پر اسين هتي جيڪو لفظ 'فطرت' استعمال ڪنداسين، ان منجهان مُراد آهي، هن ڪائنات ۾ موجود سڀ منظر ۽ ان جا مظهر. قدرت ئي فطرت جو حقيقي حُسن آهي. قدرت (Nature) ئي فطرت آهي. يعني جنهن شئي جو اصل مادو موجود هيو. يعني جيڪو هن سرشٽي جو حصو رهيو ۽ پيدا ڪيو ويو. فطرتي (قدرتي) طور تي ان قدرت جي وجود جي جمال تي ڳالهائڻ به فطرت جي جماليات چئجي ٿو. هي اسان جيڪو پنهنجي چؤڌاري ڦهليل قدرت جون رنگينيون ڏسون ٿا، جنهن ۾ انيڪ نظارا موجود آهن. اهي ئي اصل فطرت آهن. ان باري ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف پنهنجي پي ايچ ڊي مقالي ۾ هڪ جاءِ تي هڪ مفڪر زون ٿال جو حوالو

هن طرح پيش ڪيو آهي: ”اسان جي چوڌس ڦهليل رنگ ۽ رونقن جو هي سنسار، جنهن ۾ گوناگون نظارا آهن، ان کي فطرت چئون ٿا.“ (17)

اسپائنوزا چيو هو ته ’فطرت خدا جو روپ يا صفت آهي.‘ اها ڳالهه درست آهي، ڇاڪاڻ ته فطري جماليات ۾ هي اپرندڙ لهندڙ سج، شفق ۽ پرهَه، چوڏهينءَ چنڊ، چانڊوڪيءَ، سمنڊ ۽ ان جو ڪنارو، درياهه ۽ ان جون ڇوليون، هوا ۽ ان جو احساس، سنڌوءَ جي مٿان چنڊ جو پاڇي جو عڪس، ڪڪرن جي قطار، برسات کان پوءِ مٿيءَ جي سڳنڌ، برسات کان پوءِ ڌوتل وڻ ٽڻ، گهرو نيرو آسمان، وسڪاري کان پوءِ پُرڪشش ماحول، پکين جون ٻوليون، ڪويل جي ڪوڪ، مور جو ٽهوڪو، ٻيل جو ٽلڻ، ڪبوتر جي اڏام، ماڪ جي شفافيت، ٿڌڙو ڇهاءُ، گلن جي خوشبوءِ ۽ سندن ڪوملتا اهي سڀ فطرت جي حسن جو مظهر ۽ جمالياتي عڪس آهن. ۽ انهن سڀني کان سونهن جو اعليٰ مثال آهي انسان، جيڪو خود فطرت جي حَسين تخليق منجهان آهي. فطري جماليات بابت ڊاڪٽر شير مهراڻي پنهنجي پي ايچ ڊي مقالي ۾ لکي ٿو: ”فطري سونهن کي وڌائيندڙ شين ۾ هڪ طرف آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ پهاڙ آهن ته ٻئي پاسي پاتال تائين گهرا سمنڊ آهن. جتي بلند قامت وڻ فطري سونهن وڌائن ٿا ته اتي گلن جون نازڪ ۽ نفيس پتيون ۽ ننڍڙا ٻوٽا پڻ ڏسندڙ جي اندر ۾ لطيف احساس پئدا ڪن ٿا. جتي پکين جون منڙيون ٻوليون سماعتن ۾ رس پرين ٿيون اتي شينهن جي گجگوڙ پڻ فطري جلال کي معنا بخشي ٿي، صبح جي ٿڌڙي هير فطري سونهن ۾ اضافو ڪري ٿي ته جهڪون، جهولا ۽ سگهارا قدرتي طوفان فطري جلال جو مفهوم سمجهائن ٿا. جتي خوبصورت جهرڻا ۽ ندين جا مانيٽا وهڪرا ۽ آبشار فطري حسن ۾ شامل آهن اتي ٻوڏون، اٿلون، سيلاب ۽ پاٽي جا ڊيڄاريندڙ وهڪرا فطر جلال کي واضح ڪن ٿا. ائين ئي شين ۾ موجود ڪوڙ سارا تضاد

فطري جمال جو حصو آهن.۽ اهڙن تضادن سبب فطرت حسين بڻجي ٿي ۽ حسين ترين نظر اچي ٿي.” (18)

انسان ازل کان فطرت، ان جي رنگينين کان متاثر رهيو آهي. پر نه صرف ايترو بلڪه فطرت ئي انسان جي ازلي استاد رهي آهي. پنهنجي آس پاس ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته اسان قدرت جي ڪيترن شاهڪار سان گڏ جيئڻ سِکيو آهي. اسان جي اک کوليندي ئي اسان مٿان سِج، چنڊ، چانڊوڪي، ڪَتيون، تارا، نيرو آسمان ۽ ڪائنات جا اهي سڀئي رنگ کُلي پوندا آهن. جيڪي اسان کان اڳ ئي هن ڪائنات ۾ موجود هئا. ڪائنات ۽ فطرت جي باري ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو: ”فطرتي ۽ قدرتي حُسن کي حُسنِ فطرت، طبعي يا ڪائناتي حُسن به چئجو ٿو. ماڻهو ازل کان نه فقط انساني سونهن ۽ سندرتا جو شيدائي رهيو آهي، پر ان قدرتي ۽ فطرت جي حسن کان به تمام گهڻو متاثر رهيو آهي. قدرتي حُسن ۾ ڪائنات جا اهي سڀئي حسين نظارا ۽ موهيندڙ منظر اچي وڃن ٿا، جن ۾ سج، چنڊ ستارا، اوچا آبشار، نيريون نديون، اڏول پربت، گلن تي پوندڙ ماڪ ڦڙا، آڪاش ۾ ڇانيل گهنگهور گهٽائون، مطلب ته ڪائنات ۾ موجود رنگ برنگي گلن، ٻوٽن، سمنڊ، دريائن، پهاڙن ۽ صحرائن کان وٺي اُپ ۾ موجود سمورن لقائن، اسرارن ۽ مظهرن تائين جون حقيقتون ۽ حُسناڪيون فطرتي حسن ۾ شامل آهن.” (19)

فطرت جي جماليات ۾ نه صرف ڪائنات جا رنگ بلڪه ڪائنات اندر جيڪي به موجود سياره، ستارا، ڪَتيون، چنڊَ، سجُ ۽ ڪائنات ۾ گهمندڙ سڀني ننڍين وڏين شين جو جمال آهي. جنهن کي فطرت جو جمال يا پوءِ فطرت جي جماليات چئجي ٿو.

## درد جي جماليات:

هر انسان جي زندگيءَ جو تعلق جيترو خوشيءَ سان آهي، اوترو ئي ”درد“ سان به آهي. درد جنهن ۾ بي سڪوني آهي، بيقراري آهي، بيچيني آهي ۽ هڪڙي پيڙا آهي. ان جي لفظي معنيٰ ’نئين جامع سنڌي لغات‘ ۾ ڊاڪٽر بلوچ هن طرح ٻڌائي آهي:

”دَردُ ج دَردَ: ذ {ف} ڪَشٽُ، ڏنجهو، ڏکُ، سُورُ، آهنجُ، ڏُکُ، پِيڙا، تڪليف، آفسوس، رنج، شُوڪَ، غم. آهنج، اوکائي، سختي، مصيبت، مشڪلات، ڪشالو، جاکوڙ.“ (20)

زندگيءَ جون تلخ حقيقتون ڪڏهن ڪڏهن درد جي صورت ۾ نمايان ٿي سامهون ايندڻون آهن. ان درد جي اظهار جو شاعريءَ کان وڌيڪ متبادل ٻي ڪا به شئي نه آهي. جيڪا اهڙي صورتحال ۾ هڪڙو حوصلو ٿي اڀري ٿي، بلڪه اها زندگيءَ جي ڪيئي انيڪ موضوعن کي ڇُهي حقيقتن کان واقف پڻ ڪرائي ٿي.

هڪڙي پاسي ته جماليات حُسن، سونهن، خوبصورتي ۽ هر ان شئي جي مسرت جو سبب آهي، جنهن جو تعلق خوشي سان محسوس ٿئي ٿو. ٻئي پاسي ان جو هڪڙو ٻيو رُخ به آهي. جنهن ۾ پُورَ ۽ سورَ جو جمال آهي. جنهن ۾ ڪا به راحت نه آهي. جنهن ۾ حُسن، سونهن ۽ خوبصورتي ته آهي، پر اها درد جي، غم جي، ڏک جي، اذيت جي، ۽ ان پيڙا جي آهي، جيڪا ان درد جي جمال مان حاصل ٿئي ٿي. ان باري ۾ ڊاڪٽر شير مهراڻي لکي ٿو: ”هڪ پاسي جماليات مسرتن جا انبار آڻي ڏئي ٿي، ته ٻئي پاسي درد جا درياءَ به انسان کي سونهن ۽ جمال جي ڪري جهاڳڻا پون ٿا. سونهن بنيادي طور پنهنجو اثر ظاهر ڪندڙ عنصر آهي. اهو اثر ڪڏهن خوشي، چين، سڪون، اطمينان ۽ راحتن جي عظيم جهان ۾ وٺي وڃي ٿو ته ڪڏهن غم، ڏک، درد، اذيت ۽ پيڙا جي وادين ۾ گهمائي ٿو.“ (21)

جمالياتي جهانَ ۾ جيتري خوشي جي اهميت آهي، اوتري ئي درد کي به حيثيت حاصل آهي. بيچيني به درد جي جمال جي ئي ڪَڙي آهي. جيڪا راحت جو ضد آهي. درد حقيقت اها بيچيني ئي آهي جيڪا درد جي شڪل ۾ نِڪري سامهون اچي ٿي، اگر اها مانڊ پئجي وڃي، ته فن ۽ فنڪار ٻئي مانڊ ٿي ويندا. حقيقت ۾ درد انسان جي داخلي جبلت آهي. جيڪا نه صرف ماڻهوءَ جي تعمير ڪري ٿي، بلڪه ٻين انسانن لاءِ اها احساس ۽ رحم جو سبب به بڻجي ٿي. انسان ۽ پيڙا ازل کان گڏ آهن، ان جي ارتقا ۾ دردن جي هڪڙي ڊگهي تاريخ به آهي. انسان جيڪي به تخليقون ڪري رهيو آهي. ان ۾ دردَ، ڏک، پيڙا ان جو مکيه حصو رهيا آهن. يعني فن جي جماليات ۾ جيڪا تخليق جي حيثيت خوشي سان تعلق رکي ٿي، سا ئي اسان جي درد جو به درمانَ ڪري ٿي. ان ۾ اها ساڳي خوبصورتي ۽ حسن موجود هوندو آهي، جيڪو اسان جي وجداني جماليات جو عڪس ٿي، درد جي جمال جي صورت ۾ نڪري پوندو آهي. اساسي شاعريءَ ۾ درد دل جو درد آهي، جيڪو عشق سان حاصل ٿيندو آهي. ۽ اهو درد ئي ان عشق جي آخري حاصلات آهي. درد ڪلاسيڪل شاعريءَ جو حقيقي حُسن آهي.

## جسماني جماليات:

اسين جيترا متاثر فطرت/قدرت جي جماليات مان ٿيندا رهيا آهيون، اوترو ئي اسان کي انسان جي جسماني جماليات  به متاثر ڪندي رهي آهي. لفظ جِسمانِي جي لفظي معنيٰ ’مفصل سنڌي لغت‘ ۾ ڊاڪٽر بلوچ هن ريت ڏنائي آهي:

”جِسمانِي: {صفت } جسم جو، بَدني، ديهي، سريرڪ، مادِي، بدني“ (22)

جسماني جماليات مان مُراد آهي. جسم جو جمال. پوءِ اهو چاهي ڪهڙي به جاندار شئي جو هجي. جسماني جماليات جو تعلق بُتَ ۽ ان جي بناوٽ جي حُسن سان آهي. جنهن ۾ ڪنهن به جاندار کي شامل ڪري سگهجي ٿو. چاهي پوءِ اهي پکي هجن، جانور هجن، ٻوٽا هجن يا پوءِ ڌرتي تي موجود ڪنهن به جاندار جي قسم مان چو نه هجن. پر ان جي قد بُتَ ۽ ان جي بناوٽ جي جمال کي ئي جسماني جماليات ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. پر ان هوندي به جاندارن ۾ سڀ کان حسين ترين جيڪا قدرت جي تخليق آهي، سو آهي انسان. جمساني جماليات جي باري ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف پنهنجي پي ايچ ڊي مقالي ۾ لکي ٿو: ”جسماني حُسن ۽ جمال کي بُتَ ۽ بناوٽ جو حُسن به چيو ويندو آهي. جسماني حُسن جو لاڳاپو جاندار مخلوق سان آهي، جنهن ۾ انسان کان سواءِ جانورن ۽ پکين جي سونهن ۽ سندرتا به شامل آهي، پر سڀ کان دلڪش ۽ دلفريب حُسن انسان جو ٿئي ٿو، چو ته انسان ۾ اعليٰ فهم ۽ ادارڪ هجڻ سبب سونهن جي سوجهه ٻوجهه ٻي جاندار مخلوق کان بهترا ۽ نرالي آهي.“ (23)

سونهن ۾ حُسن پنهنجي پر ۾ متاثر ڪرڻ، وڻڻ ۾ موهڻ جهڙا گڻ رکي ٿي. پر ان جا ڪي به عالمگير معيار مقرر ٿي نه سگهيا آهن. تنهن ڪري ان جي ڪيئي مختلف روپ آهن. جن تي تحقيق جاري آهي. جسماني جماليات به انهن منجهان هڪ آهي. جيڪا جاندارن جي نسواني سونهن جي باري ۾ ٻڌائي ٿي. انسان جي جسماني سونهن جي باري ۾ ڊاڪٽر شير مهراڻي، ڊاڪٽر غلام نبي سڌائي صاحب جي ڪتاب ’شاهه لطيف جو علامتي شعور‘ ۾ ڏنل هندي جي مشهور شاعر ملڪ محمد جائسي جو حوالو هن ريت نقل ڪيو آهي: ”مٿي جا وارَ، آڱريون، اکيون، ڳيچيءَ جو ڊگهو هجڻ، ڏندَ، پستانن، پيشاني، ڌُنَ جو ننڍو هجڻ، ڳِل، ٻندڻ، ڪَرايون ۽ رانون پريل ۽ نرم هجڻ شامل آهن.“ (24)

يعني جيئن اڳ به مٿي ڳالهه ٿي چڪي ته سونهن جا ڪي به معيار نه هوندا آهن، تهڙيءَ ريت جسماني جماليات جا به ڪي معيار ۽ ماپا نه آهن. اها ڪنهن به جاندار جي جسم جي بناوٽ ۾ ان جي حسن جي ڳالهه ڪري ٿي.

جسماني جمال ۾ قدم و قامت، شڪل و شباهت، چهري جي حُسناڪي، اندازِ گفتگو، اکين جي سونهن، ڏندن جي چمڪ، چپن جي چاشني، نڪ جي بيهڪ، پيشاني جو وڏو ننڍو هجڻ ۽ ٽنهن ڪان چوٽيءَ تائين جي اعضاء جو ذڪر ڪيو ويندو آهي.

<u>سينگار جي جماليات:</u>

سينگار لوڪ شاعريءَ جي صنفن ۾ خاص اهميت جي حامل آهي. ڇاڪاڻ ته ان صنف ۾ مجازي عشق ۽ محبوب جي حُسن جي ڳالهه ڪئي ويندي آهي. ان صنف ۾ پرينءَ جي هارَ سينگار ان جي اوصاف وغيره جي جمال جو وڏيڪ ذڪر ملي ٿو. بنيادي طور تي ”سينگار جي جماليات“ اسان وٽ هندي شاعريءَ جي ”شرنگار رسَ“ مان آئي آهي. جنهن جو باني ۽ موجد ”ٻِهاري لال“ سڏيو وڃي ٿو.

سينگار جي جماليات اسان کي مغلن جي دورِ حڪومت کان ملي ٿي. جنهن ۾ هِن صنف جو باقاعده آغاز ٿيو. ڇاڪاڻ ته مغليه دور ۾ ملڪه جا نه صرف اقتصادي بلڪه معاشي حالات به بهتر ٿيا. علم، ادب ۽ مختلف شعبن پڻ وڏي ترقي ڪئي، جنهن ۾ مصوري، موسيقي، عمارت سازي ۽ شاعريءَ ۾ خاص محبوب جي حُسن جو ذڪر وغيره شامل آهن. بنيادي طور تي ان دور کان اڳ واري شاعريءَ ۾ صرف ”ڀڳتي“ يا هدايتن تي ٻڌل شاعري گهٽي ڪئي ويندي هئي. پر اڪبر بادشاهه جي دورِ حڪومت بعد شاعريءَ جي موضوعن ۾ نواڻ آئي. جنهن ۾ خاص طور حُسن جي تلاش اهم موضوع ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. ان دور ۾ ان شاعريءَ کي ”سينگار رَس“ جي نالي سان سڃاتو ويندو هيو.

لفظ ”رَس“ درحقيقت سنسڪر زبان جو لفظ آهي جنهن جي لفظي معنيٰ آهي ”خوشي“. جيڪو پڻ جماليات جي دائري ۾ ايندو آهي. جنهن جو خاص تعلق شاعريءَ سان آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو: ”رس

سنسڪرت زبان جو هڪ عام جامع لفظ آهي جنهن جي لفظي معنيٰ آهي "انتهائي، لطف، لذت، خوشي يا مسرت. اصطلاحي معنيٰ موجب 'رَس' سنسڪرت ۾ جماليات جي دائري ۾ هڪ خاص فلسفي جي حيثيت رکي ٿو." (25)

يعني سينگار شاعريءَ سڌي طرح جماليات جي هڪڙي صنف آهي. جنهن ۾ محبوب جي حُسن ۽ ان جي ظاهري سينگار جو خاص ذڪر ڪيو ويندو آهي. لفظ "سينگار" جو مطلب آهي عورت جا ظاهري اوصاف يا حُسن. سينگار شاعريءَ جو خاص موضوع به "مجاز" آهي. جنهن ۾ محبوب جي ظاهري حسن ان جي سينگار ۽ سجاوٽ جي تعريف ڪئي ويندي آهي. سينگار جي جماليات ۾ اسان کي عورت جي جذبات، احساسات، ان جي ناز و نکرن، ان جي عادتن ۽ ان جي حرڪات بابت ڄاڻ ملي ٿي. مگر ان هوندي به سينگار جا ٻه قسم ٻڌايا ويا آهن. جنهن ۾ هڪڙو عورت جو جسماني جمال آهي ۽ ٻيو ان جي سينگار جو جمال آهي. جيڪي لفظي توڙي اصطلاحي معنيٰ ۾ به مختلف آهن. عورت جو فطري جسماني جمال ئي ڪافي هيو، پر ان ۾ سينگار جي جمال جو واڌارو ڪري ان موضوع کي وڌيڪ ڪشادو بڻايو ويو.

سِڪ جي جماليات:

سِڪ اصطلاحي معنيٰ ۾ پنهنجي پيارن جي ياد اچڻ، ڪنهن خاص وقت جي ياد، ڪنهن خاص جاءِ جي، ڪنهن خاص لمحي جي يا ڪنهن به خاص اهڙي شئي جي ياد سان منسوب ڪيل آهي جيڪا اسان جي انساني حض ۽ نفاست سان جُڙيل رهي ٿي. سِڪ جي ٻين لفظن ۾ تشريح محبوب جي يادِ پنهنجي پيار ڪندڙن يا جيڪي اوهان سان پيار ڪندا آهن انهن جي ياد جي هڪڙي محسوسات جو نالو آهي. سنڌيءَ ۾ ان جو هڪڙو ٻيو لفظ "سارَ" به آهي. شاهه لطيف جي ڪلام جي لغت "روشني" ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سار لفظي معنيٰ هن ريت ڪري ٿو:

"سارَ : سارَ سنڀار، يادگيري، سجاڳي، سنڀال." (26)

ڪنهن به شئي جي سارَ، ان جي ياد يا ان بابت سجاڳي کي "سارَ" چيو وڃي ٿو. اهڙي ريت هڪڙو ٻيو لفظ "سارڻ" به سارَ مان ئي ورتو ويو آهي. جنهن جي لفظي معنيٰ ڊاڪٽر بلوچ هن ريت ڪئي آهي:

"سارَڻ : ياد ڪرڻ، يادگيرو ڪرڻ، خبر لهڻ، سنڀالڻ ." (27)

انهن ٻنهي لفظن جي لفظي معنيٰ جو تعلق سڌو سنئون ڪنهن شئي جي ياد سان آهي. جنهن ۾ ڪنهن به شئي جي سنڀار ڪرڻ يا خبر لهڻ وغيره

جهڙي تشريح نڪرندي هجي. اهڙيءَ ريت لفظ "سِڪ" جي معنيٰ "محبت" آهي. سنڌي لنئگوئيج اٿارٽي پاران جاري ڪيل آن لائن جامع سنڌي لغات ۾ سڪ جي هن طرح لفظي معنيٰ ڏني ويئي آهي:

"سِڪَ: محبت، حُب، هيج، پريت، آس، چِڪَ". (28)

سِڪ جي جماليات ۾ پيار، محبت، عشق، بيچيني، بيقراري ۽ بيوسي وغيره ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. تخليقڪار هميشه پنهنجي شاهڪار تخليق ۾، توڙي اها شاعري هجي يا مصوري يا پوءِ موسيقي ۾ سِڪ جي جماليات ۾ پچرندي نظر ايندا آهن. جنهن ۾ تَڙپ، تَمنا، خواهش ۽ پيارن جي سارَ شامل هوندي آهي.

# سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات جي روايت

## جماليات ۽ شاعري:

جماليات، شاعريءَ ۾ هڪ عالمگير موضوع آهي، جيڪو فلسفي جي شاخ جي نموني طور يورپ ۾ سامهون آيو. جيتوڻڪ جماليات رڳو شاعريءَ ۾ نه ٿي ملي. بلڪه اها ڪائنات جي سڀني رنگن ۾ موجود آهي. پر جماليات جو شاعريءَ سان جيڪو جوڙ آهي، سو بيحد نرالو ۽ منفرد آهي. جڳ مشهور فلسفي ارسطو فن جي جماليات ۾ 'شاعريءَ جي جماليات' کي ڪافي مٿانهون سمجهي ٿو. چاڪاڻ ته شاعر ان ۾ ڪا به نقالي نه ٿو ڪري، بلڪه هڪ اهڙي شئي تخليق ڪري ٿو جيڪا 'ممڪن' ٿي سگهي. ان باري ۾ اڪبر لغاري لکي ٿو: "فن ۾ "شاعري" کي ارسطو ڪافي مٿانهون درجو ڏي ٿو، جنهن ۾ شاعر، صرف نقالي نه ٿو ڪري پر هڪ اهڙي شيءِ به تخليق ڪري ٿو جيڪا "ممڪن" ٿي سگهي ٿي." (29)

ساڳي ريت فني جماليات ۾ شاعري هڪ طاقتور ذريعو معلوم ٿي آهي. جنهن ۾ خيال جي گهرائي لفظن وسيلي ڪئي وڃي ٿي. ۽ اهو شاعريءَ جو ئي جمال آهي جيڪا انسان تي ايتري اثر انگيز رهي ٿي، جو ان جون سڀ وجداني ڪيفيتون ظاهر ڪري سامهون رکي ٿي.

جمالياتي فن بابت 'هيگل' جو نظريو هو ته مصوري، موسيقي ۽ شاعري رومانوي فن آهن. ۽ رومانوي فن ۾ شاعري اظهار جو سڀ کان طاقتور ذريعو آهي. شاعري ادب جو حسين ترين اظهار آهي. جنهن ۾ شاعري ۽ سونهن جو تعلق قريبي ۽ ويجهڙو رهيو آهي. شاعريءَ ۾ جماليا ت جي احساس کي شاعريءَ مان الڳ ڪري نه ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ ته "حُسن" شاعريءَ جي هڪ صفت آهي. شاعري پنهنجي لفظي وجود ۾ انسان کي نه صرف پنهنجي وجداني ڪيفيتن کان واقف ڪرائي ٿي، بلڪه اها زندگيءَ جي حُسن ۽ حقيقت کان روشناس ڪرائي، اڻ ڏٺن رنگن سان به ملرائي ٿي. شاعري زندگيءَ کي ائين بيان نه ٿي ڪري، جيئن اها آهي. پر ان ۾ زندگيءَ جي سپني رنگن ۽ حسناڪين کي ڪٽي اچي ٿي. جيڪا حواسن ۾ رچي، اندر معطر ڪري، روح کي راحت بخشي. ان باري ۾ پارتي ليکڪ لڇمڻ ڪومل پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو: "جمالياتي شاعريءَ جي مفهومن جا به مختلف روپ ۽ رنگ آهن: هڪ سڌو ۽ واضح مفهوم، جيڪو جماليات حِس ۽ حواسن ۾ رچجي، انهن کي متاثر ۽ معطر ڪري ٿو، جيڪو شاعريءَ جي روح سان راس رچائيندڙ عمل دخل آهي." (30)

شاعري جو جماليات سان تعلق حِس ۽ حواسن سان ئي نه بلڪه اهو انسان جي شعور سان به اوترو ئي جڙيل نظر اچي ٿو. ڇاڪاڻ ته شاعري زندگيءَ جون نه صرف نيون معنائون، نوان رُخ ۽ نوان پاسا ڏيکاري ٿي، بلڪه زندگي جي مقصد ۽ خوبصورتين جو به شعور عطا ڪري ٿي. جنهن ۾ تخليق ۽

تخيل جو هڪ نئون جهانَ نظر اچي ٿو. انهيءَ ڪري شاعري ۽ سونهن جو تعلق ازلي نظر اچي ٿو، جنهن ۾ ڪا نه ڪا زندگيءَ جي حُسناڪي ڇٽي وجي ٿي.

شاعريءَ اندر جيئن ٻيا موضوع ۽ شيون ساهُه کڻندي نظر اينديون آهن، ساڳي ريت 'حُسن' شاعريءَ ۾ ڀرپور ساهُه کڻندي نظر ايندو آهي. تنهنڪري ئي اها شاعري جي صفت شمار ڪيو ويو. ۽ ان کي هڪ ٻئي جي هم ذات هجڻ جو به شرف مليو. ائين ڪونهي ته شاعريءَ کا خود جمال جي زَد ۾ نه ٿي اچي، شاعريءَ جو تخليق ٿيڻ ئي خود ۾ هڪ جمال آهي. چاڪاڻ ته جڏهن شاعر ان ۾ پنهنجي لفظن سان ان جي سينگار ۽ سنوار کي ناهي نوهي پيش ڪري ٿو. ته ان ۾ شاعر جو جمالياتي حُسن ڇُلڪندي نظر ايندو آهي. ۽ پوءِ اها شاعري هڪڙو مڪمل "حُسن" جو گهراڻو محسوس ٿيڻ لڳي ٿي. ان باري ۾ ڊاڪٽر شير مهراڻي لکي ٿو: "هوندن ته شاعري جو تخليق ٿيڻ ئي هڪ جمالياتي سرگرمي آهي، پر جڏهن شاعري ۾ فني جمال پرجي ٿو ته اها چڻ سونهن جي سورنهن سينگارن جي مصداق ٿيو پوي. ۽ شاعر پنهنجي تخيل، ترنم، فن ۽ لفظن جي حسين جوڙجڪ ۽ موسيقي سان حسن و جمال جا واهر وهائي ٿو." (31)

جماليات ۽ شاعري ٻئي هڪٻئي جا نه صرف هم ذات آهن بلڪه اهي هڪ ٻئي جي ضرورت آهن. چاڪاڻ ته شاعريءَ جي هر سِٽ ۾ ڪٿي موضوعاتي جمال، ته ڪٿي فني جمال، ڪٿي وجداني جمال، ڪٿي فطرت جو جمال، ڪٿي جسم جو جمال، ته ڪٿي درد جو جمال ۽ ڪٿي وري سِڪ جو جمال پڙهڻ لاءِ ملي ٿو. انهن عنصرن کي شاعريءَ کان جُدا ڪري نه ٿو سگهجي. انهن جو شاعريءَ، فن ۽ سونهن سان گهرو تعلق آهي. ان کي ڪنهن به طرح سونهن کان ڌار ڪري نه ٿو سگهجي، اهو توڙي لوڪ شاعري هجي يا ڪلاسيڪل شاعري هجي يا پوءِ وري جديد شاعري، سونهن جو تذڪرو هر دور، هر زماني ۾ شاعريءَ سان جُڙيل نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو:

“شاعري ۽ سونهن جو سُہنڌ ايترو قريبي آهي، جو انهن ٻنهي کي هڪٻئي کان جدا ڪري سمجهي نه ٿو سگهجي.” (32)

شاعريءَ ۽ سونهن هڪڙو حسين ميلاپ آهن. اسان وٽ شاعريءَ اظهار جو طاقتور ذريعو سمجهي وڃي ٿي، جنهن ۾ چند سٽن ۾ ئي مڪمل مصوري يا تصوير ڪشي ڪئي ويندي آهي. جنهن جا موضوع توڙي جو مختلف هوندا آهن. پر ان ۾ جمالياتي پهلو ضرور ڪنهن نه ڪنهن طرح سان نظر ايندو آهي. بنيادي طور تي شاعري ۾ جمالياتي پهلو اسان کي لوڪ شاعريءَ کان ٿيندو ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ رنگن جي صورت ۾ ملي ٿو. جتي شاعريءَ ۽ جماليات ٻئي گڏجي ساهُه کڻندي نظر اچن ٿا.

## سنڌي لوڪ شاعريءَ ۾ جماليات جي روايت:

هونئن ته سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات جي روايت اسان کي لوڪ شاعرن وٽان ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڇاڪاڻ ته لوڪ شاعريءَ ۾ پيار، محبت، عشق، سماجي رسمون، حُسن ۽ سونهن جهڙين ڪيفيتن جي اُپٽار نظر اچي ٿي. لوڪ شاعري

ئي اسان جو واحد اهو اثاثو آهي، جنهن ۾ اسان جي تهذيب ۽ تمدن جو ماضي ۽ حال فڪري، احساساتي ۽ جمالياتي پهلوئن سميت سمايل نظر اچي ٿو. لوڪ شاعريءَ بنيادي طور تي جمالياتي شاعريءَ جي پيڙهه رکي. ان جو هڪ مثال لوڪ شاعريءَ جي صنف "سينگار" آهي. جيڪا لوڪ ادب ۾ وڏي اهميت رکي ٿي. لوڪ شاعريءَ جي ان صنف ۾ محبوب جي حسن، جمال، قدامت، نزاڪت، نفاست ۽ ان جي باڪماليت جي صرف تعريف ڪيل هوندي آهي. ان صنف ۾ محبوب جو سڄو نقش و نگار ۽ ان جي جسماني جماليات بابت گهڻو ڪجهه پڙهڻ جي لاءِ ملي ٿو. ان باري ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي لکي ٿو: "لوڪ شاعريءَ جي صنفن ۾ سينگار جي صنف وڏي اهيمت رکي ٿي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ محبوب جي حسن ۽ جمال، خد و خال، باڪمال ۽ بي مثال جو بيان نازڪ ۽ نفيس نموني ڪيل هوندو آهي، اهڙا سهائيندڙ ۽ سيبائيندڙ لفظ، تشبيهون ۽ استعارا ڪم آيل هوندا آهن، جو محبوب جو سارو نقشو، ٺهن ڪان چوٽي تائين عين بين اچيو اڳيان بيهندو آهي." (33)

لوڪ شاعريءَ ۾ نه صرف جسماني بلڪ ان ۾ فطرت جي جماليات ڪان ويندي، جماليات جي سڀني قسمن جي جهلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

## سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ جماليات جي روايت:

سنڌي ڪلاسيڪل شاعري ميين شاهه عنات تائين ايندي جيڪي به فڪري ۽ فني منزلون طئي ڪيون، تنهن ۾ قاضي قادن، مخدوم نوح رحه هالائي، شاهه ڪريم ۽ شاهه لطف الله قادري  کي هڪ خاص حيثيت حاصل آهي. انهن سڀني برزگن جي تخليقي ڪوشش رنگ لاتو ۽ ڪلاسيڪل شاعريءَ جو هڪ الڳ معيار پڻ سامهون آيو. ميين شاهه عنات رضويءَ کان اڳ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي سرواڻن ۾ قاضي قادن، مخدوم نوح رحه هالائي، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو ۽ شاهه لطف الله قادريءَ جهڙا معتبر ڪلاسيڪل شاعر نظر اچن ٿا. جن وٽ ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ جماليات جي روايت خاص طور تي ملي ٿي. انهن بزرگن جي ڪلام جي اثر ڪري ئي ميين شاهه عنات جي ڪلام ۾ به جماليات جو اهو ڀرپور چسُ نظر اچي ٿو، جيڪو ميين عنات کان اڳ جي شاعرن ڇڏيو هيو.

سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن پنهنجي بيتن ۾ جيڪي موضوع آندا، ۽ انهن کي صوفياڻي رنگت ڏيئي انهن جي حسن ۽ جمال کي نکاري پيش ڪيو. ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو: "ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ ۾، زندگيءَ جي اعليٰ آدرشي قدرن جي اُپٽار، صوفياڻي رمزيت ۽ تمثيلي ندرت جي جمال سان گڏوگڏ آفاقي ۽ وجداني احساسن جي اظهار جو اهڙو رنگ ملي ٿو، جيڪو فڪري توڙي فني حوالي سان تمام گهڻو موهيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ آهي ۽ ان مان هڪ ئي وقت فطرتي، فڪري، فني، جسماني، افادي، وحداني ۽ وجداني سونهن جهلڪندي محسوس ٿئي ٿي." (34)

سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ جن شاعرن ميين عنات کان اڳ پيڙهه رکي، فني توڙي فڪري ميدان ۾ تمام گهڻي وُسعت پيدا ڪري، ميين عنات لاءِ هڪ آسان راهه هموار ڪئي. ۽ ان سچي روايت ۾ ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ جيڪا جماليات آهي، يا جيڪا نظر اچي ٿي، ان جو ڪٿي نه ڪٿي ميين

شاهه عنات تي به گهرو اثر پيو آهي. ان ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ اسين ميين شاهه عنات رضويءَ کان اڳ وارن چند اهم ڪلاسيڪل شاعرن جي ڪلام ۾ جماليات جو اڀياس ڪري نتيجا اخذ ڪنداسين. ان ڏس ۾ سنڌي ڪلاسيڪل جو پهريون سرواڻ شاعر قاضي قادن آهي.

## قاضي قادن (1465 – 1551ع)

قاضي قادن سمن جي دؤر جو اهم جو شاعر ٿي گذريو آهي. قاضي قادن جي والد جو نالو ابو سعيد هو.قاضي قادن جا وڏا بکر کان هجرت ڪري سيوهڻ ۾ اچي آباد ٿيا. قاضي قادن قرآن، حديث ۽ فقهه ۾ مجيل عالم هو، جنهن ئي ڪري ڄام نظام الدين جي زماني ۾ کيس قاضي مقرر ڪيو ويو هو. سڀ کان اول قاضي قادن جا ست بيت " بيان العارفين " شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي مفلوظات ۾ آيا. جيڪي شاهه ڪريم پنهنجي گفتگوءَ دوران چيا هئا، ۽ پوءِ اهي بعد ۾ "بيان العارفين" جي زينت بڻيا.

قاضي قادن جي بيتن جو وڏو ذخيرو هيري ٺڪر (انديا جي ليکڪ) کي انديا جي شهر هريانا مان هٿ آيو، جنهن کي هن سنواري "قاضي قادن جو ڪلام" جي نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو. قاضي قادن کي سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي سرواڻ طور مڃيو ويو آهي. بلڪه سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو ابو پڻ ڪوٺيو ويو آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو: "قاضي قادن سنڌي ٻوليءَ جو پهريون وڏو شاعر آهي. هو آساسي سنڌي شاعري جو ابو هو." (35)

قاضي قادن سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو سرواڻ هو، جنهن پنهنجي بيتن ۾ توحيد، وحدت، اعليٰ اخلاق، نصيحتن ۽ تصوف جو درس ڏنو آهي ۽ ڪيترن ئي نون موضوعن کي پنهنجي بيتن ذريعي عام ڪيو. قاضي قادن جي

شاعري تصوف جي اپٽار سان پريل آهي. مگر نه صرف ايترو قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ اسان کي فطرت نگاري ۽ جماليات وغيره جهڙا عنصر پڻ ملن ٿا.

قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ هر قسم جي جماليات موجود آهي، جنهن ۾ فطرت جي جماليات، فني جماليات، درد جي جماليات، وجداني جماليات ۽ جسماني جماليات وغيره شامل آهن. اهڙيءَ ريت قاضي قادن وجداني جماليات کي پنهنجي بيت ذريعي ڪيڏو نه حسين نموني سان اظهاريو آهي:

جــان پاڻــان جــو پَــڌِرو، پُــڌو آءُ سَــڏُ،
مــون هينــڙو تــان ئــي ڪِيــو، سُــپِريان
ســـــــــــــــؤن گَـــــــــــــــڏ. (36)

(قاضي قادن جو ڪلام: ص: 125)

پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ، پنهنجو آواز ٻڌڻ، اندر جي ڳالهه يا اندر جو سَڏُ ٻڌي پنهنجي حقيقي محبوب سان جوڙي ڇڏڻ جي ڳالهه اسان جي داخلي ڪيفيت آهي. جيڪا وجدان جي روپ ۾ ظاهر ٿيو پوي. اهڙيءَ طرح قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ اسان کي فطرت جي جماليات به ملي ٿي:

سَـرَ هيڪِــڙي وَسَــنِ، جَــرَ ۾ نيــنهُن
نـــــــــــــــةَ گَـــــــــــــــڏِيو،
ســـارَ نـــه ســـالُورَنِ، مَـٿــي ڪَنــوَلُ
ڦَلـــــــــــــــــــــــــاريو. (37)

(قاضي قادن جو ڪلام: ص: 129)

ڪيڏو نه حسين نموني هڪ تلاءَ جو منظر چٽيو ويو آهي، اها ڪهڙي نه عجيب حالت بيان ڪئي ويئي آهي، ته ڪنولَ جو گل مٿي ٽڙيو آهي ۽ به ڏيڏر ساڳي ئي تلاءَ ۾ رهي ٿو پر، ان کي اِها سُڌ ئي نه آهي ته، ڪنوَل ڇا ٿيندو آهي؟ يا ان جي سونهن ڇا آهي؟ پاڻ ۾ انهن جو پيار نه ٿي سگهيو ڪڏهين.

قاضي قادن هڪ ٻئي بيت ۾ فطرت جي جماليات جي ساڳي ئي منظر بابت چئي ٿو:

جـــي ســـالُورو سُـــڌِ لَهـــي، ڪنوَلـــان
سَــــــــــــــنڌِي ڪــــــــــــاءِ،
تــو پيــو پاتــالَ ۾، هوُنــدَ نَــه مِٿــي ڪـاءِ. (38)

(قاضي قادن جو ڪلام: ص: 129)

اهو ڪيئن ممڪن آهي، ته ڪنول جا گل تلاءَ ۾ ڦولاريل آهن، ۽ ڏيڏر هيٺ پاتال ۾ ويهي مٽي ڪائي رهيا آهن. ڪين اها ڄاڻ ئي نه آهي ته ڪنول ڇا آهي. قاضي قادن نه صرف فطرتي جماليات ڪي حسين نموني هنن بيتن ۾ چٽيو آهي، بلڪه فطرت جي جمال جو به ذڪر سهڻي نموني چٽيو آهي. اهڙيءَ ريت قاضي قادن وٽ نه صرف فطرت جي جماليات ۽ وجداني جماليات جو ذڪر ملي ٿو، بلڪه ان وٽ دردَ جو جمال به موجود آهي:

لَڳـــي وَجـــان پيـــرِ، دانهـــان ڪَنـــدي
ڏونگَـــــــــــــــــــــــــــــــــرِ،
ســو ئــي سَــڄَڻُ ميــڙِ، جِنهــين هَٿئــوُن
ڏُکِٽـــــــــــــــــــــــــــــــي. (39)

(قاضي قادن جو ڪلام: ص: 140)

قاضي قادن جو هيءُ بيت ڇڻ سسئيءَ جي لاءِ ئي چيل آهي. جنهن ۾ هن جبلن تي پيرين اگهاڙي پنڌ ڪيو، ۽ پنهل جي فراق ۾ دانهون ڪندي پئي ويئي ته، ساٿس ڪا ملاقات ڪري سگهي، جنهن جي ڏک ۾ هو ڏکويل ۽ اندرا ٽُٽل آهي. قاضي قادن سسئيءَ جي درد جي جماليات پنهنجي بيت ۾ حسين انداز ۾ ڪئي آهي.  ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته، قاضي قادن سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو ابو آهي. جنهن سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي پيڙهه

رکي، پوئنرن کي بنيادي سانچو مهيا ڪيو. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي، ته قاضي قادن جي شاعريءَ جو اثر پنهنجي همعصرن ۽ سندس بعد وارن شاعرن تي نه پيو هجي.

## مخدوم نوح (1505 – 1590ع)

مخدوم نوح هالا ڪنڊيءَ جو وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي. مخدوم نوح جو اصل نالو لطف الله هو. ۽ سندس والد جو نالو نعمت الله هو. پاڻ حضرت ابو بڪر جي اولاد مان هئا. سندن وڏا به شاعريءَ جي رنگ ۾ رڱيل هئا. هي بزرگ جو شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو استاد ۽ رهنما هو. هي بزرگ قرآن ۽ حديث جو وڏو ڄاڻو هو. ۽ هن پهريون دفعو قرآن شريف جو ترجمو فارسي ۾ ڪيو. مخدوم نوح پڻ ڪلاسيڪل شاعريءَ جي روايت کي قائم رکندي لکيو. پر افسوس جو سندس ڪلام منجهان چند ئي بيت ملي سگهيا آهن. جيتوڻيڪ ان تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي. تنهن هوندي به سندس جيڪي بيت مليا آهن انهن ۾ فطرت جي جماليات ۽ درد جي جماليات نظر اچي ٿي.

مـــاڪ نـــه پـــانيو ماڙهـــا، پيئـــي جـــا
پريـــــــــــــــــــــــــــات،
روئـــي چڙهـــي رات، ڏســـي ڏڪـــوين

ڪـــــــــــــــــــــــــــــــــــــــي. (40)

(سنڌي ادب جو مختصر جائزو: ص: 35)

هن شعر ۾ هڪ ئي وقت فطرت جو جمال به نظر اچي ٿو ته، درد جو جمال به ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. پرپات جيڪا پيئي آهي، سا هرگز ماڪَ ناهي، اُها ته اوهان جي ڏکن کي ڏسي روئي رهي آهي. رات جي پرپات کي روئڻ سان ڪيڏو نه سهڻي نموني چٽيو ويو آهي. ڪو شڪ نه آهي ته مخدوم نوح پڻ سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو مهمار هيو.

## شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو (1537 – 1622ع)

سنڌي آساسي شاعريءَ ۾ قاضي قادن کان پوءِ جنهن شاعر جو وڏيڪ ڪلام ملي سگهيو، اهو شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو (جيڪو شاهه عبداللطيف جو تڙ ڏاڏو) آهي. شاهه عبدالڪريم جا وڏا هرات جا رهاڪو هئا. سندس والد جو نالو لعل محمد هو. شاهه عبدالڪريم کي سنڌيءَ جو ”وِهائو تارو“ به ڪوٺيو ويو آهي. شاهه عبدالڪريم جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي لوڪ داستانن سهڻي ميهار، ليلا چنيسر، عمر مارئي، ۽ سسئي پنهون جو ذڪر ملي ٿو. هن بزرگ شاعر جا ڪُل 92 بيت ملي سگهيا آهن. جيڪي وحدت الوجود ۽ تصوف جي نظريي سان ٿمٿار آهن. شاهه ڪريم جي ڪلام ۾ وجداني جماليات، فطرت جي جماليات، درد جي جماليات، فني جماليات ۽ محبوب جي سِڪ جي جماليات به پڻ شامل آهن. شاهه عبدالڪريم وحدت الوجود جو شاعر سڏيو

ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو شاهه ڪريم وجداني جماليات جو شاعر به آهي. هو هڪ بيت ۾ هيئن لکي ٿو:

پيـــرين پـــاڻ وجـــاءِ، پـــاڻ وجـــائي
هـــــــــــــــــوءُ لَهَـــــــــــــــــه،
ٿُهـــان ڏارَ نـــه سُـــپرين، مُهُـــه
منَجهيـــــــــــــــين پـــــــــــاءِ. (41)

(شاهه ڪريم جو ڪلام: ص: 83)

هن شعر ۾ نه صرف وجداني جماليات پر سڪ جي جماليات به موجود آهي، شاهه ڪريم چوي ٿو ته اوهان تيسين حاصل ڪري نه ٿا سگهو پرينءَ کي، جيسين اوهين پنهنجو پاڻ وڃائي نه ويهو. يعني طلبگار کي گهرجي ته هو پنهنجو اندر وڃائي، ۽ ان پرينءَ کي حاصل ڪري، جنهن جي ڪيس ايڏي سڪ آهي. اهڙيءَ طرح شاهه ڪريم وٽ سنڌ جي ماروئڙن جو درد نظر اچي ٿو:

پاٹيءَ اُتي جهوپَڙا، مورکَ اُڃَ مرن،
دانهون ڪنِ مُنَّنِ جئن، ڏَمُ ته سجاڻن.
(42)

(شاهه ڪريم جو ڪلام: ص: 193)

درد جي جماليات ۾ جيڪا حُسناڪي مٿيين شعر ۾ نظر اچي ٿي، سا واقعي ئي ڪمال جي چٽيل آهي. جهڃا پاٹيءَ مٿي هوندي به ماروئڙا اُڃارا مري رهيا آهن. ساڳيو ئي حال موجوده صورتحال جو به آهي. دانهن جو ڏرمان به نه ٿيو. اهڙيءَ ريت قاضي قادن تصوف جي رمز فطرت جي جماليات ۾ ويڙهي پيش ڪئي آهي:

هـــنج تتهـــين هـــوءِ، اُونـــي ۾ اوڙاهـــه جـــو،
اِيُ ڪـــانيرو ڪـــوءِ، جـــو ڇَـــاڇَرِ ۾ ڇيـــرون

ڪــــــــــــــــــــــــــــــــــــري. (43)

(شاهه ڪريم جو ڪلام: ص: 192)

پکين جا به مختلف قسم ۽ خوبيون هونديون آهن. شاهه ڪريم انهن خوبيون کان بخوبي ئي واقف آهي. هو ڪانيري جي قوت جو به ڄاڻو آهي ته، هو هنج جي شڪاري هجڻ جو به دعويدار آهي. هنج جيڪو گهري پاڻيءَ منجهه غوتو هڻي اونهائي مان ڪڍي وٺي ٿو، سو ڪانيرو نه ٿو ڪري سگهي. شاهه عبدالڪريم ان تخيل کي تصوف سان ڳنڍي ٻڌائي ٿو ته جي هنج هوندي ته الله وارو، ۽ جي ڪانيرو آهين ته تون دنيا جو طالب ٿيندين. اهڙيءَ ريت هڪ ٻيو فطرت جي جماليات بابت بيت ڏسو:

پاڻيهـــاري سِـــرِ ٻَهَـــڙو، جـــر تـــي پکـــي
جـــــــــــــــــــــــــــــــــــئن،
اســـان ســـڄَڻُ تِـــئن، رهيـــو آهـــي روح
۾. (44)

(شاهه ڪريم جو ڪلام: ص: 192)

هي منظر سنڌ جي هڪڙي ڳوٺ جو آهي، جنهن ۾ هڪڙي ڳوٺاڻي عورت، پاڻيءَ پرڻ لاءِ کوهه وجي ٿي، ۽ ان پاڻيءَ واري هنڌ هڪڙو خوبصورت پکي پڻ موجود آهي. ان منظر کي شاهه ڪريم لکي ٻڌايو آهي ته اسان کي به سڄڻ ائين روح ۾ سمايل رهيو آهي. ڪلاسيڪل شاعريءَ جي تسلسل ۾ شاهه ڪريم کان پوءِ جي شاعر شاهه لطف الله قادريءَ جي شاعريءَ ۾ تصوف، وجدان ۽ وحدت الوجود جي اُپٽار جو نظريو ملي ٿو.

## شاهه لطف الله قادري (1611 – 1679ع)

شاهه عبدالڪريم کان پوءِ ساڳئي دور جو ٻيو وڏو شاعر "شاهه لطف الله قادري" آهي. هي پنهنجي دور جو وڏو شاعر ۽ عالم هو. جنهن تصوف تي

فارسي ٻوليءَ ۾ ڪتاب "تحفته السالڪين" ۽ "منهاج المعروف" لکيا. انهن ٻنهي ڪتابن ۾ توحيد، تصوف ۽ سلوڪ جي پرچار ڪئي ويئي آهي. انهن ٻنهي ڪتابن ۾ سنڌي بيت به ملن ٿا ۽ سنڌي بيتن جو الڳ سان رسالو به ملي ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شاهه لطف الله قادريءَ جا 256 بيت هٿ ڪري، سندس رسالو ترتيب ڏنو آهي. شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام عوامي نه آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو: "شاهه لطف الله قادري جي ڪلام ۾ مسئلي جي اُپٽار نهايت دقيق انداز سان ملي ٿي. هن جي سمجهاڻي ايتري عام فهم نه آهي." (45)

شاهه لطف الله قادريءَ جو شعر ڳوڙهو ۽ فلسفي سان ڀرپور آهي. سندس ڪلام عوامي نه هجڻ ڪري به اونهو محسوس ٿئي ٿو. تنهن هوندي به سندس ڪلام ۾ وجداني جماليات، فني جماليات، جسماني جماليات، فڪري جماليات، سڪ جي جماليات ۽ فطري جماليات جي جهلڪ موجود آهي. جيئن فڪري جماليات بابت هي شعر ڏسو:

پـاڻهين آهـي پاتشـاهه، سَـيُّ پـاڻهين
پـــــــــــــــــــــــــانڻ،
پـرين پـاڻهين پـانَ سـين، پـاڻهين پـاڻ
رِهــــــــــــــــــــــــانڻ،
پـاڻهين وڙونهـي وِنـڌُري، پـاڻهين پـاڻ
ســــــــــــــــــــــــانڻ،
ســورهه سـا رِهَـاڻِ، ڳالهـه مِڙوئـي
هيڪـــــــــــــــــــــڙي. (46)

(شـاهه لطـف الله قـادريءَ جـو
ڪلام: ص: 80)

تصوف جي اهڙي فڪري جي جماليات جي اها روايت رڳو شاهه لطيف الله قادريءَ وٽ نه هئي، بلڪه اها ان جي اڳ وارن شاعرن قاضي قادن ۽ شاهه عبدالڪريم جهڙن اعليٰ پايي جي شاعرن وٽان اُسري ۽پوءِ نکرندي آئي. اهڙو ڳوڙهو فڪر جنهن ۾ هر شئي پاڻ آهي. اهو فڪر وحدت الوجود جو فڪر آهي. اها شاهه لطف الله قادريءَ جي فڪري جماليات آهي. جنهن ۾ هُن وحدالوجود جي حُسناڪي بيان ڪئي آهي. نه صرف ايترو پر شاهه لطف الله وٽ انساني جمال ۽ جسماني جماليات جو پڻ ذڪر ملي ٿو:

سـائي صـورت سـيرت سَـڄڻين، سـوئي
حُسن ڪَمالَ،
سـائي ذات ظَراڦَـتَ پـري جـي، سـو ئـي
سو جَمال، (47)

(شـاهه لطـف الله قـادريءَ جـو
ڪلام: ص: 88)

اهو انساني جمال آهي، جنهن ۾ سڄڻ جا سپيئي اوصاف بيان ڪيا وڃن. ڪلاسيڪل شاعريءَ جي خاص روايت منجهان اها به هڪڙي روايت ئي چئجي، جنهن ۾ محبوب جي جمال، ان جي حُسن ۽ ان جي صورت جي پيٺ ڪري ان جي جمال کي ڪمال درجو ڏجي.

## حوالا:

1: بلوچ. نبي. بخش. خان ڊاڪٽر، ”مفصل سنڌي لغت“ (جلد چوٿون)، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد، سنڌ، 2018ع، ص: 1531

2: فيروز الدين، مولوي، (مرتب): ”فيروز اللغات اردو“، فيروز سنز، لاهور، ص: 470

3: بلوچ. نبي. بخش. خان ڊاڪٽر، ”مفصل سنڌي لغت“ (جلد چوٿون)، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد، سنڌ، 2018ع، ص: 1531

4: لطيف. فياض. ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“ (پي ايچ ڊي مقالو)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشور، 2018ع، ص: 29

5: لطيف. فياض. ڊاڪٽر، ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو جمال“ (ترتيب ۽ تدوين)، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2017ع، ص: 12

6: مهراڻي. شير. ڊاڪٽر، ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات“ (پي ايچ ڊي مقالو)، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2013ع، ص: 23

7: مهراڻي. شير. ڊاڪٽر، ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات“ (پي ايچ ڊي مقالو)، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2013ع، ص: 23-22

8: فيروز الدين، مولوي، (مرتب): ”فيروز اللغات اردو“، فيروز سنز، لاهور، ص: 470

9: مهراڻي. شير. ڊاڪٽر، ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات“ (پي ايڇ ڊي مقالو)، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2013ع، ص: 21

10: سميجو. اسحاق. بخش. ڊاڪٽر، (مرتب) ”پلي ڪئي پؤنرن (ميين شاهه عنات رضويءَ تي ٽيل پهرين ڪانفرنس جا مقالا)“، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2021ع ص: 95

11: لطيف. فياض. ڊاڪٽر، ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو جمال“ (ترتيب ۽ تدوين)، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2017ع، ص: 8

12: مهراڻي. شير. ڊاڪٽر، ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات“ (پي ايڇ ڊي مقالو)، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2013ع، ص: 21

13: لغاري. اڪبر، ”فلسفي جي مختصر تاريخ“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 2003ع، ص: 62

14: لطيف. فياض. ڊاڪٽر، ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو جمال“ (ترتيب ۽ تدوين)، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2017ع، ص: 8-9

15: سميجو. اسحاق. بخش. ڊاڪٽر، (مرتب) ”ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن: مِيون شاهه عنات رضوي“، (هڪ اڀياس)، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع ص: 193

16: بلوچ. نبي. بخش. خان ڊاڪٽر، ”نئين جامع سنڌي لغات“ (جلد ٻئو- تحقيق ۽ تصنيف)، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد، سنڌ، 2018ع، ص: 1318

17: لطيف. فياض. ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“ (پي ايڇ ڊي مقالو)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشور، 2018ع، ص: 361

18: مهراڻي. شير. ڊاڪٽر، ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات“ (پي ايڇ ڊي مقالو)، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2013ع، ص: 141

19: لطيف. فياض. ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“ (پي ايڇ ڊي مقالو)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشور، 2018ع، ص: 361

20: بلوچ. نبي. بخش. خان ڊاڪٽر، ”نئين جامع سنڌي لغات“ (جلد ٻئو- تحقيق ۽ تصنيف)، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد، سنڌ، 2018ع، ص: 886

21: مهراڻي. شير. ڊاڪٽر، ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات“ (پي ايچ ڊي مقالو)، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2013ع، ص: 160

22: بلوچ. نبي. بخش. خان ڊاڪٽر، ”مفصل سنڌي لغت“ (جلد چوٿون)، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد، سنڌ، 2018ع، ص: 1517

23: لطيف. فياض. ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“ (پي ايچ ڊي مقالو)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشور، 2018ع، ص: 348

24: مهراڻي. شير. ڊاڪٽر، ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات“ (پي ايچ ڊي مقالو)، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2013ع، ص: 187

25: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر (تحقيق ۽ تصنيف) ”سنڌي سينگار شاعري“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1986ع، باب پهريون: ص: 3

26: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، ”روشني: شاهه لطيف جي ڪلام جي لغت“، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد، 2017ع، ص: 244

27: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، ”روشني: شاهه لطيف جي ڪلام جي لغت“، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد، 2017ع، ص: 243

28:/https://dic.sindhila.edu.pk

29: لغاري. اڪبر، ”فلسفي جي مختصر تاريخ“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 2003ع، ص: 63

30: ڪومل. لڇمڻ، مقالو : ”سنڌي شاعريءَ جو جمالياتي پهلو ۽ پس منظر“، ڪلاچي تحقيقي جرنل، جلد – 15، شمارو –2، ڊسمبر 2012ع، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي. ص: 104

31: مهراڻي. شير. ڊاڪٽر، ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات“ (پي ايچ ڊي مقالو)، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2013ع، ص: 216

32: لطيف. فياض. ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“ (پي ايچ ڊي مقالو)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشور، 2018ع، ص: 62

33: سنڌيلو. عبدالڪريم. ڊاڪٽر، ”لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشور، 1986، ص: 129

34: لطيف. فياض. ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“ (پي ايچ ڊي مقالو)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشور، 2018ع، ص: 113

35: بلوچ، نبي، بخش، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄام شورو، 1999ع، ص: 120

36: ٺڪر هيرو، ”قاضي قادن جو ڪلام“، سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد، 1996ع، ص: 35125

37: ساڳيو

38: ساڳيو

39: ساڳيو

40 :لغاري، اڪبر، ”سنڌي ادب جو مختصر جائزو“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2010ع، ص: 35

: مسنڌي، ميمڻ عبدالمجيد، ڊاڪٽر، ”شاهه ڪريم جو ڪلام“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 200741ع، 83

42: ساڳيو

43: ساڳيو

44: ساڳيو

45: جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جو مختصر جائزو“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2020ع، ص: 80

46: نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر، ”شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام (تحقيق ۽ تصحيح)“، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2010ع، ص: 80

47: ساڳيو

باب چوٿون

# ميين شاهه عنات رضويءَ جي شاعريءَ جون جمالياتي خوبيون

سونهن عام طور تي شين جي ظاهري خاصيت جي علم کي چوندا آهن. سونهن، فن ۽ ذوق سان گڏ، جمالياتيات جو بنيادي موضوع آهي، جيڪو فلسفي جي اهم شاخن مان هڪ آهي. ٻين لفظن ۾ سونهن اکين کي وڻندڙ، خوش ڪندڙ يا ٻيءَ ڪنهن شئي جو پُرڪشش هجڻ کي به چيو ويندو آهي. عام طور تي سونهن جو احساس ذاتي تجربن ۽ محسوسات تي به هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته هر ماڻهوءَ وٽ ان جو پنهنجو معيار ۽ فهم جدا جدا آهي. هر ڪنهن وٽ سونهن جي پنهنجي تشريح آهي جيڪا انفرادي طور تي هو ظاهر ڪندو آهي. مگر ان سڀ ڪجهه هوندي سونهن، خوبصورتي ۽ بدصورت جو هڪڙو عنصر آهي. جنهن جون ڪيئي صورتون ٿي ٿيون سگهن. اهو ئي سبب آهي ته اسين سونهن جي اهڙي علم کي ’جماليات‘ چوندا آهيون. ۽ سونهن جي ان هزارن قسمن کي اسين ’جمالياتي خوبيون يا ٻيءَ جمالياتي ڏُدرتون‘ ڪوٺيندا آهيون. جنهن ۾ سونهن جون ڪيئي شڪليون ڏسڻ لاءِ ملنديون آهن. ان جا ڪيئي قسم ۽ رُخ آهن. جيئن فطرت جي جماليات، فڪر جي جماليات، ظاهر حُسن (جسماني) جماليات يا ٻيءَ فني جماليات وغيره شامل آهن. جيئن ٻين مختلف علمن ۽ شعبن اندر ڪيئي قسم ٿيندا آهن، ساڳي طرح سونهن جي

علم جا به هر معاشري اندر الڳ الڳ معيار آهن. جن منجهان ڪي ته حقيقي سونهن تي ٻڌل آهن. ۽ ڪي وري فني (هٿرادو) سونهن تي گهڙي پيش ڪيا ويندا آهن.

پر انهن سڀني ڳالهين جي هوندي سونهن جي عام تشريح خوشي ۽ راحت آهي. جيڪا انسان جي خوشيءَ، راحت ۽ سڪون جو باعث آهي. ان سونهن جي جمالياتي خوبين کي گهڻو تڻو شاعرن ئي پيش ڪيو آهي. ۽ اسين به هتي ميين شاهه عنات رضويءَ جي شاعريءَ ۾ چند جمالياتي خوبين (نُدرتن) جو اڀياس ڪري، نتيجا اخذ ڪنداسين. جنهن ۾ سرفهرست فطرت جي جماليات آهي.

## 1: فطرت جي جماليات:

قديم يوناني فلسفي موجب فطرت جي سونهن کي هو "فطرتي خدا" تصور ڪندا هئا. جنهن ۾ سرفهرست سقراط آهي، جنهن خدا جي تصور کان انڪار ڪيو، پر هُن سونهن کي حقيقي تصور مڃيو ۽ يوناني روايتي عقيدن ۾ به ان جو ذڪر عام هو. ڇاڪاڻ ته يوناني روايت ۾ سونهن ئي حقيقي سونهن مڃي ويندي هئي جيڪا فطرت جي گهڻو ويجهو هجي. فطرت جي سونهن حقيقت، نيڪي ۽ خدا تائين پهچڻ جو رستو آهي. جيڪو هڪڙي عظيم نظريي جي شڪل ۾ تسليم ڪيو ويو.

فطرت جي جماليات بابت بهترين نظريو پروفيسر مالڪَم بَڊ ( Malcolm Budd) پنهنجي ڪتاب "دي ايسٿيٽڪ اپريسيئشن آف نيچر ( The Aesthetic Appreciation of Nature)  ۾ هن طرح ڪري ٿو:

"What does nature consist of? Well there are natural substances (Gold, Water), Natural species (animals, insects, trees, shrubs, plants), natural objectives (ice

burg, mountains, volcanoes, plants, moon), natural forces, (gravity, magnetism), natural appearances (the sky, sunrises, sunset, a rainbow, shadows), natural products of living things (birds songs, beaver dams, bird`s nests, spider`s webs, faces, the smell of the rose) and so on." (1)

يعني فطرت آخر ڪهڙي شئي تي مشتمل هوندي آهي؟ قدرتي عنصر سون، پاڻي، جانور، ڪيڙا، ماڪوڙا، وڻ ٽڻ، ٻوٽا، پهاڙ، برفاني پهاڙ، پرندڙ جبل، نباتات ۽ چنڊ وغيره يا ٻوءِ فطري سگهه ۾ آسمان، سج جو اڀرڻ يا لهڻ، انڊلٺ جو اڀرڻ ۽ ان جا پاڇا، هوا، نديون، ڪير ڏارا، ڪهڪشائون، درياهه ۽ سمنڊ وغيره. يا ٻوءِ قدرتي جاندار شين ۾ پکين جا گيت ۽ انهن جا آکيرا، گلن جي خوشبو، ڪوريئڙي جو چار ۽  وهندڙ آبشار وغيره. اهي سڀ جو سڀ فطرت جي جماليات ۾ اچي ٿا وڃن.

فطرت جي جماليات ۾ رڳو جاندار شيون ئي نه بلڪه ان ۾ پهاڙ، آبشار، سمنڊ ۽ درياهَه به شامل هوندا آهن. اسين جڏهن ميين شاهه عنات رضويءَ جي شاعريءَ تي فطرت جي جماليات جي حوالي سان نظر ڪيون ٿا ته ان ۾ فن توڙي فڪر جي لحاظ کان ڪيئي نوان رُخ ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. جن ۾ فطرت جي منظرن جي عڪاسي، قدرت جا نظارا ۽ ان جو جاهه و جلال به ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. ميون شاهه عنات به پنهنجي دور جو مجيل فطرت جو شاعر طور اڀريو ۽ نِکريو. هُن پاڻ کان اڳ وارن شاعرن جي روايت کي برقرار رکندي فطرت جي جماليات جا ڪيئي مظهر پنهنجي شاعريءَ ۾ متعارف ڪرايا آهن. ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ فطرت جي جماليات بابت ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو: "هن جي شاعريءَ ۾ قدرت جي نظارن جو نقش ۽ فطرت جي حُسناڪين جي منظرنگاري اهڙي اثرائتي ۽ محبوب پيرايي ۾ ملي ٿي. جو ائين محسوس ٿئي ٿو، ڄڻ ته ڪنهن مصور ڪئنواس تي نقش نگاري ڪئي هجي." (2)

ان ڳالهه ۾ ڪو ب شڪ نه آهي ته ميين شاهه عنات فطرت جي جماليات کي هڪڙي مصور وانگر ڪئنواس تي اُتاريو ۽ ان جي نقش نگاري ڪئي آهي. چاڪاڻ ته ان جي شاعريءَ ۾ ڪارا ڪڪَر، بهار جي مُند، سانوڻ جي مُند، برسات جون بوندون، وڻن ٽڻ، پوٽن، گلن، پؤنرن، سائي گاهه سان گڏ ڪيئي انيڪ ٽري پوٽن جو ذڪر پڻ موجود آهي. جنهن ڪِرڙ، ڪانڊيرا، ٽَڙ، وِسيهڙ ۽ پپڙ وغيره جو به عڪس ملي ٿو. اهڙي ئي فطرت جي جماليات جو ذڪر ڊاڪٽر تمينه مفتي پنهنجي هڪ تحقيقي مقالي ۾ هن ريت ڪيو آهي: "شاهه عنات پنهنجي ڪلام ۾ فطري نظارن، سنڌ جي ماڙين ڪوٽن، محلن جي سونهن آڪن سان ڊڪيل ميدانن، جبلن، برپٽن، پکين، جاندارن سنڌ جي سماجي تاريخي واقعات کي شعر ۾ آندو." (3)

جماليات جي سائنس ۾ فطرت جي جماليات هڪڙو اهم جُز آهي، جيڪو شاعر جو بنيادي موضوع هوندو آهي. جنهن ۾ هو ڪيئي رنگَ پريندو آهي.

اهڙيءَ طرح سمنڊ يا درياهه به فطرت جي ڪمال تخليق منجهان شاندار تخليق سمجهيا ويندا آهن. ۽ درياهَه ته ڪنهن به خطي جي ماڻهن لاءِ پوڄا جيتري حيثيت رکندا آهن. انهن جي آس پاس رهندڙ ماڻهو ان منجهان جيڪو داڻُ حاصل ڪندا آهن انهن لاءِ ته ان کان وڌيڪ ڪو ٻيو پلا کهڙو ڀاڳ ٿي ٿو سگهي. پر درياهه جيڪو ٻين جي جياپي جو سبب آهي، جيڪو ٻين جي سرسبز ٿيڻ سان گڏ خوشحالي جو هڪڙو مجمسو آهي ان جي پنهنجي ئي پسگردائي ۾ انيڪ رنگ موجود هوندا آهن. ميين شاهه عنات پنهنجي ان مشاهدي ۽ درياهه ڪناري جي رنگن کي هيئن بيان ڪيو آهي:

ســائَرِ لَهرِيُــون، رَيــجَ وَڻ، ڃِــينءَ ســي
پَکـــــــــــــــينِ پَـــــــــــــــڪَ،
وَڏا وَڻ ويـــــڙيُن ۾، ڪيـــــر ڳَڻينـــــدو

ڪَـــــــــــــــــــــــــــــــڪَ. (4)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:

2019ع: 9)

جڏهن درياهه جون لهرون ڪناري سان ٽڪرائجن ٿيون ته اتي ڪيئي ننڍڙا ننڍڙا ٻوٽا ۽ ساول پئدا ڪن ٿيون، جنهن جي تشبيهه ميين شاهه عنات پکين جي پَرن سان ڏيئي ٿو. ائين ئي اهي ٻوٽا ۽ ساوڪ پئدا ٿئي ٿي جيئن پکين کي پرڙا ڦٽندا آهن. ۽ جڏهن اهي ٻوٽا وڏا ٿي وڃن ٿا ته انهن جو فطرتي جمال نظر اچي ٿو، جنهن جي حسن کي ڏسڻ بعد ڪير ان ۾ ننڍڙين شين کي ڏسندو ڀلا؟

سمونڊ ۽ درياهَه فطرت جو هڪڙو حسين تحفو آهن، جيڪي زندگيءَ جي جياپي هئڻ سان گڏ فطرت جي جمال جي جهلڪ آهن. جن سان ئي زندگيءَ جي جوڙ آهي، ۽ جنم آهي. مِٽي ۽ پاڻيءَ جو حقيقي تصور به صوفيت سان تعلق رکي ٿو. پر انهن جو حقيقي حُسن ته فطرت جو جمال آهي. ميين شاهه عنات به پنهنجي شاعريءَ ۾ فطرت جي اهڙن عنصرن جي خوب حسين نموني چٽسالي ڪئي آهي. جيئن سُر سريراڳ جي هن بيت ۾ سمنڊ ساهُه ڪٽندي وڏيون موجون هٽندي نظر ٿو اچي پر ان جي برعڪس درياهه کي ميين شاهه عنات اوڙاهَه سان تشبيهي ٿو:

سمونڊ ڪنيو ساهُه، ڪوڙين مَوجون

اُٿيون،

سُيئي ڪو نه سَيد چئي، بحر سندي

باهُه،

”وَ اللّٰهِ بِڪُل شيءِ مُحِيط“، مِڙيو ئي

درياهُه،

اُڏميو جي اوڙاهُه، ذات مڙيائي
هيڪڙي. (5)

(ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو:
2019ع: 33)

فطرت جڏهن پنهنجي جلالَ ۾ اچي ٿي ته اها هڪڙي اوڙاهه جي شڪل اختيار ڪري ٿي وڃي. ان جي جلالَ جو به پنهنجو جمال آهي. جنهن ۾ ان جي موجن، وڏين لهرن کي ميون عنات باهُه سان ڀيٽ ٿو.

فطرت جي جماليات ۾ جاندارن سان گڏ ان جي قدرتي نظارن تائين سڀ جو سڀ فطرت جي جمال جو حصو آهن، پر ان سڀني ۾ ڪائنات هڪڙو الڳ ئي فطرت ۽ قدرت جي جمال جو عجيب جمال آهي. ڪائنات هڪڙي پُرسرار دنيا آهي. جنهن اندر ڪيئي راز ۽ ڪيئي حُسناڪيون لڪيل آهن. جيڪو اسان جي اک ڏسي ٿي سگهي، اهي ڪائنات جي مظهرن جي هڪڙي جهلڪ آهن. ميين شاهه عنات به ڪائنات جي فطرتي جماليات کي پنهنجي شاعريءَ ۾ سجايو آهي. هُن چنڊ، قُطب ۽ ڪَتين کي رات جا ڏيئا چيو آهي ۽ چنڊ جي چانڊاڻ، ڪَتيون ۽ تارَن جي تجليءَ جو به ذڪر ڪيو آهي. فطرت جي جماليات ۾ رڳو اهو ئي منظر نه آهي بلڪه اهڙا ڪيئي پوشيده ننڍڙا ننڍڙا منظر به آهن جن تي اسان جو ڌيان گهٽ ئي ويندو آهي. ميين شاهه عنات وٽ به فطرت جي جمال ۾ ڪائنات جي حسن جون جهلڪيون مختلف هنڌن تي ڏسڻ لاءِ ملن ٿيون. جنهن ۾ تارَن ۽ چنڊ جو تذڪرو گهڻو اچي ٿو. جيئن هُن ڪائنات جي مظهرن کي سُر ڪنڀات ۾ گهڻو پيش ڪيو آهي.

فطرت جي جماليات اندر اسان کي عام طور تي ٽي مختلف رُخ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جنهن ۾ پهريون فطرت جي تجسيم (Personification of Nature)، ٻيو فطرت سان مشابهت (Anology of Nature) ۽ ٽيون وري فطرت جو تفصيلي

ذڪر (Description of Nature) وغيره شامل آهن. عام طور تي ڏٺو ويو آهي ته ڪلاسيڪل شاعريءَ اندر فطرت جي تجسيم نگاري ۽ فطرت جي مشابهت گهٽ ئي استعمال ٿيل آهي. اهڙيءَ ريت فطرت جي تجسيم نگاري، فطرت جي مشابهت ۽ فطرت جو تفصيلي ذڪر اسان کي ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ به ڏسڻ لاءِ ملي وڃي ٿو.

ميين شاهه عنات به فطرت جي تجسيم نگاريءَ جو استعمال ڪري ٿو. جنهن جي روايت اسان کي لوڪ شاعريءَ کان نظر اچي ٿي. جنهن ۾ فطرت جي بي جان شين سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين فطرت جي تجسيم نگاري بابت پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿي: ”فطرت جي تجسيم ڪنهن به شئي کي تجسيم يا انساني جسم يا روپ ڏئي، ان سان ائين ڳالهايو يا ورتاءُ ڪيو ويندو آهي، ڄڻ ته اها زنده هجي ۽ ان جي موٽ (Response) ڏيندي هجي. شاعريءَ ۾ فطرت لاءِ ايئن فرض ڪيو ويندو آهي، ڄڻ ته ان جو انسانن وانگر وجود ۽ جسم هجي.“ (6)

فطرت جي تجسيم نگاري بي جان شين سان ڳالهه ٻولهه يا اهڙو ورتاءُ ڪرڻ کي چئجي ٿو جنهن سان لڳي ته اهي حقيقت ۾ اوهان سان ڳالهائي رهيا آهن، يا اوهان سان مخاطب آهن. اسان کي ميين شاهه عنات وٽ به فطرت جي تجسيم نگاري ڏسڻ لاءِ ملي ٿي. جنهن ۾ جماليات جو پهلوَ به نظر اچي ٿو.

تــارا او تــارا، وَنيُــون، وِڇــاڙو ٻــريَنِ جــو،
ســيئِي اڱــڻ آئيــا، جــي جِــيَ جــا جِيــارا،
ڀَسِــي پيــارا، اڪــينِ آسُــون ڀُنِيــوُن. (7)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 19)

تارن کي پنهنجي محبوب جي اچڻ لاءِ وچائجي وجڻ جو سڏ آهي. فطرت جي جماليات ۾ اڪثر شاعر تجسيم نگاريءَ طور فطرت جي مختلف عنصرن کي مخاطب ٿي ڳالهه ٻولهه ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح ميين شاهه عنات وٽ به اها جماليات موجود آهي. جنهن ۾ هُن راتين، چنڊ، پرهَه واري صبح، ۽ سج کان پرينءَ جي اچڻ جو پڇا ڪري ٿو.

راتيُــون بــاتِيُون، چَنــڊَ ســين، مَجيــان
سُـــــــــــــــــــــــــــــڪائون،
پرهَـــه جـــو پانـــڌِي پُڇـــان، اُڪنـــڊي
آئـــــــــــــــــــــــــــــــون،
سِـــجَ سُـــونهارا، ســـيد چئـــي، خَبَـــرَ
ڏِجـــــــــــــــــــــاهُون،
هِــت آهِــين اُتــاهُون، هُــتِ تــو پَســين
پـــــــــــرين ڪـــــــــــي. (8)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 19)

شاعر پنهنجي آس پاس موجود فطرت جي عنصرن سان نه صرف هجائتا آهن، بلڪه انهن کان ائين ئي خبرون به معلوم ڪري رهيا آهن. جيئن هڪ عام پانڌيءَ کان پڇبيون آهن. مگر انهن جي مڪمل حُسن، سونهن ۽ سُندرتا کي به ميين شاهه عنات خوب ڳايو آهي. جنهن ۾ ڪائنات جي رنگن جي جهلڪ چنڊ، قطب، ڪتيون ۽ روشن تارا آهن. جيڪي هڪڙي منظر کي ترتيب ڏين ٿا. سانجهيءَ ئي ڪتيون اڀري اچن ٿيون، تارا تجلي سان پنهنجي سونهن کي ثابت ڪري رهيا آهن. پرينءَ جي آجيان لاءِ فطرت جا سڀ رنگ شاعر ڪٺي اچي ٿو. پر ڪائنات جي سڀني خوبصورت شين منجهان ”چنڊ“ جو هڪڙو الڳ ئي حسن

آهي. ان جي چمڪ ڏمڪ ٻين سيارن ۽ ستارن کان به مختلف آهي. ان جي جوت جي جماليات جو ميين عنات بخوبي ذڪر ڪري ٿو:

چَنـــڊُ، قُطـــب ۽ ڪَتيـــوُن، سَـــانجِهي
ســــــــــــــــــــــــاتيرا،
ڏِيــا ڏيهَــه ڏَٽــينِ جــا، مٿــان موچــارا،
سُــونهَنِ تــا ســيد چئــي، نُــورَ تَجَلــي
تـــــــــــــــــــــــــارا،
سَـجَڻَ سـويَارا، پـيجَ پِنـي گهَـرِ آئيـا. (9)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 19)

*

جِــين تــو آنــدي جــوتِ جلَيــل کــان، چنــڊَ
پنهنجـــــــــــــي کانـــــــــــــــدِ،
ماڙِــڪَ ٻــاري مَٽِنُــون، جهيٽــي پَلَڪَــنِ پانــد،
جــن هميشــه هيڪَانــدِ، تَــن ســانگ مَ پئــي،
ســـــــــــــيد چئـــــــــــــي. (10)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 20)

چنڊ کان وڌيڪ چمڪدار ۽ حسين پيو کهڙو ستارو ٿي سگهي ٿو. جنهن پنهنجي جوتِ جليلَ کان ورتي هجي. فطرت جي جماليات ۾ ميين عنات چنڊ کي محور بڻائي محبوب جي خبر وٺڻ لاءِ خاص توجهه جو مرڪز بڻايو آهي. ۽ محبوب کي پيغام ڏيڻ لاءِ پڻ ايلاض ڪري ٿو. جنهن ۾ هو رات جي وقت چنڊ

جي چٽائيءَ جو ذڪر ڪري ٿو. چاڪاڻ ته ان جي روشنيءَ تي پرين پانڌي آهن. ان جي چٽائيءَ ڪرڻ تي محبوب وٽس پهچي ٿو سگهي.

چَنڊَ! تنهنجي اِيَ، مون ڪي مَنَ ۾،
اوٽو اُتَر سُپرين، ڪِينَ مَرِبو سِيَ،
جي جَڙِيا منجهه جِيَ، سي ڏسي توُن
ڏِيڪارِ موُن. (11)

(ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو: 2019ع: 20)

*

چَنڊَ! تُنهنجي باتِ، مون ڪي آهي مَنَ
۾،
الله لڳِ "عِناتُ" چئي، تُون آڇو منجهه
راتِ،
تَنَ جِنهين جي تَاتِ، سي ڏِسي تُون
ڏِيڪار موُن. (12)

(ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو: 2019ع: 20)

*

چَنڊَ! تُنهنجا ويڻَ، موُن ڪي
آهين مَنَ ۾،
الله لڳِ "عِناتُ" چئي، اِنَ نياپي
نيڻَ،
سِويرائِي سيڻَ، ڏِسي تُون ڏيڪارَ

مـــــــــــــــــــــــــــــــون. (13)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:

2019ع: 20)

*

كــر چٿـائِي چَنـڊَ، سَـهائِي، سـيد چئــي،

سَـرَها ســاٿِي پنـڌَ تــي، ڪِڙيـا مٿــي كنـڊَ،

جـنهن مـورچي مَنـڊَ، لـاهيئِي سـو لـوڪَ

ڏَٽِـــــــــــــــــــــــــــي. (14)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:

2019ع: 20)

هڪڙي پاسي ڪائنات جا رنگَ آهن، ته ٻئي پاسي ان جي پُرسرار خاموشي. جيئن ڪائنات هڪڙو خاموش عنصر اهي فطرت جي جماليات جو تيئن ئي پکي وري ٻوليندڙ، ڳالهيون ڪندڙ ۽ پيغام رسائيدڙ هوندا آهن. جن جو ذڪر سُر پورب ۾ ميين شاهه عنات ڪري ٿو. جنهن ۾ خاص ذڪر ڪانگ جو آهي. جيڪو پرينءَ ڏانهن پغام به رَسائي ٿو ته ان جا حوال به ڪٽي ٿو اچي. جڏهن پرينءَ کي ڏٺي سالَ ٿيي وجن، ۽ اکيون رستي تي وچائجي وجن ٿيون ته انتظار وڌندو وجي ٿو. اهڙي دانهن پکين کي ڏيندي ميون عنات پکين سان ڳالهائي ٿو:

پريان رِي پرديس ۾، وِرونهن وُنا وَس،

اکيــون اُت عِنــاتْ چئــي، ٿِيــون گــام

نِهـــــــــــــارين گَـــــــــــــسَ،

ڏِينـدا پکـي ڏَسَ، کِيانتـا آٽـي خَبُـرون.

(15)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:

2019ع: 103)

*

چِڙهيو مَتَهن چُونهَن، ڪانگل! جي ڪُنڍَ لَئين،
مِيان! مُون مَنُ موهِيو، چِني سندي سوُنهن،
اُني جِي "عِناتُ" چئي، ويهي ڪر ورونهَن،
اوڏو تي چئو اُونئَن، سنيها سيڻن جا. (16)

(ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو: 2019ع: 104)

*

ڪانگَ تُنهجَي چانگَ، مُنهنجو جَڏو جِيُ جِيارئو،
جي ڪِيانتا ڪِي لَنئين، پوليين سِر پيرانگَ،
آڻهون آسَ "عِناتُ" چئي، اچ آجُوٽي آنگَ،
اُڏَءَ مَٿان ڦانگَ، ته ڪرَ جاوَنِ، آوَنِ پرين. (17)

(ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو: 2019ع: 104)

اي سهٽي چُهنب رکندڙ ڪانگ، پرينءَ جي پچار ڪر، ڪو سنيهو ٻڌاءِ! ڪا ٻولي ٻول. اچ منهنجو جيءُ ته جيئار، ڪا خوشيءَ جي خبر ڏي، اُڏري وڃي ٽاريءَ تي ويهه ته جيئن پرينءَ جي اچڻ جي ڪا پڪ ٿئي. پکين جي به هڪڙي ٻولي آهي. جيڪا هڪڙو شاعر ئي سمجهي ٿو. شاعر فطرت جي جماليات جو هر ڏيک پنهنجي شاعريءَ وسيلي بيان ڪرڻ چاهيندو آهي. ۽ ان کي پنهنجي

احساسن ۽ جذبات سان جوڙي ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ ريت فطرت جي جمالياتي شاعريءَ ۾گُلن سان ۽ پکين سان ڳالهه ٻولهه عام رواجي مضمون آهي پر سُر ڏهر ۾ ڪَنڊن سان گفگتو ڪري ميين شاهه عنات هڪڙي نئين روايت کي جنم ڏنو آهي. ڪنڊن جي ڪيفيت کي به ميين شاهه عنات شاعريءَ وسيلي هڪڙي الڳ حيثيت ڏياري آهي. ان جي بياني چوي ٿو:

ڪَنڊا تو ڪيهي ڪَئي، پَر پونءِ مَنجهه پرتِ،
رِيَ ساٽِهه سيد چئي، توُن ڪِينءَ گهارين هِتِ،
نگاهه ڪِجِ نِرتِ، متان وڍي ڏيَنَئي واڙِ ۾. (18)

(ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو: 2019ع: 120)

*

ڪَندا تو کي ڪاءُ؟ لڳو جيءُ جَسوڏَن جو،
جو گهٽ منجهارا گهاءُ، هوند مٿي پَٽ پُرزا
ٿئين. (19)

(ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو: 2019ع: 120)

اهڙي ٻَر ۾ پنهنجي پريت تو کي جلائيندي رهندي، پريت جهڙو لاعلاج مرض ڪنهن لاءِ به چڱو ڪين آهي. پٽَ ٿي پُرزا ٿيندين. فطرت جي جماليات جو اهڙو حسين ڏيک سنڌي شاعريءَ ۾ هڪڙو مثال آهي. جنهن ۾ ڪنڊن سان گفتگو آهي. رڳو ايترو ئي نه بلڪه ميين شاهه عنات ڪَنڊن سان گڏ پؤنر،

پوپٽن ۽ گلن جي به پنهنجي شاعريءَ ۾ ڳالهه ڪري ٿو. جيئن جديد شاعريءَ ۾ اسان کي شيخ اياز فطرت جو وڏو شاعر نظر اچي ٿو. جنهن ان جي پسگردائي ۾ موجود سڀني فطرت جي جمالياتي شين تي نظر وڌي آهي. پر ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ ان جي روايت اسان کي قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم ۽ پوءِ ميين شاهه عنات وٽان ملي ٿي. ڪڏهن به پؤنرن جي آجيان گُل نه ڪندا آهن، ڇاڪاڻ ته اهي گُلن جو سچو رَسُ پي ويندا آهن. پر ميين شاهه عنات پؤنرن جي آجيان گُلن پاران ڪهڙي نه سهڻي نموني ڪرائي آهي.

ڀَلي ڪِي پؤنرن، جي واسُ وَٺڻَ آئِيا،
تِني کي ڪؤنرن، ڏنا هَنڌ هِنيين ۾.

(20)

(ميـين شـاهه عنـات رضـويءَ جـو رسـالو:
2019ع: 123)

ڪهڙو نه سونهن ڀريو بيت آهي. يقينن ۾ ميين شاهه عنات اهو منظر ويجهي کان ڀَسيو آهي. جنهن پؤنرن جا پيرا گُلن مٿان ڏسي ائين چيو آهي. جنهن ۾ گُل پنهنجيءَ خوشبوءَ سان، پاڻ آڌر ڀاءُ ڪري رهيا آهن پؤنرن. گُلن جي ٽڙڻَ تي پؤنرن جو اچڻ فطرت جو حسين رنگ آهي. فطرت جي جماليات ۾ گُل، پوپٽ، پؤنرا، ڪڙڪِيتا ۽ اهڙا ٻيا ڪيئي حسين جيت جيٽا اسان جي آس پاس موجود هوندا آهن.

اهڙيءَ ريت ميين شاهه عنات سُر ديسي ۾ ڪيئي قسمن جي وڻن، ٻوٽن، ڀَنن، لَڪَن، ڀَپن، نِم، نيٽ، ٽَڙ، ڄِتِ، ورک، وِسِيهَرَ‍ِ ويڙ وغيره جو ذڪر ڪيو آهي. جيڪو علائقي فطرت جي ٻوٽن ۽ وڻن ۾ موجود آهن. ان منجهان هڪڙي ٻي ڳالهه به واضح ٿي آهي ته ميين شاهه عنات وٽ فطرت جي حسن

۾ پنهنجي ڌرتيءَ تي موجود ننڍڙن ننڍڙن وڻن ۽ ٻوٽن جي وڏي اهميت آهي. جيئن اڳ سُر ڏهر ۾ به ڪَندن سان گفتگو موجود آهي.

راڪَـسَ، ريڪَـسَ، گَـدِّ، گـورکر، گَـوَ گينـور،
لَـــــــــــــڪَ لَـــــــــــــس،
آريــاٽي جــا "عِنــاتُ" چئــي، ڏونگــر ڏينــدءِ
ڏِسَ،
نــيڻ ٿمنــدا پَــس، وجــي پيــر ٺرنــدءِ پَــٻ ۾.
(21)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو: 2019ع: 140)

*

ڪِـــٿُ ڪَهـــوُ، نِـــمَ، نيـــٽَ، ٺَـــڙَّ، ڄِـــٽِ وِرڪَ
وِسِــــــــــــــيهَرَ ويـــــــــــــــڙ،
اُنهــان ڪُــنَ "عِنــاتُ" چئــي، پـوُن پَــوارئين
پيــــــــــــــــــــــــــــــــــــڙّ،
ســا مُنــدَ مَــيَن سِــين ميــڙ، جــا واقــف نــه
وِٽڪـــــــــــــــــــار جـــــــــــــــــا. (22)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو: 2019ع: 140)

ميون شاهه عنات فطرت جو شاعر آهي. جنهن ڪيئي ٿَري ٻوٽن جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن لاءِ هو چوي ٿو ته انهن سيني ٻوٽن ۽ وڻن لاءِ زمين ڪان ٿوري يا سوڙهي نه آهي. اهڙي مُند جو جيڪا مَين ۽ موتين مثل آهي. تنهن جي ڪنهن ڪي ڪهڙي ڪَلَ. اگر اسان فطرت جا چاهيندڙ آهيون ته اهڙي مُند ۽

اهڙن پوٽن ۽ وٽن جي اسان کي نه صرف ڄاڻ رهندي بلڪه انهن جي سونهن جو اندازو به ٿيندو.

اهڙيءَ ريت ميين شاهه عنات وٽ فطرت جي جماليات ۾ برسات جي موسم جي پنهنجي ئي حيثيت آهي. ان جو پنهنجو ئي جمال آهي. جنهن جو هُن گهڻو ذڪر "سُر سارنگ" ۾ ڪيو آهي. ڊاڪٽر احسان دانش ان باري ۾ لکي ٿو: "سُر سارنگ ۾ ٿر جي خوشحالي ۽ ميگهه ملهار جا منظر آهن، بادلن جا گجگوڙ ۽ کنوٽين جا ڪجڪاٽ آهن." (23)

بادل، گجگوڙ، کنوٽين جا ڪجڪاٽ به فطرت جي جماليات جو هڪڙو مظهر آهن. ساڳي ريت اسان وٽ سارنگ مان مُراد برسات جي مُند آهي. اهڙيءَ مُند جو اوسيئڙو اڪثر واريا سي ۾ رهندڙ ماڻهن کي وڏيڪ هوندو آهي. جن جي ميين شاهه عنات پنهنجي شاعريءَ ۾ عڪسبندي ڪئي آهي. واريا سي زمينن تي بادلَ جو وسڻ ڪنهن به وڏي نعمت کان گهٽ ڪونهي. ميين شاهه عنات ٿرَ تي برسات جي نه پوڻ تي بادل کي عرض ڪري ٿو:

بادل! وَسِئو وَسُ، ڪر پريو مٿي پوُن،
ڏڻ ڄَڻ مِرن مارُهئين، اُڃ لاهنيدڙ توُن،
واحد ڪر وَسوُن، ته آهُڪي لهي
"عِنات" چئي. (24)

(ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو:
2019ع: 155)

*

بادلَ! وِسِئو وَسُ، تو وُني وَسَ ٿئي،
اُجئا جي "عِناتُ" چئي، راتِ تني کي
رَسُ،

وچ نــه سِــڪي گاهــه ڪــي، رَڇَ نــه لڳــي
ڪَــــــــــــــــــــــــــسُ،
نــيڻ ٿمنــدا پَــس، وَسُ تــه وَرنِ ســپرين.
(25)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 157)

بادلَ پري وَسِئو، جو ماروئڙا ۽ مال مَري رهيو آهي. ڏڻ اُڃ مري رهيا آهن، گاهه سِڪي ويو آهي ۽ پوک لاءِ به پاڻي جي ڪِلت آهي. بادلَ جي آڏ ۾ خدا کي عرض به اهڙيءَ ئي حُسناڪي سان ميين شاهه عنات وٽ پڙهڻ لاءِ ملي ٿو. يا هڪڙي ٻئي بيت ۾ ميون شاهه عنات ٿَر تي برسات پوڻ کان پوءِ جي منظر نگاري هيئن پيش ڪئي آهي:

اُتــران ٿــي آئيــو، تــنهن ڪَڪَــر لــاٿم
ڪَــــــــــــــــــــــــــس،
وٺــي مِيــنهن وَڏ ڦــڙو، ڪيــو جــوراٽي
جَـــــــــــــــــــــــــس،
نــيڻ ٿمنــدا پَــس، وَسُ تــه وَرنِ سُــپرين.
(26)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 160)

*

اُنـــو ڏِٺُ، پَـــٽُ، پَـــارڪَر، اُتـــو ســـارو
سَـــــــــــــــــــــــــوارو،
مِيــنهَن مُــور نــه مَٽيــو، ’وَنگــو‘ ويچَــارو،
اُنــا پَــٽَ پُــراڻ جــا، ’لَڪــڙي‘، ’ســامَارو‘،

وَڏِي گاهُـــه وڏو ٿِئـــو، تـــنهن موهَـــه ۾
موچـــــــــــــــــــــــــــارو،
وِچـــڙين وَرِي ڪِئـــو، ’ڏِلـــي‘ تـــي ڊارو،
’ٽرائـــي‘ تـــارِ ڪئـــائين، ’وَهيـــري‘ وارو،
ٿـــڌا وڻ ’وَلهـــار‘ جـــا، جِـــت ’صَـــدر‘
ســـــــــــــــــــوُنهارو،
اڪـــڙين آرو، اوڏاهِـــين ”عِنـــاتُ“ چئـــي. (27)

(ميـــين شـــاهه عنـــات رضـــويءَ جـــو رســـالو:
2019ع: 155)

ٿرپارڪر تي برسات پوڻ ڪان پوءِ فطرت جي جماليات ڪجهه ائين ئي ڏيک ڏيندي آهي. جنهن ۾ گاهه موچارو ٿيو وڃي، ۽ مالوندن لاءِ خوشحاليءَ جو سبب بڻجي، جنهن ۾ ڏِليون پرجيو پونديون آهن ۽ پوک لاءِ هاري ناري زمين کيڙي وٺندا آهن. ۽ ننڍا ننڍا ڍورا پرجي تارَ ٿي ترائيون ٿي پوندا آهن. جتي وڻَن ۾ جان پئجي ويندي آهي ۽ سُونهن ۽ ساوڪ سان پرجي ويندا آهن. جڏهن برسات پوندي آهي ته جهجي مقدار ۾ ٻوٽا، وڻَ ۽ ٻيو گاهه ڦٽي پوندا آهي، ۽ پوءِ مالوند پنهنجا ڌڻ ڪاهي ان پٽن ڏانهن ويندا آهن جت گاهه گهٽو هجي. هي منظر ڏسو:

ڪي ’پارڪر‘ ڪي ’پُور‘، ڪي ’آروڙي‘
”عِناتُ“ چئي،
وِجوُن ’ولهاري‘ وُٺيون، پَرچي پَٽ حضور،
ڌَڻُو ٿَنِ ڌڻَ ڪاهِيَا، سٽي ان مذڪور،
سجڻ هُئڙا ڏُور، موُن ڪي مِينهَن ميڙئا. (28)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 157)

برسات جي پوڻ سان رڳو خوشحالي ئي نه ايندي آهي بلڪه سڄڻن جي گڏ ٿيڻ جو به اها برسات سبب هوندي آهي. اڪثر مالوند پنهنجا ڌڻ ڪاهي ڏورانهن علائقن تائين ڪجهه ڏينهن تائين ڌڻ چاريندا رهندا آهن. ۽ ائين ئي هو اتي پنهنجي مائٽن مٽن، دوستن وغيره سان ملي سگهندا آهن.

اڇــا آنبــرَ انبــرين، بوُنــدون بَــس نــه ڪــن،
ڪــارا ڪَڪَــرَ ڪــوڙيي، وَســڪاري وَســنِ،
ســانوڻ مُنــدَ، ســيد چئــي، آڪِيــوُن پــيُ پَسَــنِ،
جــي مُحــبَ مُهنجــي مَــنِ، ســي مِيــنهنِ مــوُن
ڪــــــــــــــــي مِيڙئـــــــــــــــا. (29)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 158)

چوڏار اڇا بادلَ گهيرو ڪري مٿان آيا آهن، ۽ برسات بس ئي نه ٿي رهي آ، ڪيئي ڪارا ڪڪر وسڪار ڪري رهيا آهن. اهو ئي ته فطرت جو جمال آهي جنهن ۾ سانوڻ جي مُند جي پسڻ لاءِ اکين کي انتظار رهندو آهي. اهڙيءَ طرح برسات جي پوڻ دوران مالَ متاع جي پيچ ڏُڪ جي هن منظر کي ڏسو:

وِڄڙيُـــون ويســـاندِ، شـــال مَ وِڏهـــوٽِي
وِهــــــــــــــــــــــــــــو،
آڇــي جــا آڻ- اوٺِ جــي، پَڄــي ســا پِرانــد،
محبــت مــاڪ مِيــنهن جــي، پــوي پَڪــي پانــدِ،
ورُ وهوتـــان ســـين هيڪانـــدِ، پـــاپوهَڻ
پــــــــــــــرينءَ ســــــــــــــين. (30)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 159)

جنهن مهل وڏيون بجليون يا ڪِنوٽيون پونديون آهن، ۽ ٺڙڪا ٿيندا آهن ته ننڍڙا ننڍڙا ڇيلڙا ڪِنوٽين جي خوف کان پڇندا ۽ لِڪندا رهندا آهن يا ٻيو اهڙا ئي حساس جانور به ائين ئي ڪندا آهن. جيئن هرڻي وغيره. اهڙي صورتحال ۾ ته سپ جو سپ ئي لِڪندا آهن. ڇاڪاڻ ته اها پرت جي برسات هر پکي پکَ کان ٿيندي هر هڪ جانور تي پڻ پوڻ سان گڏ هر ننڍي وڏي ٻوٽي تي به پئي پوندي آهي. بارش هر جيئن حساس جانورَن لاءِ ڏکي ٿي پوي ته اهڙو وري ڪجهه لاءِ خوشيءَ جو باعث به بڻجي ٿي ان باري ۾ ميون شاهه عنات چوي ٿو:

مينهُــــون سُــــونهَن مِيــــنهَن ۾، پَکـــا
سُـــــــــــونهن پَـــــــــــــــٿَ،
وِلــوڙا وٿــاڻ ۾، مــاٽيون سُــونهَن مــٿَ،
آڏيءَ وَسَ اُٿِــي ڏســو، ڍاٽــي سُــونهَن
ڍَٿَ،
ويٺِــةَ وَلهــارين سُــونهي، ڇَنــون مُــئَن
ڇَــــــــــــــــــــــــٿ. (31)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 160)

مينهُن لاءِ بارش هڪڙي نعمت آهي، برپٽَ ساوا ٿيندا ته کين جهجو گاهه به ملندو، وِلوڙَ ٿيندي ته ماٽيون پرجنديون، اُٺَ به خوش ٿيندا انهن لاءِ چارو وڏندو. فطرت جي جماليات ۾ برسات هڪڙو خاص انگَ آهي جنهن سان سچي فطرت تَکري سامهون ايندي آهي، ائين ئي ڇَيٺ جي مُند بابت ميون شاهه عنات چوي ٿو:

چَيــٿ ڦُٽــو وڻ موريــا، ڪانــڊيرن ڪَئــي
قَطـــــــــــــــــــــار،
وَلـــين وَڻ ڦُلاريـــا، ڏاڙهـــوئن ٽِڙيـــا ڏارَ،
پَســـيو اُهـــي پـــارِ، ڏِســـيو ڦُـــل ڦـــاٽو
هِينئُـــــــــــــــــــــون. (32)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو: 2019ع: 160)

چيٽ جي مُند ۾ وڻَ ڦوٽهڙو ڪن ٿا، ۽ اها ڪَانڊيرن جي قطارَ به ڏسو جيڪا برسات بعد سونهن ڪري بيهن ٿا، ولَيون ۽ وڻَ ڦولارجي پون ٿا، ڏاڙهو پڻ ٽِڙي نِڪري سونهن ڪڍن ٿا. اوهين اُهي نظارا ڏسو نه، جن کي ڏسندي اندر ٺَريو پوي ٿو. فطرت جي اهڙي جماليات جو جمال اسان کي برسات کان پوءِ ئي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. جنهن سان نه صرف خوشحالي اچي ٿي، پر ان سان جانورن لاءِ چارو پڻ ڦُٽي ٿو پوي. جنهن ۾ ڊِٿ، ڊورا، ترائيون تارَ ٿي ٿا پون ۽ وڻ ڦوٽهڙو ڪن ٿا. ساوڪ چوڌار ساواڻ ڪري ٿي. ۽ برپٽ يا صحرا فطرت جي رنگن سان رنگبرنگي ٿي پوي ٿو.

ميين عنات جيترو فطرت جي جماليات ۾ اسان کي برسات، بادلَ، وڻَ، ٽِڻ، ٻوٽا، ڪانڊيرا، گُل، پَنَ، لَڪَ، پَٻڻَ، نِم، نيٽ، تَڙ، ڄِتِ، ورک، وِسِيهَرَ۽ ويڙ وغيره جو ذڪر ڪندي نظر اچي ٿو، اُتي ميين شاهه عنات وٽ جانورن ۽ پکين ۾ اُٺ، ٻَڪرا، مينهُون، ڪانگ ۽ هنجهه جهڙي پکين جو به ذڪر خوب پڙهڻ لاءِ ملي ٿو وجي. خاص ڪري اسان کي ”سُر ڪارائيڙو“ اندر هنجهه پکين بابت ڪيئي حسين بيت پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. جنهن ۾ هنجهه پکين جي اچڻ، انهن جي ظاهري حُسن، انهن جو پاڻيءَ ۾ پرَ پسائڻ، انهن جو هتي اچڻ واري سِڪ جو بيان، انهن

جي بچاءَ ۽ مارڻ جي نفي، انهن سان ترائين ۽ ڊورن جي حُسن ۾ اضافو ۽ انهن جي داٽي ڀاٽي کان ويندي انهن جي چُڳڻ بابت ڪيئي بيت لکيا آهن.

اسان کي هنجهه پکين جو اهڙو بيان ساڳيو ئي بيان شاهه عبداللطيف وٽ به"سُر ڪارايل" ۾ نظر اچي ٿو. جنهن ميين شاهه عنات رضوي جي روايت جي پيروي ڪندي هنجهه پکين جي رهڻ جو هنڌ، اتي جي ڀاٽي مٺي ۽ ڪاري بابت ٻڌايو آهي. لفظ "ڪارايل" جي معنيٰ آهي "مورُ، هَنج". جنهن ۾ به پڻ هنجهه پکين جي اچڻ انهن جي شڪار، انهن جي قسمن ۽ انهن جي بچاءَ بابت بيت چيا آهن.

ميين شاهه عنات وٽ به هنجهه پکين جي هڪڙي الڳ ئي حيثيت نظر اچي ٿي، هي ڪلاسيڪل شاعرن ۾ پهريون اهو شاعر آهي جنهن فطرت جي جماليات ۾ هنجهن جي حُسن، انهن جي شڪار ۽ بچاءَ بابت ڳالهه ڪري ٿو. هنجهن جي لاءِ شڪاريءَ جي تاڙ ۾ هي بيت ڏسو:

جيلاهــه ڪــؤنرن منجهــه ڪَڪَــور، تيلاهــه پــؤنر
پُـــــــــرڪَنِ 'بهـــــــــال سَـــــــــر'
لَلـــا تـــي لـــالُ ٿئـــا، منجهـــان آبَ آتـــورَ،
اُهـڪُ نـه ڪَـنِ "عِنـاتُ" چئـي، اُن چـارِي چُغـلَ چـورَ،
هَـــنجَهن لٿـــا هـــورَ، پـــاپوڙي، پيـــرَ ڏري. (33)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو: 2019ع: 170)

لَلو هنجهه، هنجهه پکيءَ جو هڪڙ قِسم آهي، جنهن جو رنگ اڇو ٿيندو آهي ان کي پَرن مٿان ۽ پيٽ هيٺان ڳاڙهي رنگ جا ٽِبڪا ٿيندا آهن، جڏهن ته هنجهه پکي مڪمل اڇو هوندو آهي. جنهن کي ڪو به ٽِبڪو ناهي ٿيندو. ان

باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو: "ٻلا هنجن جو قسم، جي رنگ جا اڇا ۽ سيني ۾ سهٽا ۽ مٽيون لاٽيون ڪرڻ وارا." (34)

ميين شاهه عنات فطرت جي جماليات اندر پکين جي قسمن ۽ انهن جي جنسن بابت به توجهه ڏياري آهي. ۽ ان جي نشاندهي ڪندي ان جي حسن جي طرف اشارو پڻ ڪيو آهي. جڏهن بي حساب ٻلا (هنجهه) پيٽ جي ٻچ چڳڻ لاءِ اچي پال سَر يعني پاٽيءَ جي وڏي تلاءَ يا ڍنڍ تي لهن ٿا. جيڪي وڏي مرتبي وارا آهن، تڏهن کين کهڙي سُڌ ته ڪو شڪاري سندن انتظار ۾ آهي. ۽ جڏهن شڪاري حرڪت ۾ اچي ٿو ته سڀيئي هنجهه پڙڪو ڪائي اُڏرن ٿا. ان هوندي به هنجهه ڏک نه ٿا ڪن ته سندن مارڻ لاءِ ڪو شڪاري لِڪو ويٺو آهي. نه صرف هنجهن جي بچاءَ پر انهن جي ظاهري جمال ۽ حسن جو به ميين شاهه عنات خوب ذڪر ڪيو آهي. هنجهن جي مرتبي ۽ چُنهب جي جمال بابت هي بيت ڏسو:

هَنجَهــه هُتــي جــو حــالُ، چِلــڙِ چُــنجَ نــه اُگهيـــــــــــــــــــــــــــــــــي،
پَکــين پــائي آئِيــو، ســندو جُــوءِ جَمــالُ،
لَلَـــو تيلاهـــه لـــالُ، جيلـــاه آئڙئـــو اُنِ،
"عِنـــــــــــــاتُ" چئـــــــــــــي. (35)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو: 2019ع: 170)

هنجهه وڏي مرتبي وارا ٿئا، جيڪي ڍنڍ آئيا، جن جي اچڻ سان تلاءَ جي حُسن ۾ اضافو ٿيو. يا هڪ ٻي جاءِ تي هنجهن جي اچڻ ۽ انهن جو تلاءَ ۾ تڙڳڻ جو ذڪر ڏسو:

هَنجَهه هُتي جي سِڪ، چِلُڙ چُنجَ نه
اُگهيي،
آيو اچ "عِناتُ" چئي، پَکين لائي پِڪ،
تارِ ڏنائين تِڪ، تانگهي چئي نه
طالبوَ. (36)

(ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو:

2019ع: 170)

هنجهن سان ئي ڍنڍ جو حقيقي حُسن آهي. جيڪي ڏورانهين علائقن کان پهاڙن تان اُڏري هِت اچن ٿا. انهن بابت ميون شاهه عنات چوي ٿو اهي اسان جا مهمان آهن، تن جو ادب ڪرڻ گهرجي. نه ڪي انهن جو شڪار ڪرڻ گهرجي. هو لکي ٿو:

ڪَري سانگُ سَريُن، روهان اُڏاڻين
هَنجَهڙا!
اڳئان ڍاڄي ڍَبيو ڍابَ ڪي، پائج پير
هَرين،
آدبُ ڪج، "عِناتُ" چئي، جتي تار
تَرين،
تان تان تان مَ مَرين، جان جان موتي
مَ ملي. (37)

(ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو:

2019ع: 171)

ڍابَ پکين ڦاسائڻ جي چاڙَ کي چئبو آهي. ميون عنات فطرت جو شاعر آهي. هو پکين جي بچاءَ انهن جي حفاظت لاءِ چوي ٿو. اي! هنجهه چاڙَ ۾ تيسين

پيرَ نه پائجان جيسين موتي چڳين بس نه ڪرين. تنهنجي لاءِ شڪارين جيڪو دام اڳ ئي وڇائي رکيو آهي. ان کان بچج. شڪارين کي اِها تلڪين ڪندي چوي ٿو ته هنجهه اسان وٽ ڏورانهن پهاڙن مان اچن ٿا. جيڪي فطرت جي جماليات جو مظهر آهن. انهن جو ادب ڪيو. نه ڪي ڪين شڪار ڪريو. يا هڪ پئي هنڌ هنجهن کي هدايت ڪندي چوي ٿو:

جيڏانهه چڪَ نه چَلهو، نه ڪو ڪَڪَ
نه سَڪُ،
چَلُڙ ۾ چُنجَ هَڻي، چِمَ پُساين پَڪُ،
لُڙ جو لنگهي لَڪُ، آچو پيءُ "عِناتُ"
چئي. (38)

(ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو:
2019ع: 171)

*

چُٽِ ڪِيمَ چِڪَ ۾، اوڏو آءُ مَ اتِ،
وانءُ اڏامي آچ ۾، جِتِ موتين ناهه
مِتِ،
هوُنگارِج هَنجهن سين، چَڳي لائي
چِتِ،
پَکِي رک پِرتِ، ٿِي طالبوُ تارِ جو.
(39)

(ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو:
2019ع: 170)

چڪَ وارن چلهن ۾ جتي گهٽو گاهه آهي. اُتي هرگز نه ڇُٻ! نه ئي اتي ٿُڙڳ! متان ڪنهن شڪاريءَ جي ڄارَ ۾ ڦاسين پئين. تون اڏامي ڪنهن اهڙي جاءِ وڃ، جتي تو ڪوئي پهچي نه سگهي. اهڙي جاءِ نه وڃ جتي گپ چڪَ هجي. بلڪه اُت ڇڳ جتي پاڻي تار هجي. هڪڙي ٻئي هنڌ ميين شاهه عنات هنجهن جي وَلر ڪي مهمان ڪوٺيو آهي. هو لکي ٿو:

هِنجهَه هتي نه اچٽا، هَنجهن هي نه ڏيهه،
پري موتين ڳچڙيون، گهمڻ آيا پرڏيهه،
وَلر تِنين جي ويهَه، متان اوچتو اُڏري وڃن. (40)

(ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو: 2019ع: 171)

هنجهه پکين جو هي ته ڏيهه ئي نه آهي، هو ته داٽي چڳڻ خاطر ايڏو پنڌ ڪن ٿا. ايڏا پهاڙ لتاڙين ٿا. جيڪي پنهنجي حُسن جو ڏيک ڏيکارڻ لاءِ هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ سفر ڪندا رهن ٿا. اهڙا پکي ڪڏهن ئي ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. ۽ اچانڪ ئي پنهنجي ڏيهه هليا ويندا آهن. ميون شاهه عنات فطرت جو عاشق شاعر آهي. جنهن پنهنجي بيتن ۾ فطرت جي ڪيئي رنگن ڪي چٽيو آهي. هُن نه صرف بيتن ۾ پر وائِين ۾ به ان جو خوب ذڪر ڪيو آهي. هنجهن جي جمال، انهن جي بچاءَ بابت ميين شاهه عنات سُر"ڪارائيڙو" ۾ به وائيون پڻ لکيون آهن. جن جو موضوع لڳ ڀڳ ساڳيو ئي آهي جيڪو اسين مٿي ٻڌائي چڪا آهيون.

## 2: سينگار جو جمال:

سينگار جي جمال ۾ عورت جي زيورن، عورت جي هارَ جو ذڪر، ان جي نڪ جي ڦُلي، ان جي نٿ، ٻانهن ۾ چوڙيون، ڪَراين ۾ ڪنگڻ، خوشبوءِ لڳائڻ، بدن جي خوشبوءِ، اکين ۾ ڪَجل پائڻ، هٿن پيرن تي مهندي لڳائڻ، زُلف سنوارڻ، سينڌ سنوارڻ، ڀرون ڪي ٺاهڻ، ڪاڏيءَ جو تِر، گجرا پائڻ، لبَ لال ڪرڻ، ان جي لباس، ان جي صاف سٿرائي، رنگ روپ، پيار ڀريون ڳالهيون، لباس جو نفيس هجڻ، نزاڪت، شرميلو پن، گهٻراهٽ، نزاڪت، نکرا ۽ چنچلتا وغيره شامل آهن.

عام طور تي جماليات جي ان ٻن قسمن منجهان عام فهم جسماني جماليات ئي آهي. پر ان هوندي به سينگار جي جماليات ڪي هڪڙي ڏار

موضوع طور نه صرف جاءِ ملي پر ان ۾ ڪافي شاعرن پاران بيحد حسين شعر پڻ سرجيا ويا. ان باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو: "سينگار رس جي استادن ۽ شاعرن، پنهنجي شعرن ۾ مجموعي طور انهن سڀني حسين ادائن ۽ دلفريبين کي بيان ڪيو، مگر سنڌن خاص توجهه ڀن مخصوص خوبين يعني حسن جسماني ۽ ظاهري سينگار ڏانهن ئي مائل رهيو." (41)

ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته جسماني جمال هجي يا سينگار جو جمال، اهي ٻئي ڪنهن نه ڪنهن طرح سان محبوب جي ظاهري جمال يا ان جي ظاهري اوصافن کي بيان ڪندا آيا آهن. ۽ شاعري انهن جو خاص مرڪز پڻ رهي آهي. هتي اسين اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته "سنڌي شاعريءَ ۾ سينگار جو جمال" ڪڏهن کان آهي، ۽ ان جو ذڪر ڪهڙي دور کان ملي ٿو. ۽ ميين شاهه عنات رضويءَ وٽ اها صنف ڪيئن موجود آهي.

## سنڌي آساسي شاعريءَ ۾ سينگار جي جماليات

تاريخي حوالي سان اگر ڏسجي ته هيءَ صنف گهڻي اوائلي آهي. جيڪا اسان کي "سومرا دؤر" کان ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڇاڪاڻ ته سومرا دؤر ۾ ئي اسان کي "مرڪان شيخڻ" جو به ذڪر ملي ٿو. جيڪا لاڏن ۽ سهَرن جي شاعره هئي. جنهن ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جي ظاهري اوصافن، انهن جي ڳُڻن وغيره جو ذڪر ڪيو آهي. اهڙيءَ ريت سومرا دور ۾ ٻين به ڪيترن ئي موضوعن کي جماليات جي هيٺ آندو ويو آهي. ان ئي دور ۾ اسان کي سنڌ جا سڀئي عشقيه داستان لاءِ ملن ٿا. جنهن ۾ "ٻاگهيءَ" جي ڪردار جي حُسن ۽ سينگار جي جمال

بابت ڳاهه ملن ٿا. جنهن ۾ هُن کي چوڏهينءَ جي چنڊ سان پيٽيو ويو آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر تهمينه مفتي پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿي: ”دودي چنيسر جي هن داستان جي بيت ۾ معروضي سونهن جا آثار نظر اچن ٿا. ڀاڳيءَ جي جي سونهن کي پوني چنڊ (پوري چنڊ) يعني چوڏهينءَ جي چنڊ سان مشابهت ڏني آهي.“ (42)

سنڌي سينگار شاعريءَ ۾ جماليات لوڪ شاعريءَ کان ويندي اسان کي سنڌ جي آساسي شاعرن وٽ  به نظر اچي ٿي. سنڌ جي آساسي شاعرن ۾ ميين شاهه عنات ۽ شاهه عبداللطيف کان اڳ وارن شاعرن وٽ ”سينگار جي جماليات“ وارو عنصر گهٽ ئي ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ سينگار شاعريءَ جي روايت ٻارهين صدي هجري ۾ کان باقاعده شروع ٿي آهي جنهن ۾ مجازي عشق جي موضوع جي پهرين روايت اسان کي ميين شاهه عنات رضوي وٽان ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو: ”مجازي حسن جو سلسلو ٻارهين صدي هجري کان شروع ٿئي ٿو جڏهن ميين شاهه عنات رضوي، مومل توڙي مارئي جي سونهن سينگار ۽ سهڻي لباس کي پنهنجن بيتن ۾ بيان ڪيو.“ (43)

ان مٿين راءِ موجب ميون شاهه عنات رضوي اهو پهريون آساسي شاعر آهي. جنهن وٽ اسان کي مجازي حُسن ۽ سينگار جي جمال جهڙا بيت پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. سينگار صنف جي اثر ۽ ان جي روايت جو موجد سنڌي لوڪ شاعريءَ ۾ ”جلالَ ڪنڌي آهي.جيڪو ڪلهوڙا دور جي سينگار شاعري جو باني شاعر پڻ سڏيو ويندو آهي. جيڪو ميين شاهه عنات رضوي ۽ شاهه عبداللطيف جو همعصر پڻ هيو. ۽ انهن ٻنهي شاعرن تي ”سينگار جي جمال“ جو اثر به جلال ڪنڌي وٽان پيو آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو: ”جلال ڪنڌي واري دور ۾ ”سينگار“ شاعري اهڙي ته اوج کي پهتي جو وڏا درويش صوفي شاعر پڻ ان

کان متاثر ٿيا. سيد ميون شاهه عنايت رضوي ۽ شاهه عبداللطيف ان وقت اعليٰ شاعريءَ جا امام ۽ اڳواڻ هئا ۽ سندن ئي رسالن ۾ اسان کي پهريون دفعو حقيقت سان گڏ مجازي شاعريءَ جي جهلڪ پڻ نظر اچي ٿي. اسان جي نظر ۾ اهو سندن همعصر شاعرن (جلال ۽ پيا جن فن "سينگار" ذريعي محبوب جي ظاهري حسن کي چمڪايو) جو اثر هو. جنهن هنن سرتاج سالڪن جي ڪلام ۾ به محبوب جي مجازي حُسن ۽ سينگار جي جهلڪ پيدا ڪئي." (44)

ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته مجازي حُسن يا "سينگار جي جماليات" بابت ميين شاهه عنات اهو پهريون شاعر آهي، جنهن مومل توڙي مارئي جي سينگارَ جي ڀَالهه ڪئي آهي. جنهن انهن داستانن ۾ نِج سنڌي سينگار جي جماليات کي واضح طور ڏيکاريو آهي. خاص طور سُر مومل راڻي ۾ سينگار جو جمال گهڻو ملي ٿو. جنهن ۾ هو گَجرَن، اعليٰ لباس، تيل ڦليل، چولو (پرٺ پريل)، خوشبوءِ ۽ وارَن جي سينگار جو ذڪر هن طرح ڪري ٿو:

گُلبـــــدن جـــــوُن گُجريــــون، آرمَ اوڍيــــائون،
چوٽــا تيــل ڦُليــلُ ســين، واســينگ ويڙهيــائوُن،
مُشــــڪ محبـــت پـــاڻ ۾، لِڳـــين لايــــائوُن
ڪــوڏان پوُتــائون ڪَڇُئــان، ســيلا سَــنڌِيائون،
اِهـــڙيَ پـــر "عِنـــاتُ" چئـــي، راڻـــو رانيـــائُون،
سَــو مــوتي ڪِــينء پــاهوُن، جــو وَجــي ڪَــاڪِ
ڦَرارِئـــــــــــــــــــــــــــــــــــــو. (45)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 124)

مومل راڻي جي آمد کان اڳ گُلن جون گجريون پائي ٿي، تيل ڦليل لائي وارَ ٻڌي ٿي ۽ راڻي جي ريجهائڻ ۽ موهڻ لاءِ سينگار جو جمال ڏيکاريندي نظر

اچي ٿي. آرم اوچي ڪپڙي کي چيو ويندو آهي، ان دور ۾ مومل اعليٰ ڪپڙو "ارمڪ" جو پائي رهي هئي. اهڙو ته مومل جو معمول هُيو. جيڪا راڻي جي راه تڪيندي پنهنجو پاڻ کي ان لاءِ سينگاريندي هئي. يا هڪڙي ٻئي هنڌ خوشبوءِ جي سيني هربن ۽ قسمن جو ذڪر ميون شاهه عنات سينگار جي جمال جي استعمال لاءِ هن طرح ڪري ٿو:

مومــــل، ســــومل، سَــــهچان، ٿِيُــــون آتــــڻ
آڏائــــــــــــــــــــــــــين،
سَــچا وَڻَ سَــرڪنڊَ جــا، چَنــدَنُ چيــرَائِين،
مُــــرَ، ڪٿــوري، ڪيــــوڙو، لــــووَڻُ ڪِئـــو
لـــــــــــــــــــــــــائِين،
راڻــــو ٿيــــون رانئـــينِ، اِهــڙيَ پَــرِ "عنــاتُ"
چئــــــــــــــــــــــــــي. (46)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو: 2019ع: 124)

مومل ۽ سومل گڏجي خوشيءَ ۾ راڻي جون ڳالهيون ڪن ٿيون، صندل جي وڻ جي خوشبوءِ استعمال ڪن ٿيون، ڪٿوري ٻوٽي جي وڻ جي به خوشبوءِ لڳائن ٿيون. صرف ان خوف ۽ ڊپ ڪان ته ڪٿي راڻي کي انهن سيني خوشبوئن منجهان ڪا به هڪ وٺي وڃي. سينگار جي جمال ۾ خوشبوءِ جي اهڙي مختلف قسمن کي خوشبوءِ ٺاهيندڙ به استعمال ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح راڻي کي ماڻڻ لاءِ رڳو مومل ئي نه بلڪه ڪيئي نوجوان نينگريون پنهنجو پاڻ کي سينگاريندين هيون. تن بابت ميون شاهه عنات چوي ٿو:

راڻــــو رِيجهــــايو جَيــــڏِيين، ســــڻ پِــــنِّ
سَـــــــــــــــندا پـــــــــــــارَ،

ڪَــن ســينگار ســيد چئــي، وجهــن
هـــــــــــــزاري هـــــــــــــارَ،
وارَ وِسِــــيهَرَ آڳِـــرا، مٿـــي ڪـــيسَ
ڪپـــــــــــــــــــــــــارَ،
هُئـا سـائو سُـوارَ، پـر مومـل مَـاڙِي
مينـــــــــــــــــــــــــڌري. (47)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو: 2019ع: 124)

ڪنوارين نوجوان نينگريون به راڻي ريجهائڻ لاءِ وسَ ڪيا، ڪيئي هارَ سينگار ڪيا. ڪارا وارَ چوڙيا ۽ سڀ هيلا هلايا پر ان هوندي به راڻي مومل ڪي ئي چونڊيو. اهڙيءَ ريت راڻي جي پسند بابت به ميين شاهه عنات ذڪر ڪيو آهي. ته ڪيئي ڪنوارين پنهنجا هٿ ميندي سان رڱيا، گُل اوڍيا ۽ هار سينگار ڪيا پر راڻو مومل تي موهجي پيو.

ڪـــاهي آيـــا ڪـــاڪِ تـــي، پســـندا
مومـــــــــــــــــــــــــل،
ڪِنــين ريخــون رتيــون، ڪِنــين ڳاڙهــا
گُـــــــــــــــــــــــــل،
مُڇِڙيـــارا مُـــلَ، اُت داناهَـــه گهٽـــا
ڏهوڙيـــــــــــــــــــــــــا. (48)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو: 2019ع: 126)

راڻي ڪي ماٽڻ لاءِ ڪيئي حسينائون مختلف سينگار ڪري گهمنديون هُيون. سُر مومل راڻي ۾ ميين شاهه عنات انهن خوبصورت عورتن جي هار

سينگار جو ذڪر ۽ گڏوگڏ هڪڙي باغ جو منظر پيش به ڪيو آهي. جتي باغ، باغيچا آهن ۽ راڻيون عطر ۽ عنبير لڳائي گهمي رهيون آهن. ائين لڳي رهيو آهي ڄڻ ڪَڪرن ۾ تجلو ٿيو هجي، ڄڻ آسمان ۾ اهاء ٿيو آهي يا پوءِ وڄون چمڪي رهيو آهن. جتي چوڏار خوشبوءِ جو هڳاءُ آهي. هر قسم جي هار سينگار جو عڪس ميين شاهه عنات هنين بيتن ۾ ڪري ٿو:

بـــاغ، باغيچـــا، بنگلـــا، راڻيـــون ڄِـــتِ رَمـــنِ،
اوئِـــسُ اُپِرئـــو عَنبـــرين، ڪَـــرَ ڪِهٽيـــون ٿِيـــوُن
ڪِـــــــــــــــــــــــــــــــــــوَنِ،
اُتـــان ئـــي انبيـــر جـــا، ڇِٽـــا ٿـــا ڇُلـــنِ،
عاقِـــلَ ڪـــي آڇَـــنِ، ڪـــاهي اِنهـــيَ ڪـــاڪَ
تـــــــــــــــــــــــــــــــــــي. (49)

(ميـين شـاهه عنـات رضـويءَ جـو رسـالو:
2019ع: 125)

*

لُـــڏن ليمـــي لـــام، وَٽئـــو پيـنگهـــون پَـــٽَ
جـــــــــــــــــــــــــــــــوُن،
اُتـــان ئـــي عَنبيـــرَ جـــا، اُڏمِئـــا عَـــذُبانَ. (50)

(ميـين شـاهه عنـات رضـويءَ جـو رسـالو:
2019ع: 125)

راڻيون سينگار ڪري ليمي جي لام ۾ پينگهه ېڏي، عطر عنبير ۽ ٻيون ڪيئي قسمن جون خوشبوئون لڳائي، مختلف قسمَ جا هارَ سينگار ڪري راڻي لاءِ پنهنجو پاڻ ڪي سجائي ويهن ٿيون. سونهن يا حُسن جي اضافي طور عورتون سينگار ڪنديون آهن. سينگار جي اهڙي جمال جي به پنهنجي حيثيت ۽

اهميت آهي. جنهن جو به تعلق حُسن ۾ نکار پيدا ڪرڻ سان آهي. اهڙيءَ ريت سينگار جي جماليات جا ڪيئي قسم موجود آهن.

## 3: جسماني جماليات:

جسماني جماليات جنهن ۾ جسم جي اعضاء جي جماليات جو ذڪر هوندو آهي. اسان جمالياتي طور تي پنهنجي جسمن ۽ ٻين جي جسمن جو جائزو وٺون ٿا ته معلوم ٿيندو آهي ته اسين ڪيتري قدر هڪٻئي کان مختلف آهيون، نه صرف ايترو بلڪه اسان جي جسم جي بناوٽ به هڪٻئي کان مختلف ۽ منفرد هوندي آهي. جسم جي جمال ۾ سڀني جاندارن (توڙي اهي جانور) هجن اچي وڃن ٿا. جن جي اعضاء بابت بحث ڪري ان جي سهڻي ۽ بدصورت هجڻ جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي. يعني سينگار جي جماليات ۾ اسين محبوب جي

ظاهري حُسن جو تذڪرو ڪيون ٿا ۽ جسماني جماليات ۾ اسين محبوب جي سڀني عضون جو ذڪر ڪندا آهيون. جسماني جماليات جي وصف ڪندي ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو لکي ٿو: "مٿي جا وار، آڱريون، اکيون، ڪَن، ڳچيءَ جو ڊگهو هجڻ، ڏند، پستانن، پيشاني، ڏُن جو ننڍو هجڻ، ڳل، ڪَرايون ۽ رانون پريل ۽ نرم هجڻ شامل آهن." (51)

نه صرف ايترو بلڪه جسماني جي جماليات ۾ اسين جسم جي سڀني خوبين ۽ خامين جو پڻ تذڪرو ڪندا آهيون. جنهن ۾ قد بُت ۽ ڪنهن به سهٽي عضوي جي تعريف ڪيل هوندي آهي. جنهن ۾ هر جاندار شامل آهي. يعني جانور هجن يا پکي، بوٽا هجن يا پوءِ انسان. انهن سڀني جي جسماني بناوٽ ڪنهن نه طرح سان پُرڪشش ضرور هوندي آهي. جيڪا خود ۾ هڪڙو جمال رکي ٿي. جسم جي جماليات جي تشڪيل خيال سان ٿيندي آهي. جسم جي ظاهري حقيقت ڪجهه به هجي پر تخيل ان کان وڌيڪ ۽ پُرڪيف ناهي هوندو. محبوب جي جسماني جماليات انتهائي لطيف تجربو معلوم ٿيندي آهي. ان باري ۾ عتيق الله لکي ٿو: "محبوب جي جسم جو مشاهدو انتهائي لطيف ۽ دل آويز جمالياتي تجربو پيش ڪري ٿو." (52)

اهڙيءَ ريت ميين شاهه عنات وٽ نه صرف سينگار جي جماليات موجود آهي پر ان ۾ جسماني جماليات جو به تذڪرو گهڻو موجود آهي. جنهن ۾ هو چنڊ کي پرينءَ جي چهري سان تشبيهه ڏيئي ٿو. ۽ هو چنڊ جي مقابلي ۾ پرينءَ جي چهري کي وڌيڪ حسين ۽ سُندر ڪوٺي ٿو. جيئن هيٺين بيت ۾ ڏسو چوڏهين جي رات آهي، چنڊ پنهنجي پوري وجود ۽ عروج تي نڪتل آهي، ۽ ساٽس تارا به گڏ ٽمڪي رهيا آهن. پر ان هوندي به پرينءَ جي سونهن جو مقابلو ڪري نه ٿا سگهن. سونهن هميشه متاثر ڪندڙ ئي هوندي آهي، ۽ خاص ڪري عورت جي سونهن جي ته ڳالهه ئي جُدا آهي. ان تي سڀيئي فرد موهجي

پوندا آهن. ان جي حُسن اڳيان ته سپ تَشا يا شراب ضايع ٿي ويندا آهن. عورت جي جسم جي ڪنهن به هڪ عضوي جي جهلڪ هوش ۾ آڻي چڏي ٿي.

چـــوڏهن ڏائَـــي چوڏهيـــون، تـــوٽي چَنـــڊُ
هـــــــــــيُ ســـــــــين تـــــــــارنِ،
پُونِــه پــاٿ نــه ســي پَســان، جــي سَــندا
سُـــــــــــــــــــــــــــــــپيرين. (53)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو: 2019ع: 19)

*

ڪــاريو جــو ڪلــال، مَڪَــرُ متــارن ڪــي،
پِــي پيالــا پُــر ٿيــا، مَــٿِن لٿــو ملــال،
جانــب جــو جمــال، سَـري منجهــان سَــهِي
ٿئـــــــــــــــــــــــــــو. (54)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو: 2019ع: 17)

شراب ته چڱن لاءِ مڪرُ ئي آهي، شراب پياريندڙ پلي پري پيارين، پر تڏهن ڪين هوش اچي ويندو، جڏهن محبوب جي مالها ۽ ان جو جمال انهن اڳيان ظاهر ٿي پوندو. سيئي غفلت مان هوش ۾ اچي ويندا آهن.

اهڙيءَ ريت سُر ڪنيات ۾ ميين شاهه عنات پرينءَ جي جسماني جمال جي ڀيٽ چنڊ سان ڪئي آهي. شاعريءَ ۾ محبوب جي حسن ان جي ظاهري چهري جي چمڪ کي اڪثر شاعر چنڊ سان تشبيهه ڏيندا آهن. جو ڪين لڳندو آهي ته چنڊ کان وڌيڪ حُسن ڪنهن ٻئي سياري ۾ نه آهي. جيتوڻڪ ان جي مقابلي ۾ زهره (Venus)سيارو وڌيڪ خوبصورت ۽ چمڪندڙ مجيو ويندو آهي.

پر چنڊ جي محبوب سان ڀيٽ جي روايت قديمي آهي. جيڪا هزارن سالن کان ڳائجي پئي. ۽ ميين شاهه عنات وٽ به اها روايت ساڳي ئي حالت ۾ موجود آهي. هيٺيون بيت ڪيڏو نه حسين آهي. جنهن ۾ تاري جي چوڻ تي چنڊ اُڀري ٿو پوي. ۽ ۽ جڏهن محبوب ڀَسي ٿو ته پاڻ ئي اچرج ۾ پئجي ٿو وڃي. يا چنڊ جڏهن چوڏهينءَ ڪري چودار چاٽباڻ ڪري ٿو، ته اهو مڪمل سينگارُ ڪري اُڀري ٿو اچي. ۽ مڪمل سينگارجي سنوارجي اچاڻ ڪري چڏي ٿو. پر چنڊ جي اهڙن هارَ سينگارن کي ميون عنات محبوب جي هڪڙي جهلڪ ۾ ئي ردّ ڪري ٿو چڏي. محبوب جو جسماني جمال چنڊ تو کان وڌيڪ آهي. توڙي جو ڪيڏا ئي حيلا ڪرين.

چيــو تــاري جــو ڪــري، آيــو چنــڊ
چڙهـــــــــــــــــــــــــــي،
بيٺــو اُت آڙي، پســي پيشــاني پــرين
جـــــــــــــــــــــــــــي. (55)

(ميـين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو: 2019ع: 21)

*

چَنــڊُ چــوڏِس اُبــري، سَهَسِــين ڪَــري
سِـــــــــــــــــــــــــــنگارُ،
پَلَــڪَ پريــان جــي نــه پُڄــي، جــي حِيلــا
ڪَـــــــــــــــــري هَـــــــــــــــــزارُ،
جهــڙو سَــيُ ڄَمــار، تَهــڙو دم دَوسَ جَــو.
(56)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو: 2019ع: 21)

جسماني جماليات ۾ اسان کي محبوب جي اعضاء کي فطري حُسن سان ڀيٽڻ لاءِ ڪافي ڪجهه موجود هوندو آهي. جنهن سان محبوب جي اعضاء جي ڀيٽ ڪري اسين ان جي جسماني سُونهن کي فطرت سان تشبيهه ڏيندا آهيون. فطري سينگار ۾ اسين محبوب جي فطري وصفن کي پنهنجي آس پاس ماحول جي شين سان ڀيٽڻ شروع ڪندا آهيون. جيئن هيٺين بيت ۾ ميين شاهه عنات سِج جي لالائي، پرينءَ جي پلڪُن کي چنڊ ۽ تارن سان تشبيهه ڏيڻ، سج کي محبوب جهڙو ڪوٺڻ يا سج کان به وڌيڪ محبوب جي چهري جي روشنيءَ کي ڳائڻ به هڪڙو فطري سينگار آهي. جيڪو محبوب جي جسماني جماليات کي ظاهر ڪري ٿو.

سِـــجُ سُـــياٽي جـــا ڪـــري، تهـــڙي لالـــائي لِڳـــنِ،
پَلَـــڪ پريـــان جـــي نـــه پَاڙِيـــان، چَنـــڊ اِيُ سِـــين تـــارن،
شَـــــمس سَـــــهائي اڳـــــرو، مُـــــنهن ۾ محبَـــــوبن،
ڪئـــــــين قنـــــــديلناڳري، پيشـــــــانِي پـــــــرين،
هِـــيُ جـــو جلـــوو جـــوت ســـندين، تـــنهن تـــان ڪـــوڙين قربـــــــــــــــانيون ڪريـــــــــــــــان. (57)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو: 2019ع: 21)

اهڙيءَ ريت محبوب جي جسماني ڀيٽ رڳو سج سان ئي نه بلڪه چوڏهينءَ جي چنڊ سان به ڏسڻ لاءِ ملي ٿي. جنهن ۾ محبوب جو چهرو چوڏهينءَ جي چنڊ کان به وڌيڪ روشن آهي.

ڪِــه ڪــو هَنيــوءِ مَنــڍُ، ڪِــه ســامي! ٺُــون
سَــــــــــــــــــچي ڪـــــــــــــــــريَين،
جــوڳي تــينءَ جَهرڪِئــو، جــينءَ چــوڏهِينءَ
ماهــــــــــــــــه چَنـــــــــــــــــڊُ. (58)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 125)

ميين شاهه عنات وٽ نه رڳو مارئي، سسئي، سهڻي بلڪه نوريءَ جي جسماني جمال جو تذڪرو به خوب آهي. جنهن جي حسن و جمال تي تماچي جهڙو دِلاور به نڇاور ٿي ٿو وڃي. نوريءَ جي جمال جو مقابلو ڪا ٻي راڻي ڪري ئي نه ٿي سگهي. نوريءَ جي جمال اڳيان ٻين راڻين ان سان ريس ڪرڻ ئي ڇڏي ڏني، جو ان جهڙو مَٽ ڪو ٻيو انهن ڪي به نه ٿي سُجهيو. هيٺيان بيت ڏسو:

جَهــڙِي ســوُنهَن سَــندياسِ، تِهــڙو ڪِنجهُــر
۾ ڪِـــــــــــــــــــينَ ٻِئـــــــــــــــــو،
طُــولَ تَنهِــين جــي ســين، راڻيــون آڇــن نــه
راسِ،
مورچَــلُ پــاڻ مَٿــاسِ، اُيــو تَمــاچي هَٽــي.
(59)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 167)

*

تهـــڙو ڪِنجهُـــر ۾ ڪِــــينَ ٻئـــو، جهـــڙي
ســــــــــــــــوُنهن سَــــــــــــــــندياسِ،

مَـــڏ، مِيَـــاٽيُون، مَڪُـــرَا، مڙيئـــي معـــاف ٿيئـــــــــــــــــــــــــــــــــــــاس،
رِيــسَ راڻِــين ڇَـڏِئِي، ويهــي ڪانــه وَٽــاسِ،
مورچِـــل مَٿـــاس، اُڀـــو تمـــاچي هَٽـــي. (60)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو: 2019ع: 167)

مورچِـل، مـور جـي کنـين منجهـان ٺهيـل وِنجڻـي (هـٿ واري پکـي) کـي چيـو وينـدو آهـي. تمـاچيءَ جهـڙو باڪمـال بادشـاهه بـه جسـماني جمـال کـي ڏسـي هـٿ وارو پکـو کڻـي بيهـي ٿـو. اهـو جسـماني حُسـن راڻـين منجهـان ’نـوريءَ‘ جـي حصـي ۾ گهڻـو آيـو آهـي. جـنهن جـي حُسـن ۽ جمـال بابـت ميـين شــاهه عنــات تمــاچي کــان چــورائي ٿــو تــه اهــڙي ســچي ڪينجهــر ۾ ڪــا حسين ڪونهي، جهڙو سندس سونهن آهي.

## 4: سِڪ جي جماليات:

سِڪَ جي لفظي معنيٰ آهي محبت ۽ پيار. جنهن ۾ پنهنجي خاندان، پنهنجي پيار ڪندڙ، پنهنجي ماروئڙن لاءِ ڇِڪَ وغيره شامل آهي. نه صرف اهو بلڪه سِڪَ اسان کي پنهنجي وطن، ان جي مِٽي، ان جي پهاڙن، ان جي دريائن، ان جي حسين نظارن جي به ڏيندي آهي. جيڪي اسان عرصي بعد ڏسڻ جا

مشتاق هجون. نه صرف اهو پر سِڪ ۾ هڪڙي بيقراري ، انتظاري ۽ تڙپ به هوندي آهي.

سِڪَ خود هڪڙي اهڙي ڪيفيت آهي جنهن ۾ مٺيون سٺيئي حالتون انسان سان درپيش هونديون آهن. ان جي بي چينيءَ ۾ به هڪڙو چينَ محسوس ٿيندو آهي. اهو ته سِڪَ جو جمال آهي. سِڪَ جي جماليات اسان کي سنڌ جي تقريبن سڀني آساسي شاعرن جي شاعريءَ ۾ پڙهڻ لاءِ ملي وڃي ٿي. جن به سنڌ جي عشقيه لوڪ داستانن کي چٽيو ۽ ڳايو آهي. ميون شاهه عنات رضوي به ان آساسي شاعريءَ جي ان ڪَڙيءَ کي برقرار رکيو آهي. جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ سِڪَ جي جمال جي روايت کي خوب ڳايو آهي. جنهن ۾ هُن مارئي، سسئي، سهڻي ۽ مومل وغيره جي سِڪ کي جمالياتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر احسان دانش لکي ٿو: ”سُر توڏي، سُر ديسي، سُر سريراڳ ۽ ٻين سُرن ۾ عورت جي اندروني احساسن کي نهايت ئي خوبصورت تصوير ڪشي ڪئي آهي. اُهي سُر پڙهندي لڳي ٿو ته ڪٿي عشق جي آڳ ٿي پڙڪي، ڪٿي ساٿيهه جي سڪ ٿي ماري، ڪٿي وري پنهنجي ورَ لاءِ انتظار ۽ اوسيئڙي جا ڏينهن ۽ راتيون ڪاٽيندي نظر اچن ٿيون.“ (61)

نه صرف عشقيه داستانن ۾ سِڪ جي جماليات جي روايت ملي ٿي پر ميين شاهه عنات وٽ هونئن به سِڪ جي جماليات جا ڪيئي حسين بيت ملن ٿا.

محبوبن کي ڏسڻ جي جيڪا خواهش آهي، سا ته ان جي ڏسڻ کان پوءِ ئي پوري ٿيندي آهي، اکيون اسان جون آتِيون هونديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن ته اها پرين جي سِڪ هڪڙيءَ دانهن جي صورت اختيار ڪري ويندي آهي. اندر روئندو آهي، دل جلندي آهي. جدائي جهڙوڪه چيريندي ۽ ڳاريندي رهندي آهي. هڪڙو خال محسوس ٿيندو آهي. اها سِڪ پرينءَ جي رت رئاريندي رهي ٿي.

خَبَـرَ ٿِـي ڪَـرَنِ ڪـي، تـه مـان ڪـي ڪنـدا
ڪوهُـــــــــــــــــــــــــه،
صُـــورتُ سُـــپيرين جـــي، ڏِنـــي ڪـــونهي
ڏوهُـــــــــــــــــــــــــــه،
لـــوڙي لڳُــمِ لوهُــه، جــنهن مــون ڪــي رَتُ
رئـــــــــــــــــــــــاڙِئو. (62)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 19)

اها حقيقي عشق جي انتها آهي، جنهن ۾ پيرينءَ جي ديدار تي رتُ روئڻ جهڙي ڪيفيت بيان ڪجي! پر هڪڙي پي به ڪيفيت آهي، جيڪا بسترِ عشق تي سمهاري ٿي. جنهن جي ڪائي به دوا ڪونهي، نه ئي ڪو حڪيم يا طبيب ان مرض جو علاج ڪري ٿو سگهي. ميين عنات وٽ به، نه ته اهو طبيب يا حڪيم ٿو علاج ڪري سگهي ۽ نه ئي ڪو پيو. مرضِ عشق جي دوا ته فقط محبوب جي سِڪ آهي. ڪائي به دوا ڪو به طبيب محبوب جي نِهارَ کان وڌيڪ اثر نه ٿو ڪري، صرف محبوب جي هڪڙي نظر ڪَچي ۽ سپئي دردَ ميسارجي وڃن. محبوب اسان جي دوا ۽ دردَ جو درمان ٿي پوي ٿو.

آءٌ نـــه ڪنـــدي ويـــچ ســـين، داڙُونءَ لئـــي
ڪــــــــــــــــــــــــــــارُون،
پُڪِـــي ڏِينـــدا باجَهـــه جـــي، نِهـــاري نـــارُون
جـن جُـون سـيڻَ لَهَـن سـارون، تـن کـان ڏُکنـدو
ڏُورِ ٿئــــــــــــــــــــــــــي. (63)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 15)

*

ڪــوءِ ســي ويــچ طبيــب، دارون درد گهوريــان،
جــن جــي ڪَــلَ لهــن قريــب، تــن ڪــان ڏُکنــدو
نــــــــــــــــــــــــه ٿئــــــــــــــــــــــــي. (64)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 15)

درد ته هڪڙو بهانو آهي. جيڪو محبوب جي اچڻ تائين رهي ٿو. محبوب جي صرف پُڇا ئي ڪافي هوندي آهي. ۽ سيئي دردَ، سيئي مرضَ پنهنجو پاڻ ڏور ٿي ويندا آهن. سڪ جي انتها اها هوندي آهي جو ياد ڪرڻ وارو ايترو به چاٽڻ لڳندو آهي ته پرين ڪڏهن ايندا. اها اهڙي اڳڪٿي ڪڏهن ڪڏهن سچ به ٿي پوندي آهي. جڏهن انهن ڪي دل سان ياد ڪبو ته اهي اوهان جا مهمانَ ٿي پوندا آهن.

مــوکي! متــارا، ســاريان، مــون سَــرير ۾،
اچــڻ جــي وارا، اچ پُــڻ اينــدا مــانَ ڳــري. (65)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 17)

يعني محبوب جي اچڻ جي اڳڪٿي اڳ ٿي ويندي آهي. اها سِڪ جي حسناڪي آهي. پر بئي پاسي ڪڏهن صورتحال ٻي هوندي آهي، ايتري سارَ، پرچارَ ۽ ياد ڪان پوءِ به پرين در مهمان ناهن ٿيندا. جيڪي هر آئي ڏينهن پرين جي فراق ۾ پاڻ جلائين ٿا، جن پنهنجون اکيون پرين جي سارَ ۽ سڪ ۾ وڇائي رکيون آهن.

سُـتي هـن سَـري جـي، کـن پـل پـل ٿـا
پچـــــــــــــــــــــــــارَ،
پـــرين اهـــڙين پـــارَ، مـــوکي! ملنـــدئي
مَهانگـــــــــــــــــــــــــا. (66)

(ميـين شـاهه عنـات رضـويءَ جـو رسـالو:
2019ع: 17)

پرين جي سِڪ يا ياد ڪرڻ سان پرين ملي پوي! اها ڪهڙي نه خوشنصيبي هوندي! ائين ٿيندو ڪٿي آهي؟ پچارَ ۽ پڪارَ کان سواءِ محبوب اچي پارَ پهچن، اهڙو ڏينهن شل ٿئي! سِڪ جو ٻيو قرار ته بيچيني آهي. بيقراريءَ ۾ ته پنهنجو پاڻ هڪڙو قرار موجود آهي. اهو ئي سِڪ جو حقيقي جمال آهي. جنهن ۾ محبوب پڇّي ۽ پڇري ٿو. اهڙي سِڪ جي جمال کي ميين شاهه عنات ڪيئي مختلف ۽ منفرد انداز ۾ چٽيو ۽ پيش ڪيو آهي. اها ميين عنات جي ئي ڪماليت آهي جنهن سِڪ جي جمال جي اوج ٻڌائي آهي. مگر صرف ايترو ته ڪافي نه آهي. ان لاءِ ته اجا پنهنجو وجود ئي وڃائي ويهڻ گهرجي. عشق جي باهه کان سواءِ محبوب تائين پهچڻ ممڪن ئي ڪونهي:

آٽـــي آڳ عشـــق جـــي، تـــنهن ۾ پـــاڻ پچـــاءِ،
دل منجهـــه دونهـــون دکـــاءِ، تـــه سِـــگهو
ملـــــــــــــــــين ســـــــــــــــچڻين. (67)

(ميـين شـاهه عنـات رضـويءَ جـو رسـالو:
2019ع: 17)

عشق ته اُها باهِه آهي جيڪا عاشقن جي سينن ۾ جلندي رهي ٿي، ۽ اهڙي باهِه پنهنجي اڳيان ايندڙ هر شئي کي ساڙي خاڪ ڪري ٿي ڇڏي. عشق ته ماٺهوءَ کي محبوب جي دائري کان علاوه ڪا ٻي شئي سوچڻ به نه ڏيندو

آهي. عشق انسان جي مڪمل وجود کي وڪوڙي رکي ٿو. جنهن ۾ پنهنجي محبوب لاءِ تڙپ هڪڙي شعلي جيان اُڀري هر اڳيان ايندڙ شئي کي راک ڪندي آهي. ميين شاهه عنات به محبوب جي سِڪ جو مثال اهڙي شعلي سان ڏنو آهي. جيڪو خود عاشق کي جلائيندو رهي ۽ عاشق معشوق جي سِڪ ۾ لڇندو رهي، جيسين ڪيس محبوب نه اچي سامهان ٿئي. سِڪ رڳو آڳ جو نالو ڪونهي، بلڪه سِڪ جي ان آڳ کي اُجهائڻ لاءِ ڪيئي رستا به موجود آهن.

راتِيُـــون بـــاتِيُون، چَنـــدَ ســـين، مَجيـــان
سُــــــــــــــــــــــــــــــــڪائون،
پِرهَـــه جـــو پانـــڌِي پُڇـــان، اُڪنـــدِي آئـــوُن،
سِــجَ سُــونهارا، ســيد چئـــي، خَبَــرَ ڏِجــاهُون،
هِــت آهِــين اُتــاهُون، هُــتِ تــو پَســين پــرين
ڪـــــــــــــــــــــــــــــــــي. (68)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو: 2019ع: 19)

سڄڻ جي سِڪ فطرت جي ويجهو آڻي ٿي ڇڏي. جنهن ۾ چنڊ ۽ تارَن سان پرينءَ جي سِڪ جي ڪچهري ڪئي ويئي آهي. جنهن ۾ رات ۾ ايري ايندڙ فطرت جي هر ننڍي کان ننڍي عنصر سان به ڳالهه ٻولهه ذريعي پرين جي خبر وٺڻ لاءِ منٿ ڪيل آهي. ڪٿي چنڊ سان هجت آهي، ته ڪٿي وري سجَ سان ياري! پرينءَ پڇائڻ جي به ڪيڏي نه منفرد چوند آهي. ان حد تائين به جي پرين اگر پاڻ اچي نه سگهي، ته اُتان اوهين ان کي ڏسي پچا ڪري ڏجي. سِڪ جي اهڙي جمال کي ميين عنات خوبصورت رنگ ڏيئي ڇڏيو آهي. سِڪ جي جماليات ۾ فطرت جي عنصرن سان اهڙي ڳالهه ٻولهه واقعي ئي هڪڙو حسين تصور آهي.

چَنَ! تُنهنجي باتِ، مون کي آهي مَنَ ۾،
الله لڳ "عناتُ" چئي، تُون آچو منجهه راتِ،
تَنَ جِنهين جي تَاتِ، سي ڏِسي تُون ڏِيکار
مُون. (69)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 20)

ٻوليءَ جو اعليٰ استعمال ۽ فني مهارت به شاعريءَ جي حسن ۾ اضافو ڪري ٿا ڇڏين. جيئن ميين شاهه عنات مٿيئن شعر ۾ ڪهڙي نه هجت ۽ محبت واري لهجي ۾ چندڊ کي "چَنَ" ڪري سڏ ڪيو آهي. ائين لڳي رهيو آهي جڻ ميين شاهه عنات ۽ چندڊ جي پاڻ ۾ ڪا پراڻي دوستي هجي. ميين شاهه عنات سڄڻ کي ڏسي ڏيڻ لاءِ چندڊ کي چيو آهي. ته جن جي سِڪ اندر ۾ سُئي وانگر چُڀي رهي آهي. تن کي ڏسي پوءِ پنهنجو پاڻ کي ڏس!

ميين شاهه عنات جي رسالي جي متن ۾ "سِڪ جي جماليات" سان ڀريل ڪيئي حسين بيت ٻين موضوعن جي مقابلي ۾ وڌيڪ پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. سُر "ڪنڀات" ۾ محبوب سان ملڻ لاءِ "اُٺ/ڪرهي" جو ته بيحد حسين بيان آهي. جنهن ۾ ڪيئي بيت شاندار نموني سان محبوب ڏانهن اُٺ تي سفر جي بيان ۾ موجود آهن. عشقيه داستانن ۾ مومل جو راڻي جي ياد ۾ تڙپڻ ۽ ان جي رُسامي تي لڇڻ، مارئي جي پنهنجي وطن ۽ ماروئڙن لاءِ سِڪ، سهڻيءَ جو اڌ رات ۾ خطرناڪ لُهرن کان نه ڊڄندي ميهار جي سِڪ ۾ درياهه پار ڪرڻ ۽ سسئيءَ جو پنهونءَ جي سِڪ ۾ ڏونگر سَر ڪرڻ جي به انتها ڏيکاريل آهي.

ميين شاهه عنات رضوي وٽ رومانوي داستانن ۾ محبوب جي سِڪ جو جمال، ان جي ياد ۽ سارَ جو بيان موجود آهي. جيئن سُر مارئي اندر مڪمل بيت سِڪ جي جمال سان ڀرپور آهن. جنهن ۾ هُن جي پنهنجي ماروئڙن، پنهنجي

وطن ۾ ان جي هر هڪ ننڍي وڏي شئي جي سِڪ ملي ٿي. هو پنهنجي وطن تي وسڪاري بعد ٿيندڙ گانجري جو ڦٽڻ، ڪوهن جو پرجڻ، مال متاع جو ڏورن تي ٿُڏڻ وغيره کي ياد ڪري ٿي. مارئي جي سِڪ ان جي حُب الوطني ۾ پنهنجي ماٽهن سان پيار، ايترو ته گهرو آهي، جن جي لاءِ هُن جو سچو سَريرُ سِڪي مئو آهي.

اُرهَـــه جَهليـــو گـــانجِرو، ثـــا مٿـــي
ڪُوهـــــــــــــه ڪـــــــــــــڙين،
گهيٽـــا، ٻَڪـــرَ چـــاريو، وَريتيـــون
وَارِيـــــــــــــــــــــــــن،
تاسِـــياريوُن تَـــڙنِ تـــي، سَـــاريو ٿـــا
ســــــــــــــــــانگين. (70)

(ميـين شـاهه عنـات رضـويءَ جـو رسـالو: 2019ع: 45)

*

اُنـــو مـــوڪَ مليـــرُ، مـــوُن پانـــڌيئڙو
پُڇِئـــــــــــــــــــــــــا،
اوءِ اُئـــان ئِـــي آئيـــا. سِـــڪي جـــن
سَـــــــــــــــــــــريرُ. (71)

(ميـين شـاهه عنـات رضـويءَ جـو رسـالو: 2019ع: 46)

سِڪ جي شدت جڏهن وڌي ٿي ته اها خالي اوهان جي اندر نه ٿي جلائي، بلڪه سڄي جسم جي جان سُڪائي ٿي ڇڏي، مارئي سان به ڪجهه اهڙي ئي وارتا هئي. پر هڪڙي سِڪ آهي آزاد ٿيڻ واري، جنهن ۾ ماروئڙن ڏانهن

وڃڻ جو مَنُ ٿئي ٿو. جنهن ۾ قيد آهي ۽ ٻي سِڪ آهي آزادي هوندي به اوسيئڙي واري، جنهن ۾ هڪڙو ڏکھو انتظار آهي، بيچيني آهي، اُڻ تُڻ آهي، هڪ ڏکھي آهه آهي. نيڻ رستن تي وڇائي لڳاتار نهارڻ، ۽ سج لٿي کان سج اُڀري آچ ٿيڻ تائين ان ئي تاڪ ۾ رهڻ واري سِڪ مومل جي نصيب ۾ آئي. جيئن زالون پنهنجي وَر لاءِ سِڪنديون آهن، ۽ کين ياد ڪنديون آهن، تيئن مومل هڪڙي ڏکھي انتظار سان گڏ پڇتاءَ واري ڪيفيت ۾ رهي ٿي.

سج لهي سانجهي ٿيو، وٺن ڪئي وَنڪَ،
سڄڻ تنهنجي سِڪ، موٺيو ماڳ نهاريان (72)

(ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو: 2019ع: 127)

*

اُڀري سج ڏينهن ٿيو، اُڀري ڪيائين آچ،
ڪامٽي پنهنجي ڪانڌ لئي، ڪُوڪيو نهاري ڪچ،
آٿم هِينئن ۾ هَبڇ، راٺا تنهنجي رهاڻ جي. (73)

(ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو: 2019ع: 127)

اهو سِڪ جو جمال ئي آهي، جيڪو مومل کي سڄي رات راهون نهارڻ تي مجبور ڪري ٿو. هڪڙي ڏکھي انتظار واري سِڪ رڳو مومل کي ئي نه هُئي، اها ته سُر ديسي ۾ سسئيءَ کي به رولي رهي آهي. جيڪا نه صرف سِڪ

۾ پَچري رهي آهي، بلڪه ان وڏا ڪشٿ ڪيا آهن. جيڪا راهون تي پيرين اُگهاڙي نڪري پئي آهي. پنهونءَ جي سِڪ ان کي سُک جو ساهُه کڻڻ ناهي ڏنو، پير پٿون هئڻ باوجود هو همٿ هاري نه ٿي، چاهي پنڌ ڪيڏو به اوکو ۽ ڏکهو ڇو نه آهي، پنهونءَ جي تانگهه خاطر هُن سپ گَسَ ۽ رستا اورانگهيا آهن. جيتوڻڪ اهڙي اڙانگي انتظار ڪرڻ باوجود پنهون حاصل ڪونهي.

ســـيئي چونـــديون ســـاءِ، اهـــڙي ڳالهـــه
۾عِنـــــــــــــــاتُ" چئـــــــــــــــي،
وجهيـــون اکيـــون ويســـريون، ور ۾ ويٺـــي
آهـــــــــــــــــــــــــــــــــــــه،
تـــون ڪيـــئن آســـاري اوجهـــرين، پنهـــون
ســـــــــــــــين پييَـــــــــــــــاءِ. (74)

(ميـين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 137)

*

هَلــڻ سَــهان نــه هــوت جــو، وجــڻ آئــون
گهوريـــــــــــــــــــــــــــــــــــــان،
هُــو نــه هميشــه هِتَهــين، ڏونگــر ڪَوهَــه
ڏوريـــــــــــــــــــــــــــــــــــان،
اکـين سـين اوريـان، پَسـان شـال پنهـون
ڪــــــــــــــــــــــــــــــــــــي. (75)

(ميـين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 137)

ڪٿي ته سِڪ ۾ جبل جهانگٽا ٿا پون، ۽ راهُن ۾ اکيون وڇائي مسلسل انتظار ۾ رهڻو ٿو پوي. پر ڪٿي سِڪ وري پنهنجو پاڻ وڃائڻ جو به نالو آهي. سِڪ جي اهڙي تڙپ ماڻهوءَ کي لاپرواهه ڪريو ٿي ڇڏي. ان کي ڪنهن به ڳالهه جو ڪو خوف ئي نه ٿو رهي. هو پنهنجي ۽ ٻين جي ڪا به پرواهه ٿيڻ نه ٿي ڏيئي. اهڙي ئي سِڪ اسان کي ”سهڻيءَ“ جي بيباڪ ڪردار ۾ نظر اچي ٿي. جيڪا اڌ رات جو درياهه ڪناري پهچي، گهري تَڙَ تي بيهي ڪچي دِلي تي موج پريي مهراڻ ۾ ڳِهڙي پوءِ ٿي، ميهار جي سِڪ ان کي ائين ڪرڻ تي مجبوري ڪري ٿي ڇڏي. جيڪا اهو به نه ٿي ڏسي ته درياهه ڪيترو گهرو ۽ اونهو آهي. ميين شاهه عنات سهڻيءَ جي سِڪ کي بيحد سهڻي انداز سان پيش ڪيو آهي. توڙي جو درياهه ڪيڏو به تيز هلندو هجي، پر ان جي مقابل سِڪ جو وهڪرو وڌيڪ تيز آهي. درياهه جي جي ڪُنَ ۾ سپ شيون پاتار تائين پهچي وڃن ٿيون، پر ساجن جي سِڪ اهڙي حالات کي به نظر انداز ڪري ٿي ڇڏي.

چِئـان گهِـڙي تِئـان گهيــڙُ، آوَتَــڙائِين تَــڙُ ٿِئــي،
ڏَمَ وٿ جُٿــو ظــاهِرا، مَــنُ مِهــارُ سـين ميــڙُ،
ســـانَدِي پِـــانئي نيـــڙُ، چِهـــن اهـــڙي سِـــڪ
ســــــــــــــيد چئـــــــــــــــي. (76)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو: 2019ع: 161)

*

تِڪــان تِــڪَ گهَڙِــي، سِــڪ تِهــان ئــي اڳِــرِي،
پاتـــا اُنَ پاتـــارَ ۾، دريـــا ڏُنـــگَ هَڙِـــي،

آڪِڙيُــون "عنــات" چئــي، ويئيــون پــار وَٽــي،
ســاٽِي جَــن ڏٽِــي، تــن ســين مِهــراڻُ مَيــا
ڪــــــــــــــــــــــــــــــــري. (77)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 161)

سِڪ جي ٻين لفظن ۾ اصطلاحي معنيٰ پيار، محبت، چِڪ وغيره نڪري ٿي. اهو ئي سبب آهي ته ميين شاهه عناتَ رضوي وٽ سنڌ جي عشقيه داستانن ۾ "سِڪ جي جماليات" گهٽي ملي ٿي. نه رڳو ايترو پر ميين شاهه عنات کان بعد واري آساسي شاعرن ۾ خاص طور ان روايت کي بيحد خوبصورت نموني شاهه عبداللطيف ڀٽائي نڀايو ۽ برقرار رکيو آهي.

5: درد جي جماليات:

عام طور جماليات حُسن، سونهن ۽ خوبصورتيءَ ۽ خوشي جو باعث آهي. ته ٻئي پاسي ان جو هڪڙو ٻيو رُخ به آهي، جنهن ۾ درد، پيڙا، سورُ ۽ پورُ آهي. جن ۾ ڪو به سُڪون ڪونهي، بيقراري ۽ بيزاري آهي. ڪا به راحت ڪونهي، هڪڙي اذيت آهي ۽ هڪڙي گهري چوٽ آهي. پر ان سڀ ۾ پنهنجو جمال موجود آهي. ان جي حُسناڪي ان جي برداشت ڪرڻ ۾ سمايل آهي. سونهن جو تعلق صرف ۽ صرف خوشيءَ سان ڪونهي، بلڪه ان جو ته واسطو درد سان به آهي. جنهن جو اثر جمالياتي آهي. اهڙيءَ ريت ميين شاهه عنات رضويءَ وٽ به درد جو جمال موجود آهي. درد جي جمال بابت ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو لکي ٿو: "شاهه عنايت رضوي بيت جي مستعمل روايت کي بناني پختگي، لغوي گهرائي، موسيقيت، تجنيسيت ۽ درد جي جمال واريون خصوصيتون عطا ڪري، ايڏي ته ڪشش پيدا ڪئي، جو سندس سوين بيت ماڻهن کي زبان زد عام هئا." (78)

مٿين راءِ موجب ميون شاهه عنات رضوي پنهنجي بيتن ۾ درد جي جمال جي خصوصيت کي برقرار رکيو آهي. جيڪو سنڌي عشقيه داستان جي ۾ عام لکيو. اهڙيءَ ريت ميين شاهه عنات مارئي جي پنهنجي وطن ۽ ماڙُئن لاءِ درد جي ڳالهه ڪئي آهي. جيڪا عمر سومري کي مخاطب ٿي چوي ٿي ته اي! سومرا! منهنجون ته اکيون پنهنجي اباڻن ڪکن ڏي آهن، جتي مون راتيون گذاريون آهن، انهن جي سارَ ۽ انهن جي ياد منهنجي زبان زد عام هوندي.

اکيـــون آبـــاڻن ڏي، وِلهيـــون وِهـــاميون
رات،
سُـــتيون ڪـــين ســـيد چئـــي، وائـــي
وڙهـــــــــــــــــــــــــيچن وَات،
ســـــومرا ســـــاعات، سَـــهان ڪِـــين

ســــــــــــــــــــــــنگهارن ري. (79)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو: 2019ع: 49)

اها مارئي آهي جيڪا پنهنجي اباڻن اجهن، اتان جي حسين راتين جو درد رکي ٿي. نه رڳو ايترو پر مارئي ان ڪائي جو به ذڪر ڪري ٿي جيڪا پيهي اڏڻ وقت هڪ ٻيلنگهه کان ٻئي ٻيلنگهه تائين ويندي آهي، جنهن مٿان ڏڪ سٿبا آهن. جنهن مٿان جهنگ جي گاهه ٻوڙن ٻوٽن وٽن جا ڪک رکي اڏبي آهي. فطرت جي اهڙي جمال کي درد جي جمال ۾ ملائي مارئي دانهن ڏيئي ٿي ته اڏ لوئي انگن تي ته اڏ وري ٻين لاءِ هوندي آهي. فقيرن جي تو جهونپڙي به ڪڪائين. اي سومرا تون انهن ڪڪائن گهرڙن ۾ رهندڙ ماروئڙن جي سامَ ڪٽي آيو آهي، اها ڳالهه تو کي لڄائي رهندي.

اڏ لــوئي انــگ تــي، اڏ ۾ پــاٽ پَريُــون،
ڏينهـــان وجـــن ڏُٿ کـــي، لنگهـــي آڏ
ٽرِيُـــــــــــــــــــــــــون،
پنوهـــــارن پُرِيُــــون، مُونهـــان پـــوءِ
مَٽِيـــــــــــــــــــــــون. (80)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو: 2019ع: 50)

*

اڏ لــوئيءَ انــگ تــي، آڏ ۾ سَــپ عيــالَ،
هَهــڙا جنــين حــالَ، تــن جــي ســامَ پَرتِئــي
ســـــــــــــــــــــــومرا. (81)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:

2019ع: 50)

مارئي پنهنجي اندر جيترو درد قيد ٿيڻ وقت محسوس ڪيو، اوترو ئي درد اسان کي ميين شاهه عنات رضوي جي بيانيي ذريعي محسوس ٿئي ٿو. جتي مارئي جي دانهن ڪنهن عام ناريءَ جي دانهن نه بلڪه پنهنجي وطن ۽ ماروئڙن کان ڌار ٿيل ڪنهن عورت جو درد لڳي ٿو. ميين شاهه عنات وٽ درد جو جمال مارئي جي زباني ڪجهه هيئن به ملي ٿو:

عُمــــر آنـــــدي مــــارئي، ڳـــوٺن مــــان

ڳـــــــــــــــــــــــــــــــــولي،

آڻـــــي عمرڪــــــوٽ ۾، راڄ ڏِٺائــــــين

رولـــــــــــــــــــــــــــــــــي،

آجهـــي ٿَـــنهن اولـــي، جوڪـــو رَســـيو

جَهـــــــــــــــان ڪـــــــــــــــي. (82)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:

2019ع: 51)

مارئي ته هڪڙي عام معصوم ڳوٺاڻي ناري آهي. جيڪا پنهنجي ماروئڙن جي سار ۾ روئيندي رهي ٿي. مارئي جي قيد تي راڄ رولي وجهڻ، ۽ ان کي ايذاءُ رسائڻ جهڙو موضوع ميين شاهه عنات درد جي جمال ۾ آندو آهي. پر ايترو ئي نه ميين شاهه عناتَ سُر مومل راڻي ۾ مومل جي فراق کي به خوب چِٽيو آهي. مومل راڻي جي وڇوڙي کان پوءِ درد جي هڪڙي الڳ ئي ڪيفيت مان گذري ٿي، جتي پنهنجي پاڻ سان ڳالهائيندي ڪڏهن ڪاڪ جي پنڌ جو ذڪر ڪري ٿي ته ڪڏهن سڄڻ بابت ويچاري ٿي، جتي هوءَ پرينءَ جي راهه تڪيندي هڪڙي درد ۽ سور واري حالت محسوس ڪندي ان جو انتظار ڪندي به نظر اچي ٿي.

ڪٿي محبوب جي رُسي وڃڻ جو ذڪ ان جي سيني ۾ چڪ لڳل محسوس ٿئي ٿو. جتي ان جو محبوب پرچي نه ٿو ۽ هوءَ اها پيڙا ظاهر ڪري ٿي. ڪٿي ڦٽل نصيب جو ذڪر ڪري محبوب جي ضد ۽ هٺَ بابت دانهيندي نظر اچي ٿي.

ڪٿــــي ڪنـــڌيءَ ڪـــاڪ، ڪِٿـــي
ڍوليـــــــــــــو ڍَٽ جـــــــــــو،
جيـــڏيون وَسِـــي چِيـــئن وئـــي، مـــون
مٿـــــــــــــي مـــــــــــــاڪَ،
تـارا تـاڙي تـاڪ، سـوڍو ويـو سُـڄ ڌِـي.
(83)

(ميـين شـاهه عنـات رضـويءَ جـو رسـالو:
2019ع: 126)

*

ڍوليــو هَلــي ڍٽ مــان، سـرتيون سـو نــه
سَـــــــــــــــــــــــــــرچي،
لڪــين ٽاٽــا ٽَــر لئــه، مُــون ڪــوٺي چــڏيا
خرچـــــــــــــــــــــــــــي،
بَــس مومــل جـــي چرچـــي، مينـــڌرو ويـــو،
مُلـــــــــــــــڪ مـــــــــــــــان. (84)

(ميـين شـاهه عنـات رضـويءَ جـو رسـالو:
2019ع: 126)

*

ويـــــو مينـــــڊرو مَٽـــــي، گهٽيرڙيـــــون
گُجريــــــــــــــــــــــــــــــــــون،
هَـٺُ ٻَـڌي هُـو ويـو، نـه ٿـو هَـٺَ هَٽـي،
مـون مُئـي کـي ڦَٽـي، جيـڏيون سـوڍو
جِيـــــــــــــــــئن ويـــــــــــــــو. (85)

(ميـين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 126)

مومل جي راڻي لاءِ اهڙي تڙپ، سِڪ ۽ درد واري ڪيفيت ميين شاهه عنات رضوي خوب بيان ڪري ٿو. پر مومل جي تڪليف سسئي جهڙي ڪونهي، جيڪا جبلن، پهاڙن ۽ پٿرن تي اگهاڙن پيرن سان سفر ڪندي پنهونءَ لاءِ لڇندي نظر ٿي اچي. سُر ديسي ۾ ميين شاهه عنات رضوي "سسئيءَ" جو پنهونءَ لاءِ بيان ڏيل حيرت زده آهي. جنهن ۾ سسئيءَ پنهونءَ جي تلاش ۾ رڻ لتاڙيا، جبل چڙهيا، پير پٿون ڪري تڪليفون سَٺيون. جنهن لاءِ ميين شاهه عنات رضوي دعا ڪري ٿو . جيڪا سخت پهاڙ اورانگهي ٿي، جتي نه ڪو وڻ آهي نه ڪا ڇانوَ لاءِ جاءِ، نه ڪو ڪيس رستي جي ڪا خبر آهي، پر پوءِ به هو پرينءَ جي وڇوڙي واري درد کي برداشت ڪندي ڪَٺن رستا ڪاٽي منزل طرف وڌي رهي آهي.

ڪَــرڙا ڏُونگــر ڪــيچ جــا، ڄِــتِ بيــدي
سُــــــــــــــــــــڃي ٻَــــــــــــــــــرُ،
آڻ ســــــوُنهِي "عنــــــاتُ" چئـــــــي،
ڏورينـــــــــــــــــدي ڏونگَــــــــــــــرُ،
ويچــاريَ کــي وَرُ، والــي! ميــڙج وَلَهــو.
(86)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 139)

*

ڪَــرڙا ڏونگــر ڪــيچ جــا، جِــتِ سُــڄڻ
تَــــــــــــــرَ نيلـــــــــــــا،
آچـــن اُت ”عِنـــاتُ“ چئـــي، هيڪَلـــيَ
جِيلـــــــــــــــــــــــــا،
جـــن جـــا وَر نـــه وَســـيلا، تـــن پاتـــاڙن
پيلـــــــــــــي ٿئـــــــــــين. (87)

(ميــين شــاهه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 139)

ڪٿي محبوب جي وڇوڙي جو درد آهي ته ڪٿي ان جي سارَ تارَ وانگر ڪُڪي اندر چيري رهي آهي. ڪٿي وري محبوب جو ڪُسڻ به جهوريندڙ آهي. جڏهن چارڻ پنهنجي ضد تي قائم رهيو، ۽ ڏياچَ جو سِرُ وٺڻ کان سواءِ ڪا به ٻي ڳالهه نه ٿي ٻڌائين، تڏهن سورٺ جو اندر درد سان پرجي ويو. سورٺ چئيس ٿي آيِ! چارڻ آخر ڇا کپي تو کي؟ ماڙيون، بنگلا، محلات، اهي قلعا ڪوٽ، موتي مُهرون، سونُ، زيورَ، جيڪو چوين تنهنجي پيرَن هيٺان رکان ۽ تو کي مالا مالَ ڪري ڇڏيان! پر ٻيلي تون راءِ ڏياچ جو سِر نه گُهر. ان ڳالهه تان مُڙي وڃ. ميين شاهه عنات رضوي ان وارتا کي هيئن بيان ڪري ٿو.

مَــاڙِيُون مــال مَهيلِيُــون، جَهــل قيمــت هِــي
ســـــــــــــين ڪـــــــــــــوٽ،
ماڻِـــڪ مــــوتي مُهـــرون، ڏِيـــن ٻيجليـــا

ڀھـــــــــــــــــــــــــــــــروٽ،
تنھـــنجن پيـــرن وٽ پيروزيـــون، چـــارڻ
كريـــــــــــــــــان چـــــــــــوٽ،
جـو گھٽِنئـي گھـوٽ، سـو مـاريّين چـِـمَ ٽُـون
مڱٽـــــــــــــــــــــــــــــــــــــا. (87)

(ميــين شــاھه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 153)

ڪيڏي نه بيوسيءَ جي ڪيفيت آهي، ڪيڏو نه دردناڪ منظر آهي. محبوب جو ڪُسجي وڃڻ، دنيا ختم ڪري ٿو ڇڏي. ڪٿي محبت ۾ درياھه پارَ به ڪرڻا پون ٿا. محبت ڪنهن به درياھه کي ليکي ئي نه ٿي، نه ئي رات جي اونداهي ان اڳيان ڪا اهميت رکي ٿي. پرينءَ جي ديدار لاءِ ڪنهنجو به ڳڏ هجڻ ضروري ڪونهي. درياھه ڪيڏو به تارَ چو نه هجي، محبت اڳيان سُڪو پَٽ پاسندو آهي. سهڻيءَ جي ميهارَ لاءِ سِڪ ۽ ان جي لاءِ اُٺ ٿُڻ پنهنجي پاڻ کان به وڌيڪ هئي. اها عشق جي درد جي باهِه ئي آهي، جيڪا اندر جَلائي ٿي ڇڏي، جيڪا وجود جا سمورا خول ساڙي پسم ڪري ڇڏي ٿي. عشق جو درد جسم جي ايذاءَ کان وڌيڪ ايذائيندڙ هوندو آهي.

هــوءَ جــا ٻــري باهِــه، مَــنّهن مِهــارَن
جـــــــــــــــــــــــــــــــــي،
اکيــون اُ اُهــاءَ، آچــن ڪُــنَ ڪَپينــديوُن.
(88)

(ميــين شــاھه عنــات رضــويءَ جــو رســالو:
2019ع: 165)

*

راتِ اُونـــداهي، ري گَهـــڙي نڪـــا سِـــيٽهه
ســـــــــــــــــــــــانڀُ،
وِجهـــي، ويـــرم نـــه ڪـــري، ڀِريـــان ڪـــارڻُ
پـــــــــــــــــــــــانڀُ،
محبـــت ڪـــي مِهـــراڻُ، سُـــڪِي ســـِپوئي
پـَــــــــــــــــت ٿِئـــــــــــــــو. (89)

(ميـــين شـــاهه عنـــات رضـــويءَ جـــو رســـالو:
2019ع: 165)

اهو درد جو جمالُ ئي آهي جيڪو انسان جي سِيني حواسن تي حاوي ٿي وڃي ٿو ۽ ڪيس زماني جي ڪا به سُڌ ئي نه ٿي رهي. جيڪو سِڪ ۽ سوز جو سامان بڻجي اڀري اچي ٿو. جيڪو نه رڳو سهڻيءَ کي اونداهه رات ۾ درياهه ۾ گِهڙڻ تي مجبور ڪري ٿو پر مارئي جي دانهن، مومل جي رڙ ۽ سسئي جو سُور تي سامهون اچي ٿو. ميين شاهه عنات وٽ درد جي جماليات ۾ ڪيئي حسين بيت موجود آهن. جيڪي رڳو عشقيه داستانن جو حصو ئي نه بلڪه عام رواجي درد جي صورت ۾ به موجود آهن.

## حوالا:


1: Budd Malcolm, “The Aesthetic Appreciation of nature”, Oxford University of press, N. York 2002, P: 03

2: سميجو اسحاق ڊاڪٽر، ڪتاب ”پلي ڪئي پؤنرن (مين شاهه عنات رضويءَ تي ٽيل پهرين ڪانفرنس جا مقالا)“، حضرت ميون شاهه عِناتؒ رضوي فائونڊيشن، 2021ع، ص: 98-99

3: مفتي تهمينه ڊاڪٽر، ”شاهه عنات رضويءَ جي ڪلام ۾ جمالياتي خاصيتن جو اڀياس“، 2022ع، ميين شاهه عنات رضويءَ ٽيندڙ ٻئين ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالو (اڻ ڇپيل)

4: شاهه، سيد، ضياء عباس، (واڌارا ۽ نئين ترتيب) ”مِيّين شاهه عِنات رضويءَ جو رسالو“، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع، ص: 9

5: ساڳيو

6: حسين، فهميده، ڊاڪٽر ”شاهه عبدالطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري“، سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل، شمارو ٻيو، جلد- ڇهون، اپريل-جون 2013ع، ص: 32

7: شاهه، سيد، ضياء عباس، (واڌارا ۽ نئين ترتيب) ”مِيّين شاهه عِنات رضويءَ جو رسالو“، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع، ص: 19

8: ساڳيو

9: ساڳيو

10: ساڳيو

11: ساڳيو

12: ساڳيو

13: ساڳيو

14: ساڳيو

15: ساڳيو

16: ساڳيو

17: ساڳيو

18: ساڳيو

19: ساڳيو

20: ساڳيو

21: ساڳيو

22: ساڳيو

23: سميجو اسحاق ڊاڪٽر، ڪتاب ”پلي ڪئي پؤنرن (مين شاهه عنات رضويءَ تي ٽيل پهرين ڪانفرنس جا مقالا)“، حضرت ميون شاهه عِناتؒ رضوي فائونڊيشن، 2021ع، ص: 78

24: شاهه، سيد، ضياء عباس، (واڌارا ۽ نئين ترتيب) ”مِيّين شاهه عِنات رضويءَ جو رسالو“، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع، ص: 155
25: ساڳيو
26: ساڳيو
27: ساڳيو
28: ساڳيو
29: ساڳيو
30: ساڳيو
31: ساڳيو
32: ساڳيو
33: ساڳيو
34: بلوچ. نبي. بخش. ڊاڪٽر، (تحقيق ۽ تصحيح) ”ميين شاهه عنات جو ڪلام“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2010ع ص: 361
35: شاهه، سيد، ضياء عباس، (واڌارا ۽ نئين ترتيب) ”مِيّين شاهه عِنات رضويءَ جو رسالو“، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع، ص: 170
36: ساڳيو
37: ساڳيو
38: ساڳيو
39: ساڳيو
40: ساڳيو
41: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر (تحقيق ۽ تصنيف) ”سنڌي سينگار شاعري“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1986ع، باب پهريون: ص: 11
42: مفتي، تهمينه، ڊاڪٽر ”شاهه عنات رضويءَ جي ڪلام ۾ جمالياتي خاصيتن جو اڀياس“، اڙ ڇپيل، ڊسمبر، 2022ع ص: 3
43: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر (تحقيق ۽ تصنيف) ”سنڌي سينگار شاعري“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1986ع، باب پهريون: ص: 18-17
44: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر (تحقيق ۽ تصنيف) ”سنڌي سينگار شاعري“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1986ع، باب پهريون: ص: 37-36
45: شاهه، سيد، ضياء عباس، (واڌارا ۽ نئين ترتيب) ”مِيّين شاهه عِنات رضويءَ جو رسالو“، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع، ص: 124
46: ساڳيو
47: ساڳيو
48: ساڳيو
49: ساڳيو

50: ساڳيو
51: سڏايو، غلام، نبي، ڊاڪٽر "شاهه لطيف جو علامتي شعور"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 205
52: شڪيل رحمٰن، "مير تقي مير جي جماليات"، عرفي پبليڪيشن، 2014ع، ص: 16
53: شاهه، سيد، ضياء عباس، (واڌارا ۽ نئين ترتيب) "مِيّين شاهه عِنات رضويءَ جو رسالو"، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع، ص: 19
54: ساڳيو
55: ساڳيو
56: ساڳيو
57: ساڳيو
58: ساڳيو
59: ساڳيو
60 : ساڳيا
61: سميجو اسحاق ڊاڪٽر، ڪتاب "پلي ڪئي پؤنرن (مين شاهه عنات رضويءَ تي ٿيل پهرين ڪانفرنس جا مقالا)"، حضرت ميون شاهه عِناتٌ رضوي فائونڊيشن، 2021ع، ص: 78
62: شاهه، سيد، ضياء عباس، (واڌارا ۽ نئين ترتيب) "مِيّين شاهه عِنات رضويءَ جو رسالو"، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع، ص: 19
63: ساڳيو
64: ساڳيو
65: ساڳيو
66: ساڳيو
67: ساڳيو
68: ساڳيو
69: ساڳيو
70: ساڳيو
71: ساڳيو
72: ساڳيو
73: ساڳيو
74: ساڳيو
75: ساڳيو
76: ساڳيو
77: ساڳيو
78: سميجو اسحاق ڊاڪٽر (مرتب) "پلي ڪئي پؤنرن (ميين شاهه عنات رضويءَ تي ٿيل پهرين ڪانفرنس جا مقالا)" حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2021ع، ص: 45

79: شاهه ضياء عباس سيد، ڪتاب ”ميين شاهه عنات روضويءَ جو رسالو (ترتيب)“، حضرت ميون شاهه عِناتُ رضوي فائونڊيشن، 2019ع، ص: 49

80: ساڳيو

81: ساڳيو

82: ساڳيو

83: ساڳيو

84: ساڳيو

85: ساڳيو

86: ساڳيو

87: ساڳيو

87: ساڳيو

88: ساڳيو

89: ساڳيو

باب پنجون

# نتيجا ۽ ببليوگرافي

## نتيجا (**Conclusions**)

تحقيق جا نتيجا تحقيق جي علمي ۽ تجزياتي ڇنڊڇاڻ مان حاصل ڪيا ويندا آهن. هن تحيق مان جيڪي نتيجا حاصل ٿيا آهن. انهن جو تفصيل مقالي ۾ موجود آهي، جن مان هتي چند پيش ڪجن ٿا.

- ❖ ميون شاهه عنات رضوي اهو پهريون سنڌي آساسي شاعر آهي، جنهن جو مڪمل رسالو مِلي ٿو. جيڪو ڪُل 22 سُرن تي مشتمل رسالو آهي، ڪلاسيڪل ادب ۾ هڪڙي نئين روايت ڇئي سگهجي ٿي.

- ميون شاهه عنات رضوي اهو پهريون شاعر آهي جنهن جي رسالي ۾ انيڪ موضوع ۽ نين روايتن جي نشاندهي ملي ٿي.
- ميون شاهه عنات رضوي اهو پهريون سنڌي ڪلاسيڪل شاعر آهي، جنهن کي شاعريءَ ۾ 'سُرن' جو مؤجد پڻ سڏيو وڃي ٿو. جنهن پنهنجي رسالي ۾ 469 بيت ۽ 42 وايون سرودن وار لکيون.
- مطالعي مان اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته ميون شاهه عنات رضوي ئي 'وائي' صنف جو موجد آهي.
- ميين شاهه عنات رضويءَ جي شاعريءَ جي مجموعي اڀياس بعد اها سُڌ پوي ٿي ته هُن سنڌي شعر کي هڪ نئون انداز ۽ معياري لهجو عطا ڪيو آهي.
- ميين شاهه عنات رضوي شاعريءَ ۾ نوان موضوع، نوان گهاڙيٽا، نيون صنفون، نيون تشبيهون ۽ نوان استعارا ڪم آندا آهن، جيڪي لپائيندڙ ۽ دلڪش آهن، جيڪي اڳ موجود سنڌي شاعريءَ ۾ ورلي هجن. جيئن تصوف جي شاعريءَ سان گڏ رومانوي شاعريءَ جو به بنياد وجهڻ، جنهن ۾ هن عشقيه داستانن کي عوامي لهجي ۾ پيش ڪيو.
- ميين شاهه عنات جي شاعريءَ جي خاص انفراديت سندس مضمون ۽ موضوع جي تبديلي آهي. اڳ جيڪا به شاعريءَ رچي وئي تنهن ۾ قصا، داستانَ، واقعا، جنگيون، تصوف، توحيد، طريقت، شريعت، دين، اخلاقيات، نصيحتون ۽ هدايتون وغيره جهڙا موضوع شامل هئا، پر ميين شاهه عنات انهن سڀني کان منفرد انداز اپنايو. اهو ئي سبب هو جو ميين عنات جي ڪلام ۾ ۽ ڪائنس اڳ موجود شاعرن جي ڪلام ۾ هڪڙو واضح فرق نظر آيو، جنهن ۾ موضوعاتي تبديلي، ٻوليءَ جي اثر انگيزي، پختگي ۽ رواني

گهٽي پُر اثر هئي. جنهن ميين عنات جي شاعريءَ کي هڪ فڪري حيثيت ڏياري.

- ❖ اپياس کان پوءِ اهو پڻ ثابت ٿيو آهي ته ميون شاهه عنات رضوي سُر وار بيت لکڻ جي روايت جو به باني آهي.
- ❖ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جيڪي ست سورميون ڳايون، سي به ان کان اڳ ميين شاهه عنات وٽ موجود هيون. شاهه عبداللطيف جا ڪيترائي ئي بيت ميين شاهه عنات جي اثر هيٺ محسوس ٿين ٿا.
- ❖ ميين شاهه عنات سنڌي اساسي شاعريءَ کي جيڪي به نوان رُخ ڏنا ۽ سنڌي شاعريءَ جا نوان قالب متعارف ڪرايا، انهن ۾ سِرفهرست رسالي جي ترتيب، سُرن لکڻ جي روايت، وائي، مدح ۽ مولود جهڙين صنفن کي شامل ڪري، شاعريءَ کي نوان گهاڙيٽا عطا ڪيا.
- ❖ ميون شاهه عنات رضوي همعصر شاعرن ۾ منفرد ۽ مختلف هئو. يقينن ميون شاهه عنات بعد جي شاعرن لاءِ مختلف قالب گهڙيا ۽ انهن لاءِ راهه هموار ڪرڻ سان گڏ، روايتي شاعريءَ جا رخ تبديل ڪري، ان ۾ نيون روايتون قائم ڪري پين بعد جي شاعرن لاءِ نئون ميدان سجايو.
- ❖ ميين شاهه عنات رضويءَ جو شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي ڀرپور اثر نظر اچي ٿو. هُن جيڪي موضوع پنهنجي شاعريءَ ۾ ڳايا، سي ئي شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ اسان کي نظر اچن ٿا. گڏوگڏ شاهه لطيف جا انيڪ شعر ۽ ان جا موضوع ميين شاهه عنات جي بيتن جي رنگ ۾ رچيل نظر اچن ٿا.
- ❖ سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ جماليات جي موضوع جي روايت، جن آساسي شاعرن کان ملي ٿي، انهن ۾ سرِفهرست قاضي قادن، مخدوم نوح، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو ۽ شاهه لطف الله قادري آهن. جن جي مختصر شاعريءَ جو مقالي ۾ تذڪرو ڪري ثابت به ڪيو ويو آهي.

- ميين شاهه عنات رضوي جي شاعريءَ ۾ جماليات جا انيڪ قسم موجود آهن. جن مان خاص ڪري فطرت جي جماليات، جسماني جماليات، سينگار جي جماليات، وجداني جماليات، درد جي جماليات، سِڪ جي جماليات، فني جماليات، نفسياتي جماليات، معروضي جماليات ۽ موضوعي جماليات وغيره شامل آهن. پر اسان جي مقالي اندر چند اهم جمالياتي قسمن جو ذڪر آهي. جنهن ۾ فطرت جي جماليات، جسماني جماليات، سينگار جي جماليات، درد جي جماليات ۽ سِڪ جي جماليات شامل آهن.
- فطرت جي جماليات ۾ ميين شاهه عنات رضوي وٽ اڀرندڙ لهندڙ سج، شفُق ۽ پرهَه، چوڏهينءَ جو چنڊ، چانڊوڪي، سمنڊ ۽ ان جو ڪنارو، درياهه ۽ ان جون ڇوليون، هوا ۽ ان جو احساس، سنڌوءَ جي مٿان چنڊ جو پاڇي جو عڪس، ڪڪرن جي قطار، برسات کان پوءِ مٿيءَ جي سڳنڌ، برسات کان پوءِ ڏوتل وڻ ٽڻ، گهرو نيرو آسمان، وسڪاري کان پوءِ پُرڪشش ماحول، پکين جون ٻوليون، ڪويل جي ڪوڪ، مور جو ٿهوڪو، ٻيل جو ٽلڻ، ڪبوتر جي اڏام، ماڪ جي شفافيت، ٿڌڙو ڇهاءُ، گلن جي خوشبوءِ ۽ سندن ڪوملتا جهڙا عڪس ملن ٿا.
- درد جي جماليات ۾ ميين شاهه عنات رضويءَ وٽ درد، غم، ڏک، اذيت، بي چيني، بيقراري، بي رُخي، بيوسي، بي زباني، همدردي ۽ پيڙا آهي، جيڪا درد جي جمال مان حاصل ٿئي ٿي.
- جسماني جماليات ۾ ميين شاهه عنات وٽ جسماني شڪل و شباهت، چهري جي حُسناڪي، اندازِ گفتگو، اکين جي سونهن، پيشانيءَ جي سونهن جو ذڪر ملي ٿو.
- سينگار جي جماليات ۾ ميين شاهه عنات وٽ عورت جا ظاهري اوصاف يا حُسن. جنهن ۾ محبوب جي ظاهري حسن، ان جي سينگار ۽ سجاوٽ جي

تعريف سان گڏ عورت جي جذبات، احساسات، ان جي نازن نکرن، ان جي عادتن ۽ ان جي حرڪات بابت ذڪر ملي ٿو.

- ❖ سِڪ جي جماليات ۾ ميين شاهه عنات وٽ پيار، محبت، عشق، بيچيني، بيقراري ۽ بيوسي وغيره ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. جنهن ۾ تَڙپ، تَمنا، خواهش ۽ پيارن جي سارَ شامل آهي.
- ❖ ميين شاهه عنات رضويءَ جي شاعريءَ ۾ اسان کي ڪيئي جمالياتي نُدرتون ۽ خوبيون نظر اچن ٿيون ۽ انهن سڀني کي مختصر ايم فل جي مقالي ۾ بيان ڪري نه ٿو سگهجي. تنهن ڪري اسان پنهنجي مقالي اندر صرف مٿين پنج اهم جمالياتي نُدرتن جو ذڪر ڪري نتيجا پيش ڪيا آهن.

# ببليوگرافي (**Biliography**)

1: اُم، ڪُلثوم، ڊاڪٽر، "**شاهه جي شاعريءَ ۾ استعاره ۽ تشبيهه نگاريءَ جو تحقيقي جائزو**"، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2004ع

2: بلوچ. نبي. بخش. ڊاڪٽر، (تحقيق ۽ تصحيح) "**ميين شاهه عنات جو ڪلام**"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2010ع

3: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، "**سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ**"، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 1999ع

4: بلوچ. نبي. بخش. خان ڊاڪٽر، "**مفصل سنڌي لغت**" (جلد چوٿون)، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد، سنڌ، 2018ع

5: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر (تحقيق ۽ تصنيف) "**سنڌي سينگار شاعري**"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1986ع

6: بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، "**روشني: شاهه لطيف جي ڪلام جي لغت**"، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد، 2017ع

7: بلوچ، نبي، بخش، ڊاڪٽر، "**شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام (تحقيق ۽ تصحيح)**"، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2010ع

8: بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "**جامع سنڌي لغات**"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1984ع

9: بلوچ، نبي، بخش، ڊاڪٽر، (تحقيق ۽ تصنيف) "**قاضي قادن جو رسالو**"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1999ع

10: بيگ، مرزا، قليچ، "**سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ جي مختصر جاگرافي**"، شمس العلما مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 2019ع

11: ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، "**ادب جا فڪري محرڪ**"، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، 1984ع

12: ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، "**تنقيدون**"، سنڌ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1979ع

13: ٺٽوي، قانع، مير، علي، شير، "**تحفته الڪرام**"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ڇاپو پنجون، 2004ع

14: ٺڪر هيرو، "**قاضي قادن جو ڪلام**"، سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد، 1996ع

15: جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "**سنڌي ادب جي تاريخ (جلد پهريون)**"، سنڌي لينگوئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2004ع

16: جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "**سنڌي ادب جي تاريخ (جلد ٻيون)**"، سنڌي لينگوئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2005ع

17: جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "**سنڌي ادب جي تاريخ (جلد ٽيون)**"، سنڌي لينگوئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2006ع

18: جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "**سنڌي ادب جي مختصر تاريخ**"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1994ع، ص: 72

19: جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "**سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر**"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1980ع

20: جويو، ابراهيم، (مرتب) "**سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعريءَ جو آڳاٽو دؤر**"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو

21: جويو، خاڪي، "**ترقي پسند ادب جا معيار**"، ساڄاهه پبليڪيشن، حيدرآباد، 2008ع

22: چانڊيو جامي (مرتب)، "**ڪلاسيڪي ۽ جديد سنڌي شاعري**"، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2007ع

23: چانڊيو جامي، "**ادبي تنقيد جا محرڪ ۽ سماجي ڪارج**"، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، 2018ع

24: حسين، فهميده، ڊاڪٽر، "**سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت**"، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، 2004ع

25: حسين، فهميده، ڊاڪٽر، "**شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ**"، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 1993ع

26: حسين، فهميده، ڊاڪٽر، "**ادبي تنقيد فن ۽ تاريخ**"، سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي، 1997ع

27: دانش، احسان، ڊاڪٽر، "**شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي اڀياس**"، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومتِ سنڌ، 2016ع

28: ڏاهري عرفان، ڪتاب "**مِيين عنات جي شاعريءَ ۾ رومانويت (ايم سنڌي مونوگراف)**"، حضرت ميون شاهه عِناتُ رضوي فائونڊيشن، 2021ع.

29: سڌايو، غلام، نبي، ڊاڪٽر "**شاهه لطيف جو علامتي شعور**"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2007ع

30: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب) "**ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن: ميون شاهه عنات رضوي (هڪ اڀياس)**"، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع

31: سميجو. اسحاق. ڊاڪٽر، (مرتب) "**پلي ڪئي پؤنرن (ميين شاهه عنات رضويءَ تي ٽيل پهرين ڪانفرنس جا مقالا)**"، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2021ع

32: سميجو، سعيد، ڪتاب "**ميين عنات جو چونڊ ڪلام (چونڊ)**"، حضرت ميون شاهه عِناتؒ رضوي فائونڊيشن، 2019ع

33: سنڌي ميمڻ عبدالمجيد "**سنڌي ادب جو تاريخي جائزو**"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2013ع

34: سنڌيلو. عبدالڪريم. ڊاڪٽر، "**لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو**"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشور، 1997ع

35: سنڌيلو. عبدالڪريم. ڊاڪٽر، "**تحقيق لغات سنڌي**" (جلد ٽيون)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1963ع

: سنڌي، ميمڻ عبدالمجيد، ڊاڪٽر، "**شاهه ڪريم جو ڪلام**"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 200736ع

37: سيواڻي، شڪنتلا، "**شاهه جي جمالياتي شاعري جو تحقيقي جائزو**"، (پي ايڇ ڊي مقالو)، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 1992ع

38: شاهاڻي، راز، "**ڪلاسيڪي شاعري (فلسفو ۽ تاريخ)**"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2019ع

39: حيدري، شمشير، "**سنڌي شاعريءَ جو اڀياس**"، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2012ع

40: شاهه، سيد، ضياء عباس، (واڌارا ۽ نئين ترتيب) "**مِيّين شاهه عِنات رضويءَ جو رسالو**"، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع

41: عباسي، تنوير، "**شاهه لطيف جي شاعري**"، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1989ع

42: عباسي ظفر، "**شاعريءَ جون صنفون**"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1996ع

43: قدوسي، اعجاز الحق (سنڌيڪار: خالد ويسر)، "**سنڌ جي تاريخ**" ، مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو پهريو، 2007ع

44: گربخشاڻي، هوتچند، مولچند، "**شاهه جو رسالو"، (ٽي جلدن ۾)**، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڪميٽي، حيدرآباد، 1979ع

45: گربخشاڻي، هوتچند، مولچند، "**شاهه جو رسالو"، (چار جلدن ۾)**، آر. ايچ، احمد ائنڊ برادرس بوڪ سيلرس، پبلشرز، شاهي بازار، حيدرآباد، 1967ع

46: لاکو، غلام محمد، "**ڪلهوڙا دور حڪومت**"، انجمن عباسيه پاڪستان، ڪراچي، 2004ع

47: لاکو، غلام محمد، "**سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو**"، مارئي سماجي سنگت، ڪراچي، 1997ع

48: لغاري. اڪبر، "**فلسفي جي مختصر تاريخ**"، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 2003ع

49: لغاري. اڪبر، "**سنڌي ادب جو مختصر جائزو**"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2010ع

50: لغاري، 'عابد'، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "**سنڌي شاعريءَ جي مختصر تاريخ**"، مهراڻ اڪيڊمي واڳٽودر، شڪارپور، 1999ع

51: لطيف. فياض. ڊاڪٽر، "**شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات" (پي ايچ ڊي مقالو)**، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشور، 2018ع

52: لطيف. فياض. ڊاڪٽر، "**شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو جمال" (ترتيب ۽ تدوين)**، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2017ع

53: مانجهي، محمد، علي، ڊاڪٽر، "**صوفي شاهه عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر**"، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2010ع

54: مانجهي محمد علي ڊاڪٽر، ڪتاب "**ڊاڪٽر بلوچ جا مقالا، تاريخ، ٻولي، ادب ۽ شخصيتون** (سهيڙيندڙ) ، ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽوٽ آف هيريٽيج ريسرچ، ڄامشورو، ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو، 2019ع.

55: محرم، خان، پروفيسر، "**سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري**"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2007ع

56: مهراڻوي. شير. ڊاڪٽر، "**شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات" (پي ايچ ڊي مقالو)**، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2013ع،

57: مهراڻوي، شير، ڊاڪٽر، "**جماليات: تنقيدي جائزو**"، سوجهرو پبليڪيشن، ڪراچي، 2016ع

58: ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر، "**سنڌي ادب جو فڪري پس منظر**"، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيارو ادارو، حيدرآباد، 2017ع

59: ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، ”**شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ فطرت جا رنگ**“، ثقافت ۽ سياحت کاتو، 2014ع

60: ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، ”**لطيفي لاٽ (سنڌي ڪلاسيڪل شاعري جو گڏيل اڀياس)**“، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 2001ع

61: ميمڻ، خان بهادر، صديق، ”**سنڌي ادب جو مختصر جائزو**“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽيون ڇاپو، 1997ع

62: ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر، ”**سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس**“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1996ع

63: ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر، ”**سنڌي ادب جو تاريخي جائزو**“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2013ع.

64: نظاماڻي، الله، بخش، ”**سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ**“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1981ع

65: هَڪڙو، انور، فگار، ڊاڪٽر (مرتب) ”**ادب، زندگي ۽ سماج**“، مهراڻ اڪيڊمي، 2006ع

## مقالا:

1: انور فگار ڊاڪٽر، مقالو : ”**اعليٰ سنڌي آساسي شاعريءَ جي تحقيق ۽ ترتيب لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جون ڪيل خدمتون**“، ڪينجهر تحقيقي جرنل، شمارو –20، 2017ع، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، سنڌ.

2: حسين، فهميده، ڊاڪٽر "**شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري**"، سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل، شمارو ٻيو، جلد- ڇهون، اپريل-جون 2013ع

3: حيدري، شمشير، (مقالو)، "**سنڌي شاعري ۾ جماليات**"، سنگت شاعري نمبر، سنڌي ادبي سنگت سنڌ، 1994ع

4: دانش احسان ڊاڪٽر، مقالو : "**شاهه لطيف کان اڳ واري اساسي شاعريءَ جو سماجي اڀياس**"، قليچ تحقيقي جرنل، جلد – 1، شمارو –1، 2015ع، شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، سنڌ

5: دائيداڻو عبداللطيف، مقالو : "**سنڌي ڪلاسيڪل وائي ۽ ميون شاهه عنات رضوي**"، سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل، شمارو –ٻيو، 2021ع، سنڌي ٻولي اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ

6: فيض، احمد، فيض، مقالو : "**جماليات ۽ شاعريءَ جا قدر**"، ماهوار ڪينجهر تحقيقي جرنل، 1993ع

7: ڪومل. لڇمڻ، مقالو : "**سنڌي شاعريءَ جو جمالياتي پهلو ۽ پس منظر**"، ڪلاچي تحقيقي جرنل، جلد – 15، شمارو –2، ڊسمبر 2012ع، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي

8: لطيف فياض ڊاڪٽر، مقالو : "**ادب، شاعري ۽ جماليات جو سُڀنڊ**"، قليچ تحقيقي جرنل، جلد – 1، شمارو –1، 2015ع، شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، سنڌ.

9: لطيف، فياض، ڊاڪٽر، "**شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ اساسي صنفن ۾ جماليات**"، ڪلاچي تحقيقي جرنل، شمارو پهريون، جون 2013ع

10: مانجهي، محمد علي، ڊاڪٽر، "**شاهه عنات رضويءَ جي شاعريءَ ۾ جماليات**"، ڪينجهر تحقيقي جرنل، آڪٽوبر 1994ع

11: مفتي تهمينه ڊاڪٽر، "**شاهه عنات رضويءَ جي ڪلام ۾ جمالياتي خاصيتن جو اڀياس**"، 2022ع، ميين شاهه عنات رضويءَ ٿيندڙ ٻئين ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالو (اڻ ڇپيل)

<u>رسالا:</u>

1: تحقيقي جرنل **ڪينجهر،** سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.

2: تحقيقي جرنل **ڪلاچي،** سنڌي شعبو، شاهه عبداللطيف چيئر، يونيورسٽي آف ڪراچي.

3: تحقيقي جرنل **ڪارونجهر،** وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي.

4: ٽه ماهي **مهراڻ**، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.

5: **ماهوار نئين زندگي**، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.

<u>اردو ڪتابيات:</u>

1: **"اردو کي پهلي آن لائن لغت"**، قومي تاريخ و ادبي ورثه ڊويزن، حڪومت پاڪستان، 2017ع

2: حسين فاخر، **"مضامينِ جماليات"**، نگارشات، لاهور، 1988ع

3: رازي، ارشد، محمد (ترجمه)، رچرڊ ڊاڪٽر، **"سائنس اور شعري جماليات"**، مشعل باڪس، عوامي ڪامپليڪس، لاهور، 2005ع

4: رضوي سيد علي، **"جماليات ايک مطالعه"**، مڪتبه نيا ادب، ڪراچي، 1987ع

5: رفيق سعيد احمد پروفيسر، **"تاريخِ جماليات"**، زمرد پبليڪيشنز، ڪوئٽه، 2000ع

6: رفيق سعيد احمد پروفيسر، **"حقيقتِ حسن"**، قلات پبلشرز، ڪوئٽه، 1979ع

7: شريف ميان محمد، **"جماليات که تين نظريي"**، مجلس ترقي ادب، لاهور، 1963ع

8: شڪيل رحمٰن، **"مير تقي مير جي جمياليات"**، عرفي پبليڪيشن، 2014ع

9: فيروز الدين، مولوي، (مرتب): **"فيروز اللغات اردو"**، فيروز سنز، لاهور
10: ناصر، نصير احمد، ڊاڪٽر، **"جماليات قرآن ڪي روشني مين"**، نيشنل بک فائونڊيشن، اسلامه آباد، 1976ع
11: ناصر، نصير احمد، ڊاڪٽر، **"آرزو ۽ حُسن"**، فيروز سنز لميٽڊ، لاهور

## English Books:

1: Budd Malcolm, "The Aesthetic Appreciation of nature", Oxford University of press, N. York 2002, P: 03
2: David & Cooper, "Aesthetic: The Classic reading", Blackwell, 1997.
3: **English wikitionary** Availble under CC-BY-SA License.
http:/www.yourdictionary.com/nature#EHQKu2VYmlcKx5S8.9
4: **Literary Terms. Analogy:** Literary terms. 1 June 2015, Web. 3 Nov. 2016
5: Monoroec Beardsly, "Aesthetic from classical greece to the present", University of Alabama, 1975.
http://literaryterms.net/
6: **Oxford Adavanced Leaner,s Dictionary of current English**. A.S Hornby.
(Eigth Edition 2010), OXFORD UNIVERSITY PRESS)
7: **The American Heritage Dictionary of the English Language,** Fifith Edition by the editors of the American Heritage, Dictionaries. Copyright 2016, 2011 Published by Houghton Mifflin Harcourt Publishing Company.
8: **Wikipedia, the free encyclopedia:** http://en.wikipedia.org/wiki/aesthetic

## Sindhi Websites:

https://dic.sindhila.edu.pk

http://www.sindhiadabiboard.org/Index.html

https://www.sindh.org

https://roshnipublication.blogspot.com/?view=flipcard

https://sindhica.org

https://el.sindhculture.gov.pk

http://library.sindhila.org/kitab?number=46&view=1328